# سنڌي لازمي (ٻارهين) ڪلاس لاءِ

## (شاگردن لاءِ نوٽس)

❋

### سنڌ سلامت ڪتاب گھر جو ڪتاب نمبر: 43

نالو: سنڌي لازمي ٻارهين ڪلاس لاء (نوٽس)

سهيڙيندڙ: عبدالحئي سومرو

ڪمپوزنگ: گُل حسن لاڪو

# سنڌ سلامت ڪتاب گھر

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءِ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** متعارف ڪرائڻ جو جيڪو سسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو **ٽيتاليهون** (43) ڪتاب **سنڌي لازمي ٻارهين ڪلاس لاءِ (نوٽس)** شاگردن لاءِ پيش ڪجي ٿو.

هن نوٽس جي سهيڙ **سائين عبدالحئي سومرو صاحب** جي محنتن جو نتيجو آهي، جڏهن ته ڪمپوزنگ سنڌ سلامت جي مانواري ميمبر **گل حسن لاڪو** جي ڪوشش جو ثمر آهي. اسان ڪوشش ۾ آهيون ته سنڌي شاگردن لاءِ خاص نوٽس ۽ سائنسي معلومات فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪيون.

اوهان سڀني دوستن، پاٺڪن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
salamatsindh@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# سنڌي لازمي (نوٽس)

## ٻارهين ڪلاس لاءِ



سهيڙيندڙ
سائين عبدالحئي سومرو

ڪمپوزيشن
گل حسن لاڪو

# فهرست

| سيريل نمبر | مضمون | صفحو |
|---|---|---|
| 1 | سبقن تي نوٽ | 05 |
| 2 | شاعرن تي نوٽ | 23 |
| 3 | اشتقاق | 31 |
| 4 | شخصيتن تي نوٽ | 36 |
| 5 | اصطلاح | 41 |
| 6 | مضمون | 48 |
| 7 | دورن جو جائزو | 54 |
| 8 | عام شاعري | 66 |
| 9 | شاعري جا اصطلاح ۽ صنفون | 69 |
| 10 | بيتن جون سمجهاڻيون | 81 |
| 11 | ناول جو حصو | 112 |
| 12 | گرامر جو حصو | 119 |

# سبق تي نوٽ

## 1.1 قومي جذبو ۽ قومي اخلاق

حڪيم محمد فتح سيوهاڻي

هن مضمون ۾ ليکڪ قومن جي عروج تي، قومي جذبي ۽ قومي اخلاق جي ڪردار کي مختلف پهلوئن سان بيان ڪيو آهي.

حڪيم صاحب فرمائي ٿو تہ اهڙو نڪ نرجو ۽ نرالو انسان مشڪل سان ملندو جنهن کي متي مائٽي جو جذبو نہ هجي ڇو تہ اها انسان جي پيدائشي خاصيت آهي. اهو ئي سبب آهي جو هو جڏهن ڪنهن عزيز کي مشڪل ۾ ڏسندو آهي تہ پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي بہ ان جي مشڪل دور ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندو آهي يا ان جي تڪليف کي پنهنجي تڪليف محسوس ڪندو آهي. ساڳئيءَ طرح جڏهن گهڻيون قومون محبت ۽ ٻڌيءَ جي ناتن ۾ ڳنڍجي وڃن ٿيون تہ انهن ۾ بہ اهو ساڳيو جذبوپيدا ٿي وڃي ٿو. يعني سيئي قومون گڏجي هڪ قوم ٿيو پون. انهن گڏيل قومن جي گلدستي ۾ اها ئي مائٽي واري خوشبوءِ پيدا ٿي وڃي ٿي.

قوميت ۽ قومي جذبي واري قوم تي ڪو ڌاريو حاڪم نہ ٻڌجي سگهندو آهي.حڪيم صاحب ڪتاب "مقدمہ ابن خلدون" جو حوالو ڏيندي چوي ٿو تہ قوميت ۽ قومي جذبو قومن لاءِ هڪ وڏي عزت ۽ انهن جي بچاءَ لاءِ محڪم قلعو آهي. هو وڌيڪ لکي ٿو تہ جڏهن قوم مان قومي جوش ۽ جذبو فنا ٿي يا گهٽجي ويو تہ اها قوم غلام ٿجي ويندي. ان لاءِ لازم آهي تہ قوميت ۽ قومي جذبي کي ناس ٿيڻ کان بچائجي.

جڏهن ڪا قوم ٻئي قوم جي حڪومت هيٺ رهي، عيش ۽ آرام ۾ مبتلا ٿي وڃي ٿي، تڏهن ان جو مقصد صرف دولت ڪمائڻ ۽ محلاتون اڏائڻ رهجي وڃي ٿو ۽ نتيجو اهو ٿو نڪري ته انهن مان قوميت ۽ قومي جذبو ختم ٿي وڃي ٿوءِ هو غلامي واري زندگي گذارڻ تي مجبور ٿي وڃن ٿا. اهڙي طرح اها قوم زنده لاش وانگر زمين تي گهمندي نظر اچي ٿي. انهن جو اولاد وڏن جي غلاميءَ سببان بزدل رهي ٿو. مرد زالن وانگر ۽ زالون جنازن وانگر ٿيو پون.

انهيءَ لاءِ لازم آهي ته عيش ۽ آرام کي ترڪ ڪجي چو ته عيش عشرت قومي جذبي لاءِ اهڙو قاتل زهر آهي جيڪو انسان کي پنهنجي انساني ۽ قومي حقن کان محروم ڪري ڇڏي ٿو. ان ڪري انسان نه صرف جسماني طور پر روحاني طور پڻ تباهه ۽ برباد ٿي وڃي ٿو.

سٺا اخلاق ۽ سٺيون عادتون انسانيت جون نشانيون آهن، جنهن ۾ اهي خوبيون ناهن اهو وحشي ۽ حيوان سڏجي ٿو. چو ته انسان اهو آهي جيڪو نيڪ لاڙن ڏانهن سوچي. نيڪ اخلاق حڪومت ڪرڻ ۽ انتظام هلائڻ لاءِ ضروري آهن. چو ته الله تعالىٰ جنهن قوم کي حڪومت ڏيڻ گهري ٿو ته پهرين ان جي عادتن ۽ لڇڻن کي سنواري ٿوءِ جڏهن ڪنهن قوم کان حڪومت کسيندو آهي ته ان جي اخلاقي حالت خراب ٿيو وڃي ۽ الله تعالىٰ پنهنجي مهرباني جي ڇانو انهن تان هٽائي ڇڏي ٿو. جيڪڏهن مٿيون ڄاڻايل خوبيون ۽ خاميون ڪنهن قوم ۾ نظر اچن ته پڪ ڄاڻو ته حڪومت تبديل پئي ٿئي چو ته اهو خدا جو قانون آهي.

## 2. ٻولي ۽ ان جون ادبي خوبيون

حڪيم محمد فتح سيوهاڻي

هي مضمون حڪيم محمد فتح سيوهاڻي جي ڪتاب "آفتاب ادب" مان ورتو ويو آهي.

پهريان سمجهڻ گهرجي ته ته ٻولي ڇا آهي؟ ٻولي اهڙي تلفظي ۽معنىٰ دار آوازن کي چئبو آهي جو هڪ ڳالهائي ته هم زبان سندس مطلب پوري طرح سمجهي سگهي، پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڳالهائي ۽ هم زبان سندس مطلب نه سمجهي ته اها ٻولي صرف ڳالهائڻ واري لاءِ آهي، پر عام ٻولي نه آهي. عام ٻولي اها آهي جيڪا ننڍو ڳالهائي ته وڏو سمجهي، گونگو ڳالهائي ته

شهري سمجهي، پڙهيل ڳالهائي ته اڻ پڙهيل سمجهي. مطلب ته عام ٻولي اها آهي جيڪا هرڪو سمجهي سگهي ته ان کي نج ٻولي چئبو آهي.

ادبي ٻولي جو درجو عام ٻوليءَ کان بالا ۽ برتر آهي ان کي "ادبي يا ساهتيه" سڏبو آهي. جيڪا ٻولي اُن درجي تي پهچي گلزار بنجيو پوي. مطلب ته اهو باغ خوبين ۽ خاصيتن جي ڪري چمڪيو پوي.

ادبي ٻوليءَ ۾ ادب زبان جو زيور آهيءِ ساهت ٻوليءَ جو سينگار، ادب ڪمال جو ڪلام آهي ته ساهت ٻوليءَ جوساهه آهي. دنيا ۾ ڪيترين ئي ٻوليون آهن جن مان ڪي ادبي ته ڪي جهنگلي آهن. جهنگلي ٻولين ۾ ادب ۽ ساهت جو ذخيرو نه هوندو آهي. پر ادبي ٻوليءَ ۾ اهو ذخيرو تمام گهڻو هوندو آهي.

ڪي ادبي ٻوليءَ جون لياقتون هيٺ ڏجن ٿيون. انهن لياقتن جي ڪسوٽيءَ تي ٻوليءَ کي پرکڻ سان ئي ادبي هجڻ يا نه هجڻ جي خبر پوي ٿي.

1. سريلا آواز

ادبي ٻولي جي لفظن ۽ حرفن جا آواز بدآواز جانورن جهڙا نه هجن بلڪ سريلا ۽ سوادي هجن.

2. فصاحت ۽ بلاغت

ادبي زبان ۾ محاورا، ڪنايا، اصطلاح، تشبيهون، مثال ۽ پهاڪا گهڻا هوندا آهن.

3. هر شيءِ جا نالا ۽ هر معنىٰ لاءِ لفظ

ادبي ٻوليءَ ۾ هر شيءِ جا نالا ۽ معنىٰ وارا لفظ هئڻ گهرجن نه ته ٻين ٻولين مان لفظ وٺي پورائو ڪجي.

4. لفظ جون گهڻيون معنائون

ادبي زبان ۾ اها به خاصيت آهي ته ان ۾ هڪ لفظ جون گهڻيون معنائون هجن.

5. هم قافيه ۽ ٽُڪ پائي لفظ

ادبي زبان ۾ هم قافيه ۽ ٽُڪ پائي لفظ ۽ تجنيس حرفي وارا لفظ ان جي خوبين ۾ شامل آهن.

6. ٻين ٻولين جا اکر جذب ڪرڻ

ادبي زبان ڌارين ٻولين جا لفظ پنهنجا لفظ ڪري وٺندي آهي. توڙي جو هن وٽ لفظن جي کوٽ نه هوندي آهي پر ساهت وڌائڻ لاءِ بنا ھٻڪ جي مدد وٺڻ ۾ عيب نه سمجهندي آهي.

7. ٻين ٻولين کي لفظ ڏيڻ

جهڙي طرح ادبي ٻولي ٻين ٻولين جا لفظ وٺي ٿي تهڙي طرح پنهنجا لفظ ڏيڻ ۾ ڪنجوسي به نه ڪندي آهي.

8. سائنسي اصطلاح

جهڙي طرح دنيا ترقي پئي ڪري تهڙي طرح روز سائنس جون ايجادون پيون ٿين ۽ انهن جا نالا پڻ ادبي ٻولي شامل ڪري ٿي.

9. انسائڪلوپيڊيا تيار ڪرڻ

ادبي زبان ۾ علمن ۽ هنرن جو ذخيرو تيار ڪري سگهجي ٿو.

10. گرامر موجود هئڻ

اَدبي زبان ۾ صَرف ۽ نَحو جا قاعدا جانچبا تہ گھٽا ملندا، جن ڪي ترتيب ڏئي عملي صورت ۾ آڻي سگھجي ٿو.

# 3. شاهہ جو شعر ۽ شاعري

ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي

هي مضمون ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي جي ڪتاب "مقدمہ لطيفي" مان ورتو ويو آهي. جنهن ۾ هو شاهہ ڀٽائي جي ذات ۽ سندس شاعري جو تذڪرو ڪري ٿو.

هو لکي ٿو تہ سنڌ ۾ شاعرن جي ڪا ڪمي ناهي ڇو تہ جيستائين حسن ۽ حق، عشق ۽ خوبي دنيا ۾ موجود آهن، تيستائين شعر جو ميدان گرم رهندو ڇو تہ شعر نيڪ نيتن، پاڪ خيالن ۽ عشق جي اُمنگن جو ترجمان آهي.

اوهان سچل، سامي، بيدل، بيڪس، يوسف ۽ صادق جا نالا ضرور ٻڌا هوندا، هر هڪ جي ڪمال ۾ پنهنجي پنهنجي لذت آهي پر شاهہ لطيف جهڙو هر وجہ ڪامل ۽ هر دل عزيز شاعر اجا پيدا نہ ٿيو آهي. نہ آئينده ٿيندو، ڇو تہ سندس شاعراڻي "خستوري جي خوشبوءِ سڀ ولات واسي ڇڏي آهي."شاهہ جي شاعري ۾ تصوّف گهرائي ۾ آهي، سليس بہ آهي تہ جديد بہ آهي. شاهہ سائين جو قول آهي تہ

جي تو بيتَ ڀانئيا، ســـي آيتون آهين،
نِيو مَن لائين، پِريان سندي پـــار ڏي.

ڪنهن بہ شاعر جي بزرگي ايتري قدر قبول ڪئي ويندي جيتري قدر ان ۾ جمال جي مشاهدي ماڻڻ جي قوّت هوندي آهي. جمال جا ڪيترائي قسم آهن. مثلاً طبعي، جسماني، اخلاقي ۽ روحاني پر حقيقت ۾ سيني جو مول هڪ ئي آهي. شاعريءَ جي حالت ۾ پهريون اثر حسن جي مشاهدي ڪري پيدا ٿيو آهي ۽ شاعر محبوب جي صورت ۾ گم ٿي پنهنجي شخصيت کي وساري ڇڏي ٿو.

هڪ اعليٰ ۽ ڪامل شاعر جي هڪ اها صنف آهي تہ هو پنهنجي شعر ۾ خاص قسم جون ترڪيبون استعمال ڪندو آهي ۽ شعرن ۾ اصطلاح، پهاڪا ۽ تشبيهون وجهي شعر جو حسن وڌائيندو آهي. اهڙي طرح سان ڪجھ خاصيتون هيٺ بيان ڪجن ٿيون.

**1. فصاحت:**

فصيح ڪلام اهو آهي جنهن ۾ هرهڪ لفظ اهڙو ڪم آندو وڃي جنهن جي اُچار ۾ ڪا اٽڪ نہ ٿئي.

.2 **بلاغت:**

اها آهي ته شاعر جو ڪلام وقت ۽ حالت مطابق هجي. انسان ۾ طرح طرح جا جذبا ٿين ٿا. ڪڏهن غم ۽ غصّو، ته ڪڏهن ڪِلَ ۽ خوشي وغيره. هڪ سٺي شاعر ۾ انهن سڀني حالتن کي بهتر نموني پيش ڪرڻ جو گُر هجي.

.3 **سلاست:**

سلاست جي معنىٰ آهي ڪلام ۾ اهڙا لفظ ڪم آيل هجن، جيڪي روزمره ماڻهو استعمال ڪن ٿا. استعارا، تشبيهون ۽ ٻيون صنفون ڪلامي، ساديون هجن جيئن هر ڪو سمجهي سگهي.

.4 **جدّت:**

جدت مان مراد شاعر اهڙا مضمون ڪٺي جن تي ڪنهن طبع آزمائي نه ڪئي هجي پر جيڪڏهن ڪئي هجي ته ايئن محسوس نه ٿئي ته ڪو نقل ڪيو اٿس.

ڊاڪٽر گر بخشاڻي اِهي خاصيتون بيان ڪري وري شاهه لطيف جي شاعري طرف نظر ڪري ٿو ته اُهي سڀ خاصيتون شاهه جي شاعريءَ ۾ وڏي درجي ۾ ملن ٿيون. جڏهن ته ٻين رواجي شاعرن جي ڪلام ۾ رڳو حسن جون هاڪون ، عشق جون صدائون يا رڳو تصوف ۽ وحدانيت جي واڪاڻ آهي. اهو حال نه رڳو سنڌي شاعرن جو آهي پر ڏکڻ ايشيا جي شاعرن جو پڻ ساڳيو حال آهي.

آخر ۾ ليکڪ چوي ٿو ته شاهه جي ذات باڪمال آهي. شاعرن جي صف ۾ ڏسبو ته شاهه "شاهه شاعرن جوشهنشاهه" نظر ايندو. صوفين ۾ ڏسبو ته فاني في الله آهي ۽ جيڪڏهن عاشقن ۾ ڏسبو ته عاشقن جو سردار نظر اچي ٿو، چو ته سندس ڪماليت جو دامن تمام وسيع آهي.

# .4 پاڪستاني قوميت جو مقصد

مترجم علي نواز جتوئي

هي مضمون پاڪستان جي پهرئين وزير اعظم لياقت علي خان جي تقرير تان ترجمو ڪري پيش ڪيو ويو آهي. پاڻ قومي درد رکندڙ باهمت انسان هو. سندس تقريرون پاڪستاني قوم لاءِ پيغام جي حيثيت رکن ٿيون.

شهيد ملت جي خيال مطابق " پاڪستاني قوميت هڪ اهڙي گڏيل نظام کي چئجي ٿو جنهن جو بنياد عدل ۽ انصاف، ڀائپي ۽ برادري جي اصولن تي ٻڌل هجي."

الله تعالىٰ انسان کي اشرف المخلوقات ڪري خلقيو آهي، انهيءَ لاءِ ته دنيا ۾ هو باعزت زندگي گذاري. اها قوم جيڪا انصاف کي هٿان نه ڇڏيندي يقيناً وڏي مان مرتبي واري ليکبي.

پاڪستان به ان ڪري وجود ۾ آيو ته جيئن اسين انصاف مساوات ۽ انساني اخوت ڪي قائم ڪري سگهون. اسان جي اها جدوجهد ڪامياب ٿي چڪي آهي. هاڻي اسان جو فرض آهي ته انهيءَ تخيل کي عملي جامو پهرايون ۽ الله تعاليٰ جي وحدانيت ۾ يقين رکڻ ۽ اسلامي قانونن جي پابندي ڪرڻ سان زندگي جي سفر کي هڪ طرف آسان بڻائي سگهجي ٿو ته ٻئي طرف نفس جي پاڪائي، جسماني صفائي لاءِ راهه هموار ڪري سگهجي ٿي. اهو سڀ ٻڌيءَ سان قائم ڪري سگهجي ٿو. ذاتي مفاد کي قومي مفاد تي ترجيع ڏيڻ گهرجي. جو ته هاڻي غلاميءَ واري زندگي ختم ٿي چڪي آهي. بس جنگ ۽ خون جي عالمگير بيماري جي دوا انساني اخوت ۽ سماجي پائيپي ۾ رکيل آهي.

لياقت علي خان تقرير جي ٻئي حصي ۾ انهن ماڻهن کي مبارڪباد ڏئي ٿو، جن پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو آهي، جو اهي ئي مستقبل جا معمار آهن. هو وڌيڪ چوي ٿو ته مسلمان قوم پختو عزم رکندڙ قوم آهي. ڪين انگريزن کان پوءِ هندن جو خطروهڪ دٻاءَ جي صورت جيان ذهن تي سوار ٿيو پر هو ان امتحان ۾ به پاس ٿيا. اسان جي روايتي زندگيءَ ۾ اها ڳالهه داخل آهي ته عالمن،فاضلن، مفڪرن ۽ معلمن جي عزت ڪئي وڃي، پر غلامي واري دور ۾ اسڪول توڙي يونيورسٽيون انهيءَ خصوصيت کان محروم هيون. نتيجو اهو نڪتو جو اسان جا استاد خواه شاگرد سالم ذهنيت کان اڪثر ڪورا هئا. اميد ته ايندڙ وقت علمي ادارا پنهنجي فرض ۾ ڪوتاهي نه ڪندا ۽ پاڪستان جي بقا لاءِ جدوجهد ڪندا.

## 5. پورهيتن جو ڏينهن

(رشيد ڀٽي)

سڄي دنيا ۾ 1_مئي جي ڏينهن کي ”پورهيتن جو ڏينهن“ ڪري ملهايو ويندو آهي. 1886ع ۾ آمريڪا جي مزدورن ۽ پورهيتن دنيا ۾ سرمائيدارن ۽ نفعي خورن خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو ۽ ان ڏينهن سڄ اڀرڻ سان ئي لکين مزدور شڪاگو ۽ ٻين شهرن جي گهٽين ۾ گڏ ٿيڻ لڳا ۽ پنهنجا حق گهري رهيا هئا. هنن جي مکيه گهر اها هئي ته ”هو 16 يا 18 ڪلاڪن بجاءِ رڳو اٺ ڪلاڪ روز ڪم ڪندا“.

اهڙي ڳالهه سرمائيدارن ۽ صنعتڪارن کي ڏکي لڳي،جنهن ڪري سندن حقن کي نظر انداز ڪري سندن جاين تي ٻيا مزدور ڪنيا ويا. ان حالت مزدورن کي پاڻ ۾ ٻڌي ڪرڻ جو احساس ڏياريو۽ مزدور جماعتن (TRADE UNIONS) جو بنياد پيو. ڪارخانا به ڏينهون ڏينهن بند ٿيڻ لڳا ۽ مزدورن کي حق ڏيڻ بدران گولي هڻڻ جو اعلان ڪيو ويو. ڏسندي ڏسندي شهر جي رستن تي رت جون ناليون وهڻ لڳيون. اهڙو وڏو قيس ڏسي به پورهيت پنهنجي مطالبن تان نه هٽيا ۽ انهن مزدورن جا رت رڱيل ڪپڙا جهنڊن جي صورت ۾ شاهي رستن تي عام ڏسڻ ۾ آيا. جن سرمائيدارن جي سينن ۾ سوراخ ڪري ڇڏيا. هنن پائنيو تي ته رت جا ريج ڪري حق جي آواز

ڪي دٻائي ونداسين. پر اها سندن ڀُل هئي. حق ڪي نہ اڳ ڪو دٻائي سگهيو آهي ۽ نہ ئي ڪو دٻائي سگهندو. هو مانجهي مڙس بہ ڊڄڻ وارا نہ هئا، ڇو جو سرمائيدارن جو سرمايو هي مزدور هئا. هو پنهنجو رت ساڙي لکين ميٽرڪ ٽن ڪوئلو ڪاڻين مان ڪوٺي ڪڍن ٿا. پر وٽس ايترو ڪوئلو ناهي جو هو بہ ڏينهن پنهنجي چلهہ ٻاري سگهي. هو هڏ ٽڪائي هزارين ميٽر ڪپڙو اُڻي ٿو، پر ٻُتَ تي پهرڻ لاءِ ڪيس ڪپڙو نٿو نصيب ٿئي. اهي ناانصافيون آخر مزدور ڪيستائين سهي؟ آخرڪار شڪاگو جي شهيدن جي رت رنگ لاتو۽ دنيا کي انن ڪلاڪن واري اصول کي مڃڻو پيو.

اڄُ بہ سڄي دنيا جا مزدور هر سال 1_مئي تي انهن شهيدن کي سلام ڪري پنهنجي هلچل ۾ نئين جان وجهندا آهن. بيشڪ ايثار ۽ قرباني ڪانسواءِ انساني رواداري ۽ سلوڪ هرگز حاصل نٿو ٿي سگهي. غير برابري ۽ بي انصافي جو خاتمو تڏهن ئي ٿي سگهي ٿو، جڏهن اسين متحد رهنداسين. اهو ئي اسلام جو درس آهي.

# 6. سنڌ جون اڳوڻيون روايتون ۽ علم ادب

(ڊاڪٽر دائود پوٽو)

هي سبق مختلف مضمونن جو مجموعوآهي، جيڪو شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي جي ڪتاب "سرها گُلَ" ۽ "مهراڻ" رسالي تان ورتو ويو آهي. ڊاڪٽر صاحب پراڻن روايتن ۽ رسمن جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ سنڌ جا ماڻهو خوشحال، صحتمند ۽ آسودا هئا. پنهنجي وڏن ڏينهن تي ميل ملاکڙا، ڪشتيون، ڪسرتون ۽ عجيب و غريب ڪرتب ڏيکاري سورهيائي جي ساک ڏيندا هئا. انهن جي ڪچهرين ۾ سياڻن جا نسخا، پهاڪا، چوٽيون ۽ سگهڙن جا قول ٻڌڻ ۾ ايندا هئا. انهن جو ڌرتيءَ ۽ ٻوليءَ سان انتها جو عشق هيو. اڳين ۽ هاڻوڪي ماحول ۾ رات ڏينهن جو فرق آهي. اڄ اسان پنهنجي ٻولي ۽ ثقافت کي وساري ويٺا آهيون ۽ ٻين جي پويان ڪاهي پيا آهيون جنهن ڪري اسان کان خوشيون موڪلائي ويون آهن.

جتي هنج هئا، اُت ڪاون ڪانگيرا ڪيا
ويچارا "وليداد" چئي، ولر ڪـــــري ويا،
اچـــــــي آل پيا، انـــهـن اوطاقن ۾

اسان جو ديس آريہ ۽ اسلامي تهذيبن جو مرڪز هو. هتان جا ماڻهو جڳ کي وحدانيت جو سبق سيکاريندا هئا. هينئر مغربي تهذيب اسان تي غالب اچي وئي آهي. رڳو شيڪسپيئر ۽ شبليءَ جا شيدائي ٿي، پراوَن دهلن تي نچي رهيا آهيون.

تاريخ ٻڌائي ٿي تہ سنڌي تمام جهوني زبان آهي، جنهن جو سڌو سنئون واسطو پراڪرت ٻوليءَ جي "وراچڊا" نالي شاخ سان وجي ٿئي ٿو، پر جڏهن مسلمان سنڌ ۾ آيا تہ اهو جهونو رسم الخط ختم ٿي ويو ۽ سنڌي_عربي رسم الخط رائج ٿي ويو. 15 هين صديءَ تائين عربي ۽

فارسي ادب حاوي رهيو. اهو ئي سبب آهي جو اسان کي پنهنجو قديم ادب اونداهو نظر اچي ٿو. حقيقت ۾ سنڌي شاعريءَ جي شروعات 16هين صدي عيسوي کان شروع ٿئي ٿي. جيڪي هالا ڪنڍيءَ جي بزرگ مخدوم احمد ڀٽيءَ حيدرآباد ۾ هڪ سماع جي محفل ۾ ڳايا هئا. جڏهن ته سنڌي شاعريءَ ۾ لاکيٽي لطيف جي شخصيت سج جي حيثيت رکي ٿي ۽ ڪيس عظيم شاعرن ۾ سر فهرست لکجي ٿو. سندس ڪلام هزارين رنگن واري هيري مثل آهي، ڪٿي صوفيانه رنگ آهي ته ڪٿي روحاني، ڪٿي ناصحانه ته ڪٿي رومانوي عشقيه. پر انهن سيني ۾ شاعر جي دل پنهنجي خالق جي قول سان هم آواز آهي، جنهن ڏانهن واپس ورڻو آهي. شاهه صاحب جي دور ۾ سنڌ تي ڪلهوڙا حاڪم هئا. اهو ئي سبب آهي جو اهو دور سنڌي ادب جو سنهري دور ليکيو وڃي ٿو. چاڪاڻ ته هن دور ۾ عروضي شاعريءَ جا تمام سنا شاعر پيدا ٿيا.

ان ڪانپوءِ ٽالپرن جو دور آيو، جنهن ۾ سچل سرمست جهڙو هفت زبان شاعر ملي ٿو. جيتوڻيڪ سنڌي شاعري جا موضوع وسيع آهن، پر شاهه لطيف جي درجي ڪانپوءِ تمام گهٽو پري آهي. ميرن (ٽالپرن) جي صاحبي ڪانپوءِ انگريزن جو راڄ رهيو، جنهن ۾ سنڌيءَ ۽ فارسيءَ شاعري جي صنفن جو رواج پيو. تنهن هوندي به شاعر پنهنجو چڱو ڪلام ڇڏي ويا.

ڊاڪٽر صاحب نثر کي پڻ ذڪر هيٺ آندو آهي. سندس راءِ آهي ته مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي، شاهه ڪريم رحه ۽ خواجه محمد زمان لنواري جي تعليمات ان ڏس ۾ اوليت رکي ٿي. پر مرزا قليچ بيگ جا "خورشيد" ۽ "زينت" ناول سنڌي ادب لاءِ بنيادي حيثيت رکن ٿا. ان ڪانسواءِ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، قاضي هدايت الله ۽ ڊاڪٽر گر بخشاڻي جون خدمتون به ساراهه جوڳيون آهن. ان سان گڏوگڏ ڀيرومل جي طرز تحرير ۾ هندو_مسلم جي گڏيل ٽاٽر جو دلچسپ ميلاپ نظر اچي ٿو.

ڊاڪٽر دائود پوٽي سنڌي اديبن جهڙوڪ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي ساراهه ڪندي چوي ٿو ته ان جي وسيلي نثر اجا به سگهارو بڻجندو.

## 7. ڪوهستاني ڪچهري

(الهه بچايو سمون)

هيءُ مضمون الهه بچائي سمي جي ڪتاب "سير ڪوهستان" تان کڻي نصاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي. هن مضمون ۾ ليکڪ اهو تاثر ڏنو آهي ته هُن ڪوهستان ۾ سگهڙن جي ڪچهري ۾ حاضر رهڻ ڪانپوءِ اکين ڏٺو احوال لکيو آهي. پر ايئن ڪونهي. هن ڪوهستاني ڪچهري بابت معلومات وٺي پوءِ هن کي قلم بند ڪيو آهي.

هن سبق ۾ ڪوهستان جي ڪلچر ۽ ثقافت جو چٽو پٽو عڪس نمايان نظر اچي ٿو. ڪوهستان جي سير جي دوران مضمون نگار ڪوهستان جو تفصيلي جائزو وٺي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ڪوهستاني ماڻهو سڄي ڏينهن جي محنت ۽ جفاڪشي کان واندا ٿي شام جو پنهنجي آستانن ڏانهن موٽن ٿا، تڏهن زندگيءَ جي تلخين کي وسارڻ لاءِ وندر جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. انهي ڪري هو شام جو ڳيپي ٽڪر جي فڪر لاهڻ ڪانپوءِ ڳوٺ جي ڪنهن اوطاق يا اوتاري تي گڏ ٿين ٿا ۽ پوءِ ويهي هڪ ٻئي سان اندر اوري پنهنجا ڏک سور پاڻ ۾ ونڊين ۽ ورچين ٿا.

مضمون نگار ڪوهستان جي سگهڙن جي ڪچهري کان تمام گهڻو متاثر ٿيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو هن تفصيلي طور وينجهارن جا فن ۽ شه پاره سني نموني پيش ڪري انهن سگهڙن جي ذهني صلاحيتن جو عڪس پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ليکڪ تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي ته سياري جي موسم ۾ مچ جي چوڌاري هڪ وڏي ڪچهري مچي ويندي آهي. ڏسندي ڏسندي سباجهڙن سانگين جو وڏو ميڙ گڏ ٿي ويندو آهي. مضمون نگار اها ڳالهه به واضح ڪئي آهي ته ڏسڻ ۾ سباجهڙا ۽ سادڙا، سانگي ميرڙا مارو آهن، پر سندن سينن ۾ فن ۽ ثقافت جا خزانا پريل آهن. جڏهن هو ڪچهريءَ ۾ ويهي فن جو مظاهرو ڪندي، هڪٻئي سان ڏي وٺ ڪن ٿا، تڏهن ايئن محسوس ٿئي ٿو ته جڻ ڪنهن مُشڪ جي مٽ جي ڍڪڻي لاهي ڇڏي آهي. اهي سادڙا سانگي، سادڙن ۽ منڙن لفظن ۾ بيان ڪن ٿا، ته ٻڌندڙن جون وايون ٻتال ٿي وڃن ٿيون. هو دنگ رهجي وڃن ٿا. هنر، سينگار، ڏور، ٽڙ بيت ۽ مگڻهار فقير پنهنجو فن پيش ڪن ٿا. انهيءَ فن ۾ موتين جي مالها هوندي آهي.

مضمون جي لکندڙ مثال طور اتي پيش ڪيل فن جا نادر نمونا، ٽڪرا، ڪن سگهڙن جا نالا پڻ ڇنڊيا آهن. اهو پڻ ٻڌايو اٿس ته هن ڪچهري ۾ ڪو به تڪلف تواضع ڪونهي. هر ڪو پنهنجي جاءِ تي وينو خاموشي سان ٻڌندو رهندو آهي. جڏهن ڪو همراه پنهنجو فن پورو ڪندو ته پوءِ ٻيو وري پنهنجي فن جو جادو ڪچهري تي جاڳائيندو.

بحرحال سگهڙن جي ڪچهري لاڙ ۾ ٿئي يا ڪاڇي ۾. وچولي ۾ ٿئي يا اتر ۾، ڪراچي ۾ ٿئي يا ڪوهستان ۾. اسان جي سنڌ، سنڌي ٻولي جو ثقافتي ۽ ڪلاسيڪي ورثو آهي. انڪري اسان کي ان تي ناز ڪرڻ گهرجي. انهي سلسلي ۾ ڪراچي ٽي وي وارا " ڪچهري پروگرام" ۾ سنڌ جي سگهڙن کي متعارف ڪرائڻ جون ڪوششون ڪن ٿا. پر انهي پروگرام کي موثر بنائڻ لاءِ ڪن اپائن جي اهم ضرورت آهي. جيڪڏهن توجهه نه ڏنو ويو ته پوءِ هي پروگرام پنهنجي افاديت وڃائي ويهندو. جيڪو قومي ورثي لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيندو.

## 8. ڪامياب زندگيءَ جو ڪارگر قائدو

(علامه آءِ. آءِ قاضي)

هيءُ مضمون سنڌي ٻوليءَ جي جڳ مشهور ڏاهي، دانشور ۽ تعليم جي وڏي ڄاڻو ۽ سنڌ يونيورسٽي جي باني، وائيس چانسلر علامه آءِ. آءِ قاضيءَ جي فڪري نچوڙ جو حصو آهي. هن مضمون ۾ زندگيءَ کي ڪامياب بنائڻ جا طريقا تمام سهڻي نموني بيان ڪيل آهن.

علامہ صاحب هن مضمون ۾ انسان ڪي ڪامياب زندگي گذارڻ جا اصول ۽ قائدا ٻڌائڻ سان گڏ انسان ڪي هڪ باضابط زندگي گذارڻ جي هدايت ڪئي آهي. جيڪڏهن غور، سوچ ۽ ويچار سان سوچبو تہ قاضي صاحب جون ٻڌايل ڳالهيون ساديون ۽ سوليون هوندي بہ وڏي اهميت جي حامل آهن. جيڪڏهن انسان انهن تي عمل ڪري تہ ڪنهن حد تائين پنهنجي زندگيءَ ڪي ڪامياب بڻائي سگهي ٿو.

قاضي صاحب پنهنجي زندگي ڪي پابندي ۽ ضابطي هيٺ بهتر ڪرڻ لاءِ حضرت آدم عليہ السلام جو مثال ڏيندي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. حضرت آدم عليہ السلام ۽ بيبي حوا ڪي وڻ جي ويجهي وڃڻ کان روڪڻ لاءِ پابندي ڪرڻ جو خاص مقصد، پنهنجي خواهشن ڪي ضابطي ۾ رکڻ جو گڻ سيکارڻو هو. اهڙي طرح جيڪڏهن اسين پنهنجي خواهشن ڪي ڪنٽرول ۾ رکنداسين تہ زندگي ضرور سولي ٿي پوندي. انهي لاءِ تقوىٰ ڪي پنهنجو اصول بنائڻو پوندو تہ جيئن چڱي ۽ سني ڳالهہ ڪي سمجهي سگهون.

آخر ۾ قاضي صاحب زندگي ڪي وڌيڪ بااصول بنائڻ لاءِ فرض شناسي تي تمام گهڻو زور ڏنو آهي ۽ سختي سان انهن ماڻهن ڪي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪي پنهنجي فرض کان غافل آهن.

قاضي صاحب فرمائي ٿو تہ زندگي ۾ جوابداريون اچن ٿيون. اهي اهم هجن يا معمولي ، انهن ڪي بجا آڻڻ لاءِ ذميواري محسوس ڪرڻ گهرجي. عهدو عدنىٰ هجي يا اعلىٰ. هر صورت ۾ پاڻ ڪي پنهنجي حوالي ڪيل ذميوارين جو صحيح نموني احساس ٿيڻ گهرجي. اهڙي طرح اهو اصول سمجهڻ گهرجي.

انهيءَ ڪري اسان سيني ڪي گهرجي تہ قاضي صاحب جيڪي اسان ڪي اصولي ڳالهيون سمجهايون آهن ، انهن تي عمل ڪرڻ گهرجي. اسان ڪي گهرجي تہ احساس ذميداري محسوس ڪريون . فرض ٿيل ڊيوٽي ڪي مقرر ڪيل وقت تي ۽ سهڻي نموني سر انجام ڏيڻ جا عادي ٿي وڃون. اهڙي طرح اسان باضابطہ با اصول ڪامياب زندگي گذاري پاڻ ۾ سک ۽ سڪون سان رهنداسين ۽ ٻين ڪي بہ اطمينان بخش معاشروقائم ڪرڻ لاءِ آماده ڪري سگهنداسين.

## 9. دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي

(علامہ آءِ. آءِ قاضي)

هي مضمون علامہ آءِ. آءِ قاضي جي لکيل ”شاهہ جي رسالي“ جي تشريح جو سنڌي ترجمو آهي، جيڪا قاضي صاحب انگريزي ۾ لکي آهي.

هن مضمون ۾ قاضي صاحب انهن بين الاقوامي قدرن کي نظر ۾ رکي مقرر ڪيل انهن معيارن جي پرکا ڪندي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته اسان جي سنڌي زبان جي سرتاج شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهي.

قاضي صاحب ڪافي بحث ڪندي ٻڌايو آهي ته اسان مسلمان قوم پرست آهيون ۽ خود قرآن جي روشنيءَ ۾ دين کي قومي نظرئي ۾ تبديل ڪيو آهي. قاضي صاحب اڳتي هلي ٻڌائي ٿو ته قوم پرستي واري جذبي ۽ قومي نظرئي پيدا ٿيڻ ڪانپوءِ اسان کي "تنهنجو" ۽ "منهنجو" واري جذبي ۾ وچڙي حقيقت کان منهن نه موڙڻ گهرجي. پر حقيقت پسندي ۽ سچائيءَ سان مقرر ڪيل قدرن جي ڪسوٽي تي پنهنجن توڙي پرائن شاعرن جي پرک ڪجي. ڪو به شخص يا قوم پنهنجي شاعرن، عالمن يا شخصيتن تي فخر ڪري ته ان ۾ ڪو به عيب ڪونهي. پر حقيقت کي چمڪائڻ خاطر ٻين جي گهٽتائي نه ڪرڻ گهرجي.

**پهريون معيار:**

اڄ کان هڪ صدي اڳ ڪارلائيل نظم ڇڏي نثر اختيار ڪيوءِ وڏيڪ چيائين ته " جيڪڏهن ڪو نظم ڳائي نٿو سگهي ته ان کي شعر چوڻ مناسب ناهي". هونءَ به راڳ جي وصف بيان ڪندي ان کي "آوازن جي تنظيم" چيو ويو آهي. اهڙي طرح هڪ عرب مصنف وري شعر جي وصف بيان ڪندي ان کي " لفظن ۾ سمايل راڳ" ڪونيو آهي.

اهڙي طرح مٿئين دليل تي شاهه سائينءَ جي ڪلام جي پرکا ڪبي ته سندس ڪلام ۾ بي ساختي رواني اهڙي ته موجود آهي جو سندس ڪلام آساني سان ڳائي سگهجي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو شاهه سائينءَ جو ڪلام پڙهڻ کان وڌيڪ ڳايو وڃي ٿو. ڪيترائي ماڻهو شاهه سائين جي ڪلام کي سمجهن به ڪونه ٿا پر ڳائن ضرور ٿا. تنهن جو مطلب ته شاهه صاحب انهي معيار تي هر طرح ۽ مڪمل طور پورو آهي.

**ٻيو معيار:**

نقادن جي راءِ آهي ته بين الاقوامي شعر اهو آهي جنهن کي جيڪڏهن تبديل ڪجي ته ان جي پهرين نزاڪت برقرار نه رهي سگهندي. مطلب ته اهو اهڙو مڪمل هجي جو انهي ۾ ترميم جي گنجائش نه هجي.

هن معيار تي ڪو شاعر ورلي ملندو. خود شيڪسپئر جي ڪلام ۾ به ترميم جي ضرورت محسوس ٿي ۽ ان کي تبديل ڪيو ويو. پر شاهه صاحب جو ڪلام انهي ترميم يا اصلاح کان بلڪل مٿي آهي. جيڪڏهن شاهه صاحب جي شعر مان هڪ به لفظ مٽايو وڃي ته ان جو سمورو ترنم ۽ توازن بگڙي ويندو.

شاهه صاحب جي شاعري جو هر هڪ لفظ، سٽ ۽ اکر کي هڪ وڏي اهميت حاصل آهي. انهن جو مٽائڻ ڪا مذاق ناهي، جيڪو ممڪن ٿي سگهي.

**ٽيون معيار:**

زبانن جو استعمال جنهن سان شاعر پنهنجا خيال ظاهر ڪري ٿو، يورپين شاعرن ڪانسواءِ شيڪسپيئر جي ڪنهن شعر، ڪنهن ٻوليءَ ۾ وسعت پيدا ڪونه ڪئي. پر شاهه صاحب سنڌي ٻوليءَ جي جيڪا صرف صوبائي ليکي ويندي هئي ان ۾ حيران ڪندڙ وسعت پيدا ڪري پاڻ کي

۽ پنهنجي شاعري کي مٿي بيان ڪيل معيار تي بيهاري ڏيکاريو آهي. شاهه صاحب هن ٻوليءَ کي ايترو ته وسيع بنايو جو اڄ به سنڌس فڪر ۽ ٻولي کي سمجهڻ ۽ سندس پرواز کي پهچڻ لاءِ وڏا وڏا ٻولي دان پنهنجون ذهني صلاحيتون صرف ڪري رهيا آهن

مٿي بيان ڪيل معيار ترقي يافته قومن جا تجويز ڪيل آهن ۽ انهن جي ڪسوٽي تي پرک ڪرڻ ڪانپوءِ بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي چئي سگهجي ٿو ته سواءِ لطيف سائين جي دنيا جو ڪوبه شاعر انهن معيارن تي پورو ڪونه آيو آهي. تنهن ڪري اسان سنڌين کي فخر ڪرڻ گهرجي. فخر سان گڏ ناز به ڪرڻ گهرجي. جو ته هن ڌرتيءَ تي ڪيئي شاعر حضرات پيدا ٿيا پر شاهه جو ثاني ڪو به نه ٿيو آهي. اسان کي اها اميد ڪرڻ گهرجي ته هن لاثاني شاعر جومٽ نه ٿيندو ۽ سندس لافاني شعر ۽ ڪلام پوري دنيا ۾ ڳائبو. جيڪو هر هڪ جي ڪن ۾ گونجڻ لڳندو.

# 10. مصطفىٰ جي الوداعي نصيحت

(عثمان علي انصاري)

هي مضمون ڪتاب " ادبي انتخاب" تان ورتل آهي جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي ناماري ليکڪ محترم عثمان علي انصاريءَ جو لکيل آهي.

مصطفىٰ محبوب پنهنجي وقت جو ڏاهو، عقل ۽ فهم جو صاحب ٿي گذريو آهي. هو پنهنجي ديس کان ٻارهن سال پري پرديس ۾ رهيو هو. جڏهن هو پنهنجي وطن ڏانهن واپس ٿي وريو تڏهن شهر جي رهواسين ساڻس موڪلاڻيءَ جي ملاقات ڪئي. هن آيل شهر واسين کي ڏاهپ جا نڪتا ڏسيا. هن جيڪا الوداعي نصيحت ڪئي انهي جو تفصيل هن سبق ۾ ڏنل آهي.

1. **محبت**

محبت مطعلق مصطفىٰ چيو " محبت توهان کي پاڻ وٽ ائين گڏ ڪندي، جيئن هڪ ڪڙمي پنهنجي ٻارِ ۾ فصل گڏ ڪندو آهي. پوءِ اوهان کي گهرجي ته توهان ان کي ڳٽين جي ڳاهَ ۾ ڳاهي، ٻُهُ ۽ مٿي جدا ڪري، جُدائي واري جنڊ ۾ پيهي، اڇو اٽو ڪري، پريت جو پاٽي وجهي، ڳوهي برهه جي باهه ۾ پچائي،ان لائق ڪريو جيئن اوهان پنهنجي محبوب جي مهماني لائق بنائيندا آهيو".

2. **اولاد**

اولاد بابت مصطفىٰ چيو ته " ٻارن کي اوهان پنهنجا خيال نه ڏيو، جو ته قدرت کان هو پنهنجا خيال وٺي آيا آهن، جي بلڪل نوان آهن. هنن کي پاڻ جهڙو نه بڻايو، جو ته ارتقا جو اصول آهي ته دنيا ترقي ڪندي رهي ٿي. "مستقبل کي ماضيءَ جو انتظار ڪو نه ٿيندو آهي".

3. **خيرات**

خيرات بابت مصطفىٰ چيو تہ " خيرات سائل کي ڏيڻ چڱي آهي. پر سوال کان اڳ ڏيڻ بهتر آهي. حقيقي سخي اهو آهي جيڪوسائل کي ڳوليندو وتي".

4. **محنت**

محنت بابت مصطفىٰ چيو تہ "محنت جو بهترين ذريعومحبت آهي. چو تہ حياتي امنگ کانسواءِ بي معنىٰ، عمل ۽ عقل کانسواءِ انڌي آ. عقل محنت کانسواءِ خالي دهل ۽ محنت، محنت کانسواءِ عذاب آهي".

5. **ڏک ۽ سک**

هن بابت چيائين تہ "جڏهن پردي ۾ آهي تہ ڏک آهي ۽ جڏهن بي نقاب ٿئي تہ اهو سڀ سک بڻجي ٿو. ڏک وجود ۾ جيترو اونهو ويندو، اوترو ئي وڏيڪ خوشي لاءِ جاءِ پيدا ڪندو. بانسري هڪ منو ۽ آلاپ ڏيندڙ آواز آهي، اها پهريائين تيز اوزار سان پاڻ ڪورائي ٿي. پٽائي صاحب ڏکن ۽ سکن کي لازم ۽ ملزوم سڏيو آهي. هن چيو تہ " ڏکن سکن جي سونهن، گهوريا ڏک سکن ريءَ".

6. **گهر**

گهرن بابت مصطفىٰ چيو تہ " وڏين ۽ ڊگهين ديوارن وارا گهر، جن ۾ عيش ۽ عشرت جو سامان موجود آهي، اهي انسان کي ڪاهل ۽ سست بنائي، همت ۽ جوان مرديءَ واري جرئت ختم ڪريو ڇڏين. ان ڪري گهر اهڙا هجن جيئن اکين جي بچاءَ لاءِ قدرت اوهان کي ڇپر ڏنا آهن.

7. **جزا ۽ سزا**

هن بابت بزرگ چيو تہ " جڏهن اوهان جو روح غير حاضر آهي، تڏهن اوهان بي رهبر آهيو ۽ ٻين جو ڏوهہ ڪريو ٿا، جيڪو پاڻ سان ظلم برابر آهي".

8. **دوستي**

هن مطعلق مصطفىٰ چيو تہ " دوست اوهان جي ضرورتن جو پيار ڀريو جواب آهي. دوستي هڪ اهڙو فصل آهي، جيڪو محبت سان پوکبو آهي ۽ شڪر سان ئي لڻبو آهي. دوستي فقط دوستيءَ لاءِ ڪجو. مطلب واري دوستي هڪ ڄار وانگر آهي جنهن ۾ شڪاري ۽ شڪار ٻئي ڦاسن ٿا.

9. **قوم ۽ قوميت**

هن مطعلق مصطفىٰ چيو تہ " افسوس ڪائو! انهيءَ قوم کان، جيڪا جابر کي هيرو ۽ ظالم کي سخي ٿي سمجهي. افسوس ڪائو! انهيءَ قوم کان جنهن جون دانهون فقط پنهنجن جي ئي جنازن تي ٻڌڻ ۾ ٿيون اچن. افسوس ڪائو! انهيءَ قوم تي، جنهن جا اڳواڻ شيطان کان گهٽ ناهن. افسوس ڪائو! انهيءَ قوم تي، جيڪا بربادي‍ءَ تي فخر ڪري ٿي، جنهن جا فيلسوف مداري ۽ جنهن جا هنرمند نقال آهن، جنهن جا مدبر ٻوڙا ۽ گونگا هجن ۽ جنهن جا نوجوان پينگهن کان لهڻ نٿا چاهين". افسوس ڪائو! انهيءَ قوم تي جيڪا ٽڪرا ٽڪرا ٿي پئي آهي ۽ سندس هر هڪ ٽڪر پاڻ کي جدا پوري قوم ئي سمجهي ٿو.

آخر ۾ هڪ عابد وراڻيو تہ "مذهب جي باري ۾ بہ ڪجهہ ٻڌايو"؟

هن وراڻيو تہ" هن وقت تائين مذهب کانسواءِ ڪنهن ٻئي موضوع تي ڳالهايو اٿم ڇا؟

اهو ئي مذهب آهي جيڪو سڀ ڪجھ ٻڌائي ٿو.

محترم انصاري صاحب، مصطفىٰ جي الوداعي نصيحت کي مذهبي رنگ ۾ پيش ڪري پاڻ کي ملهايو آهي. جيڪڏهن ان مضمون کي دل جي گهرائين سان پڙهبو ته مستقبل روشن نظر ايندو. ڏک. سکن ۾ تبديل ٿيندا. هر انسان جي دل ۾ قوم پرستي پيدا ٿيندي. قومي جذبي سان گڏخوفِ خدا به حاوي ٿيندو.

# 11. سنڌي ٻوليءَ ۾ ناول نويسي

(عبدالقيوم صائب)

هي مضمون عبدالقيوم صائب جو لکيل آهي، جنهن ۾ هن ناول نويسيءَ تي بحث ڪيو آهي. ناول انگريزي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معني آهي "نئين يا عجيب شيءِ". ناول سنڌي ۾ انگريزي ادب ذريعي داخل ٿيو ۽ پاڻ سان گڏ پنهنجو اصطلاحي نالو پڻ کڻي آيو. اڄ ڏينهن تائين اديبن کي انجي جاءِ تي ٻيو نالو استعمال ڪرڻ جي ضرورت ئي پيش نه آئي.

ادب ۾ ناول انهيءَ قصي کي چئجي ٿو،جنهن ۾ ڪنهن خاص نقطهءِ نظر سان زندگيءَ جو حقيقي ۽ سچو روپ پيش ڪيو ويو هجي. ناول ۽ قصي ۾ اهو فرق آهي ته پراڻن قصن ۽ داستانن ۾ گهڻو ڪري مافوق الفطرت شين کي اهميت ڏني ويندي آهي، پر ناول انساني زندگي جي چوڌاري ڦري ٿو ۽ انساني زندگي جي روزمره جي واقعن جي عڪاسي ڪري ٿو. ناول جي تاريخ ٻڌائي ٿي ته اهو يورپ جي علمي سجاڳي ۽ سرمائيداري دور جي پيداوار آهي.

ناول جيئن ته زندگي جي حقيقتن ۽ واقعن کي اڳيان رکي اڳتي وڌيو آهي، تنهن ڪري ان جو ميدان تمام وسيع آهي، جيتري زندگي. ناول جا هونئن ته گهڻائي قسم آهن. پر انجا ٻه قسم وڌيڪ اهميت جاڳا آهن.

1. رومانوي ناول
2. نفسياتي ناول

رومانوي داستانن ۾ واقعن تي گهڻو زور ڏنو ويو آهي ۽ ان مان وندر، سڌاري يا ڪِل خوشي پيدا ڪرڻ جو ڪم نتو ورتو وڃي ۽ نه ئي انهن ۾ حاضر مسئلن تي ڪو بحث ٿئي ٿو، بلڪ ان جو لاڙو هر انهيءَ پاسي رهي ٿو، جتي جتي تخيل جي أڏام وڌيڪ بلند ۽ اعلىٰ ٿي سگهي ان جي ڀيٽ ۾ نفسياتي ناول ۾ ڳوڙهي ويچار کي ايتري آزادي نٿي ملي ۽ ان ۾ حقيقت نگاري وڌيڪ هوندي آهي. سندس عمل جو دائرو معاشرت، سيرت ۽ ڪردار تائين محدود هوندو آهي.

جهڙي طرح ناول ۽ داستان ۾ فرق آهي تهڙي طرح ناول ۽ افساني ۾ به بنيادي ۽ فني فرق آهي. ناول انساني حياتي جي مڙني حالتن جو مڪمل جائزو پيش ڪري ٿو. پر افسانو ڪنهن هڪڙي پهلو جي تصوير پيش ڪري ٿو. ناول ۾ مرڪزي پلاٽ سان گڏوگڏ ضمني پلاٽ پڻ ٿيندا

آهن. جڏهن تہ افسانيءَ ۾ فقط هڪ پلاٽ هوندو آهي. حاصل مقصد تہ ناول کي جيڪو وسيع ميدان ۽ ماحول مليل آهي سو افساني کي نصيب ڪونهي.

**ناول جا مکيہ عنصر هي آهن.**

1 . قصو
2 . پلاٽ
3. ڪرداري نگاري
4. ماحول ۽ منظر نگاري
5. جذبات نگاري
6. گفتگو يا مڪالمہ
7. ٻولي ۽ بيان
8.نقطءِ نظر
9. فنڪاري

قصي ڪانسواءِ ناول کي ناول نہ چئي سگهبو. پلاٽ کي پڻ ناول جي عنصرن ۾ اهميت حاصل آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪامياب ناول ان کي چئبو آهي، جنهن جو پلاٽ مڪمل هجي. ايئن ئي ناول کي ڪردار نگاريءَ ۾ وڏي اهميت حاصل آهي. ماحول ۽ منظر نگاريءَ کي بہ ناول ۾ وڏو عمل دخل آهي. ڪامياب ناول نگاري جي اها پڻ نشاني آهي تہ هو جذبات نگاري تي پڻ ڌيان ڏئي. ناول ۾ مڪالمہ اهڙا صاف ۽ موزون هجن جو هر هڪ ڪردار صاف ۽ الڳ نظر اچي ۽ ٻولي اهڙي ڪم آڻجي جيڪا سليس ۽ بامحاوره هجي. ناول نگاري پڻ هڪ فن آهي ۽ انجا اهڙا اصول هجن جو پڙهندڙن تي بار نہ پوي.

ليڪڪ ناول جي مختصر تاريخ بيان ڪندي چوي ٿو تہ سنڌي ٻولي جو پهريون ناول "راسيلاس" آهي جيڪو ساڏونولراءِ ۽ منشي اڌا رام ڳڌجي لکيو هو. جيڪو 1870ع ۾ سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيو. اصل ۾ اهو ڊاڪٽر جانسن انگريزي ۾ لکيو هو، ان ڪانپوءِ 1888ع ۾ مرزا قليچ بيگ "دلارام" ناول لکيو، جيڪو سنڌي ٻوليءَ جو پهريون ناول ليکيو وڃي ٿو ۽ 1890ع ۾ ٻيو ناول "زينت" لکيو ويو. جنهن ۾ ٻارن جي پرورش ۽ صحت ۽ اصول ٻڌايا ويا آهن.

## 12. عام سنڌي شاعري

(ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ)

هيءُ مضمون ٻوليءَ جي ناميارِي محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو لکيل آهي. هي سندس ڪتاب "ٻيلاين جا ٻول" تان ورتل آهي، جنهن ۾ لس ٻيلي جي سگهڙن جو احوال ڏنل آهي.

ڊاڪٽر صاحب چوي ٿو ته پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي ته شعر ۾ حڪمت ۽ دانائي سمايل آهي. ڊاڪٽر صاحب حضرت عمر جو ذڪر ڪري ٿو ته سندس نظر ۾ "عام شاعري به قوم جو مڪمل دفتر آهي". انهيءَ حوالي سان هن سبق ۾ به ٻڌايو ويو آهي ته " اسان جي عام شاعري به اسان جي سنڌي قوم جو مڪمل دفتر آهي".

عام سنڌي شاعري به انهيءَ شاعري کي چئجي ٿو جيڪا اسان جا سگهڙ ٿوري علم هوندي بنا ڪنهن ناهه ئوهه جي مشاهدي جي قوت سان عام فهم ۽ آسان لفظن ۾ چوندا هجن، جنهن کي سڀ ڪو ماڻهو آسانيءَ سان سمجهي سگهي. عام شاعري هر قوم جو عام دفتر هوندو آهي. جنهن ۾ قوم جو اخلاق، عادتن، ريتن ۽ رسمن، طور طريقن، تاريخ، فلسفي، سمجهه ۽ عقل جو سرمايو سهيڙيل هوندو آهي. پر افسوس جو اظهار ڪندي شاعر چوي ٿو ته ڪيترا ماڻهو اهڙا آهن جيڪي هن عام شاعري کي فضول ۽ بيڪار سمجهي ان طرف ڪوبه توجه ڪو نه ٿا ڏين. پر لفاظي شاعريءَ کي سڀ ڪجهه سمجهي ان تي هرڪ هاري ويهن.

عام شاعري کي فن جي استادن سموهي ۽ سينگاري سهڻو بڻايو آهي. هن شاعريءَ کي متن ۽ لغوي معنىٰ سان ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. دوهو، وائي ۽ ڪافي. معنوي لحاظ کان پرولي، ڳجهارت ۽ هنر چيو ويندو آهي.

**ڏورڏهس ۽ سينگار:**

ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو ته خليفي گل محمد موزون شاعريءَ کي عام محاوري ۽ اصطلاح ۾ سمائڻ جي ابتدائي ڪوشش ڪئي. اڳتي هلي موزون شاعري جا گس ۽ پيچرا ڌار ڌار ٿيندي پنهنجو الڳ رخ اختيار ڪري ويا. جنهن ڪري موضوع شاعري ۽ عام شاعري ۾ هڪ وڏو خال پيدا ٿي ويو. عام شاعري تمام سادي آهي. بنا ڪنهن ٽڪ ٽوڪ ۽ جڙاءَ جي شاعر کي جيڪي سادا ۽ سلوڻا لفظ ملن ٿا، سي ايئن ئي ڪٽي رکي ٿو. اهي لفظ هٿرادو تضع کان آزاد هوندا آهن. جهڙي آهي سادي زبان اهڙو آهي ڪلام. ٻهراڙيءَ جي نج ٻوليءَ ۾ اصلي لفظن جو ذخيرو موجود هوندو آهي. ايئن ڪٽي چئجي ته ٻهراڙيءَ جي ٻولي، لفظن، محاورن ۽ اصطلاحن جي ڀرپور کاڻ آهي ته ان ۾ وڌاءُ ڪونه ٿيندو، عام سنڌي شاعري اصل ۾ سنڌ جي زندگيءَ جي عڪاس هوندي آهي. عام شاعري هيرن جو هار آهي. ان ڪري سندس سوچن جي سٽاءَ ۾ لوهه سان سون، موتين سان گڏ عام پٿر ۽ هيرن سان گڏ ڪوڏو به نظر ايندو. هن جي نظر تيز ۽ ذهن سالم آهي. هو پنهنجي ڏيهه جي ريتن، رسمن ۽ رواجن جي پوري ڄاڻ رکي ٿو. هن کي وڻن ٽڻن، گاهن، ٻوٽن، گسن رستن، تارن ستارن، اُپ زمين،پکين ۽ جانورن جي پوري ڄاڻ آهي. جيتوڻيڪ هن جي خيالن جو پرواز شهري ماڻهوءَ کان گهٽ آهي. پر تجربي مان معلوم ٿئي ٿو ته سندس مشاهدي جي نظر تمام تيز آهي.

عروضي شاعري کي به ڪنهن به قيمت ۾ رد نٿو ڪري سگهجي بشرطيڪ ان جو نالو به ڌرتي ۽ ڌرتيءَ جي ماڻهن، ريتن رسمن، قوم ۽ سماج سان هجي. باقي شاعر جيڪڏهن رڳو فني فڪر ۾ اچي ڌرتيءَ سان ناتو ٽوڙي ويهندو ته ان شاعريءَ جو مثال ان عورت جهڙو هوندو جنهن کي پنهنجو حسن نه هجي پر صرف ميڪ اپ تي هلندي هجي.

## 13. تمدن جي ماهيت

(ڪريم بخش چنا)

هي مضمون ڪريم بخش چنا جو لکيل آهي،جيڪو سندس ڪتاب "تاريخ تمدنِ اسلام" تان ورتو ويو آهي. هن مضمون ۾ ليکڪ لکيو آهي تہ تمدن عربي ٻولي جو لفظ آهي، جيڪو "مدينہ" ۽ "مدن" مان نڪتل آهي، جنهن جي معنیٰ آهي"شهر" ۽ تمدني جي معنیٰ آهي " شهري زندگي گذارڻ". تمدن اسان جي "انس" واري خصلت جي پيدائش. تمدن جي خصلت هر انسان ۾ فطري طور موجود هوندي آهي. تمدن انساني فطرت جي هينين ٽن اصولن تي مشتمل آهي.

* پنهنجو بچاءَ ڪرڻ
* هم جنس سان جماعت ۾ رهڻ
* اولاد جي پيدائش ۽ پرورش ڪري ،انساني نسل کي بقا ڏيڻ

حقيقت اِها آهي تہ پکي پُکڻ ۽ جيت جڻا بہ گڏجي رهن ٿا. انهن کي هڪ ٻئي لاءِ احساس ۽ پيار آهي. اهڙي طرح انسان ۾ اها خصلت وڏي حد تائين آهي. تمدني زندگيءَ ۾رهڻ ڪري هر هڪ انسان کي پنهنجي پاڙيسرين، شهرين ۽ ملڪي ماڻهن جي حقن جو خيال رکڻو پوي ٿو. جنهن ڪري انسان پنهنجي زندگي کي پر لطف بڻائي سگهي ٿو. تمدني زندگيءَ ۾ جيڪي فرد پنهنجون ذميواريون پوريون نٿا ڪن،تن کي قوم جي طرفان سزا ڏني وڃي ٿي. ايئن ئي قوم جي خوشحاليءَ لاءِ اُپاءَ ورتڻ خاطرانساني جماعتن ۾ حڪومتن جو بنياد پيو. دنيا جي ابتدا کان وٺي حڪومتي سرشتا مختلف پئي رهيا آهن. ڪن ملڪن ۾ شخصي يا جبري حڪومت آهي، تہ ڪن ۾ جمهوري يا عوامي حڪومت آهي.

مطلب تہ تمدن کي ناهڻ ۾ ڪروڙين ماڻهن جون ڪوششون سوَن سالن تائين جاري رهيون. هر هڪ قوم کي پنهنجون پنهنجون تاريخي ۽ مذهبي روايتون، طبعي ضرورتون ۽ روحاني تمنائون آهن. جن جي پورائي لاءِ انفرادي ۽ اجتمائي نموني پنهنجين سمورين صلاحيتن سان ڪوشش ڪري ٿي ۽ مختلف قسمن جون سياسي، مذهبي ۽ سماجي جماعتون ۽ ادارا مختلف فنن جا طور طريقا، مختلف قسمن جا رواج، خيال ۽ عقيدا ايجاد ڪري ٿي. انهن سيني معاملن کي گڏي ان قوم جو تمدن چئي سگهجي ٿو. تهذيب ۽ تمدن ۾ اهو فرق آهي تمدن سڄي قوم جي رسمن، رواجن ۽ ادارن کي چئجي ٿو ۽ تهذيب فقط هڪ شخص جي رسمن، عادتن، خيالن. قولن ۽ ڏنتن کي چئجي ٿو. يا ايئن ڪٿي چئجي تہ تهذيب هڪ فرد سان لاڳاپيل هوندي آهي ۽ تمدن جو واسطوپوري قوم سان هوندو آهي.

## 14. علم ادب جي ترقيءَ جا طريقا

هي مضمون سنڌي ٻوليءَ جي مشهور ڏاهي علامہ آءِ. آءِ قاضيءَ جي تقرير تان ڪوريل آهي. هي چند جملا ڪنهن ادبي ڪانفرنس جي صدارت ڪندي ڪنهن تقرير ۾ چيا آهن.

هن مضمون ۾ قاضي صاحب علم ۽ ادب جي واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ پنهنجي اعليٰ ڄاڻ جي خزاني مان تجويزون ۽ طريقا ڏسيا آهن. قاضي صاحب علم ۽ ادب جي سونهن سنوار لاء فڪر، حافظي، تاديب، تهذيب تاريخ ۽ سوانح نگاري نظرئي سان سچائي کي ضروري ڀڌايو آهي.

**فڪر:**

فڪر ئي حقيقت ۾ علم و ادب جي لاءِ هڪ اهم ذريعو آهي، جنهن سان مضمون ۽ تاثير ۾ تاثر ٿئي ٿو. جيتري فڪر ۾ گهرائي ۽ پختگي هوندي اوترو مضبوطيءَ سان خيال پيش ڪري سگهبو. فڪر تي پختگي ۽ مضبوطي لاءِ وري يادگيري ۽ حافظي جو وڏو عمل دخل آهي. ليڪڪ جو حافظو جيترو تيز هوندو، اوترو ئي هو مطالعي ۽ مشاهدي مان پرائي ۽ حاصل ڪري سگهندو.

**تاديب ۽ تهذيب:**

تهذيب "ذهب" لفظ مان نڪتل آهي جنهن جو مطلب "سنوارڻ يا سڌارڻ" آهي. مهذب جو مطلب ٿيو "سڌريل". قاضي صاحب چوي ٿو ته ادب جي حقيقي معنيٰ آهي "تهذيب لطافت ياشائستگي". انهي ڪري جهڙي طرح ٻنيءَ کي سڌارڻ ۽ سنوارڻ ڪانسواءِ ٻج ڇٽڻ مان سنو فائدو نٿو وٺي سگهجي، تهڙي طرح تعليم تربيت سان گڏ ادب لاءِ تهذيب ۽ سائستگي به ضروري آهي. تهذيب ۽ تاديب به ساڳئي ئي مطلب ۾ مقصد وارا لفظ آهن، جيڪي ادب جي سوز ۽ سنوار لاءِ ضروري آهن.

**تاريخ:**

علم کي وڌائڻ جو ڏس ڏيندي قاضي صاحب ٻڌائي ٿو ته تاريخ کي محفوظ ڪرڻ سان وڏو علمي ۽ ادبي خزانو هٿيڪو ٿي سگهي ٿو. مثال طور قاضي صاحب وتائي فقير جا به قول پيش ڪندي ٻڌايو اهي ته اهڙي قسم جا واقعا ۽ ڳالهيون اسان جي ادب ۽ تهذيب جو نه رڳو حصو آهن. نه رڳو ادب ۽ تهذيب پر تواريخ جو اهم حصو آهن. جن کي محفوظ ڪري اسان پنهنجي تواريخ هٿ ڪرڻ سان گڏ علم ۽ ادب جي هڪ وڏي ذخيري کي يڪجاءِ ڪري سگهون ٿا.

**سوانح نگاري:**

قاضي صاحب ٻڌائي ٿو ته هڪ غريب هاري ناري ڪان وٺي ويندي وڏي سوچ ۽ فهم واري اڪابر جي زندگي پنهنجي جاءِ تي هڪ سني ڪهاڻي آهي. جيڪڏهن هر ڪو ماڻهو پنهنجي زندگيءَ کي سچائيءَ سان قلمبند ڪري ته هوند ڪيئي ڪتاب جڙي پون. اهڙي طرح سوانح عمريون ۽ آتم ڪهاڻيون (ڪتاهون) گڏ ڪري اسان ادب جي خزاني کي ڀرپور ڪري سگهون ٿا.

سيني تجويزن، مشورن ۽ طريقن بيان ڪرڻ ڪانپوءِ قاضي صاحب سچائيءَ تي گهڻو زور ڏنو آهي. مقصد سان سچائيءَ لاءِ ۽ سچائي جو معيار بلند ڪرڻ جو تاڪيد ڪيو آهي. نه صرف علم ۽ ادب جي ڪاميابي پر زندگيءَ جي هر موڙ تي سچائي جو معيار بلند ڪري ڪاميابيون ماڻي سگهجن ٿيون.

# شاعرن تي نوٽ

## شاهه عبدالڪريم بُلڙي وارو

(1538ع_ 1623ع)

شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو 1538ع ۾ سيد لال محمد شاهه جي گهر ۾ ڄائو. سندن وڏن جو مشڪن مٽياري هو. پوءِ اتان لڏي بُلڙي کي آباد ڪيائون. پاڻ شاهه لطيف جو پڙ ڏاڏو ۽ مشهور بزرگ ٿي گذريو آهي. پاڻ مشهور اهل الله مخدوم نوح جي صحبت ۾ ڪجھ عرصو گذاريائون. ڪن تذڪره نويسن اهو پڻ لکيو آهي ته شاهه ڪريم روحاني فيض سيد ابراهيم شاهه بهاري کان ورتو. جيڪو سنڌ ۾ آيو هو. سندس زندگي ۾ خدا جي خلق جي خدمت ڪرڻ جو جذبو ملي ٿو. جواني کان پيري تائين پاڻ ڪيترائي سير سفر ڪيا اٿن. جن ۾ لاڙ، وچولو ۽ سري کان سواءِ دهلي، دکن ۽ گجرات جهڙا شهر شامل آهن.

شاهه صاحب هڪ پرهيزگار ۽ متقي بزرگ هو. پاڻ تصوف جي ايثار ۽ سمجهاڻي لاءِ ڪو اهڙو رستو نہ ڳوليائون جيڪو عام ماڻهن جي سمجھ کان ٻاهر هجي. ان پنهنجي گفتگو ۾ مريدن کي ڪي نقطا وقت بوقت ڇيا ۽ ڪي بيت پڻ چيا آهن، جيڪي ڪتاب ”بيان العارفين و تنبيهه الغافلين“ ۾ ڏنل آهن. جيڪو مريد ميان محمد رضا مير دريائي ٺٽويءَ سندس وفات کان

ڇهه سال پوءِ تصنيف ڪيو. سندس فڪر جو سرچشمو قرآن ڪان وٺي رومي تائين مليل ٿو. پاڻ 88 سالن جي عمر ۾ 1623ع ۾ وفات ڪيائون.

# حضرت خواجه محمد زمان لنواري

حضرت سلطان الاولياءِ خواجه محمد زمان سنڌ جي ناميارن بزرگن مان هئا. سندن طريقو نقشبندي هو. پاڻ بدين ضلعي جي لنواري ڳوٺ جا رهاڪو هئا. سندن حياتيءَ جو احوال ڪتاب ”مرغوب احباب“ ۾ بيان ٿيل آهي. سندن ولادت 1713ع ۾ ٿي. پاڻ ڄمندي ڄام هئا. سڄو ڏينهن عبادتِ الاهيءَ ۽ فيض ڏيڻ ۾ گذاريندا هئا. سنڌ جي عظيم شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي دور ۾ سندس مريد ٿيڻ جو ارادو ڏيکاريو هو پر جيئن ته نقشبندي طريقي ۾ راڳ جي ممانعت آهي، ان ڪري شاهه صاحب سندن مريد نه ٿي سگهيو. باقي ڪانئس ايترو متاثر ٿيو جو سندس شان ۾ چوندو هو ته:

مون سي ڏنا ماءِ، جن ڏٺو پـــــرينءَ کي،
تنين سندي ڪاءِ، ڪري نه سگهان ڳالهڙي.

خواجه صاحب ادب، منطق، حڪمت، فلسفي ۽ فقه جو ڪمال حاصل ڪندي عربي، فارسي، سنڌي زبان ۾ بي تڪلف ۽ پخته شعر چيا آهن. خاص ڪري ڪافي ۾ خاص مهارت حاصل آهي. هن وقت تائين سندس 85 سنڌي بيت مليا آهن جيڪي حقيقي معرفت جو سر چشمو آهن. خواجه صاحب جي هن بيت ۾ اعلىٰ شاعري جي تصوير ظاهر ٿئي ٿي.

جنين ڏٺو پاڻ کي، تنين ڏٺو سپرين،
غلط ايءُ گمان، عـارف پسي آرسي.

هن علم فنون جي ڪامل درويش 1774ع ۾ وفات ڪئي، سندن قبر لنواري شريف ۾ آهي، جيڪا عام و خاص لاءِ زيارت گاهه بڻيل آهي.

# خليفو گل محمد گل

خليفو گل محمد گل هالن پراڻن جي ساوٽي اخوندن مان هو. پاڻ سن 1226هجري (1808ع) ۾ ڄائو. پاڻ فارسي عربيءَ جو چڱو ڄاڻو هو. سندس وڏا پيرسائين پاڳاري جا خليفا ۽ مريد هئا. والد جي وفات ڪانپوءِ خلافت جي پڳ گل محمد تي آئي. پير سائين پاڳاري وٽ سيني مريدن ڪان وڌيڪ عزت هوندي هئي. خليفو گل محمد گل اعلىٰ درجي جو عروضي شاعر هو. ”گل“ تخلص

طور ڪم آڻيندو هو. پاڻ سنڌيءَ جو پهريون شاعر آهي، جنهن سنڌي الف_ب جي قافين تي ديوان تيار ڪيو. جيڪو ”ديوانِ گل“ جي نالي سان مشهور آهي. سندس ڪلام ۾ ڪيترين ئي خوبيون آهن. جهڙوڪ علم عروض جي جدا جدا ارڪانن ۽ بحرن ۾ سنڌي نظم جوڙڻ نج سنڌي لفظ ڪم آڻڻ.

جدا جدا ڏنڌن ۽ هنرن کي شاعرانہ نظر سان ڇڪاسي ان مان اخلاقي ۽ روحاني سبق ونڻ. غزل جو خاص مضمون حسن ۽ عشق آهي پر گل تصَوف سان گڏ معاشي ۽ معاشرتي ڳالهين کي بہ غزل جي زينت بڻايو.

# حضرت سچل سرمست

حضرت سچل سرمست ڳوٺ ”درازا“ ضلع خيرپور ۾ ڄائو. سندس اصل نالو ميان عبدالوهاب هو. سندس مائٽ سچ ڳالهائڻ ڪري کيس ”سچو“ ۽ ”سچيڏنو“ ڪري سڏيندا هئا. سندن پيءُ ميان صلاح الدين فاروقي ڪانپوءِ سندن چاچي ميان عبدالحق جي تربيت هيٺ رهيو ۽ روحاني فيض پرايائين.

سچل سائين قرآن شريف جو حافظ عربي و فارسيءَ جو عالم پڻ هيو. هڪ روايت موجب حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي کنهن ڪم سانگي درازن ۾ آيو، تڏهن سچل سرمست اڃا ٻالڪ هو، شاهہ صاحب ڏسي کيس چيو تہ ” هي ڇوڪر اسان جي چاڙهيل ڪني جو ڍڪڻ لاهيندو“. اڳتي هلي اها ڳالهہ سچ ثابت ٿي ۽ سچل سرمست ”هفت زبان“ شاعر سڏجڻ لڳو، ڇو تہ پاڻ هڪ ئي وقت سنڌي، عربي، سرائيڪي، پنجابي، هندي، اُردو ۽ فارسي زبان ۾ شاعري ڪيائين.

سچل سائينءَ جو ڪلام بيباڪيءَ جو آئينو آهي. پاڻ اهو واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس تہ خدا تعالي انسان کي پنهنجي نور مان پيدا ڪيو آهي. انسان جيستائين حق جي طلب نٿو رکي، ايستائين اهو گمراهيءَ جي گردش مان ٻاهر نٿو نڪري سگهي. قرب ۽ محبت جي ڪا بہ حد مقرر ناهي. ڇو تہ انسان جڏهن قرب جي تانگهہ ۾ پوي ٿو، تڏهن پاڻ کي مرڪز جي چوڌاري گهمندي محسوس ڪري ٿو.

پنهون پنهون ٿي ڪريان، آئون پنهون پڻ پاڻ،
اديون ٿيس اڄاڻ، جو ڪين پروڙيون پاڻ کي.

سچل صاحب جي شاعري ۾ حق جي پيروي لاءِ هدايت ملي ٿي. جيڪي راز اڳ وارن شاعرن پردي ۾ رکيا، سچل سائين تن کي عيان ڪيو. پاڻ 1829ع ۾ وصال ڪيائون. سندس مزار درازا ۾ آهي.

# مير عبدالحسين خان سانگي

مير عبدالحسين خان سانگي ٽالپرن جي دور جي آخري حڪمران مير نصير خان جو پوٽو ۽ مير عباس علي خان جو فرزند هو. مير عباس علي خان ڪلڪتي جي هزاري باغ ۾ اسيري دوران هڪ انگريز خاتون سان شادي ڪئي هئي. جنهن مان ڪيس عبدالحسين خان سانگي 1850ع ۾ ڄائو. ڇهن سالن جو مس ٿيو ته سندن والد انتقال ڪري ويو. پوءِ سندس چاچي مير حسن علي خان سندس پرورش ڪئي.سن 1859ع ۾ انگريزن جي قيد مان آزاد ٿي سنڌ ۾ آيو ۽ حيدرآباد ۾ رهڻ لڳو ۽ حيدرآباد ۾ ئي آخوند عبدالعزيز ۽ احمد سانوٽيءَ کان تعليم پرايائين. سرڪار وٽان ڪيس اسپيشل فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽيءَ جو عهدو مليو. پاڻ 12 جون 1924ع ۾ وفات ڪري ويو. ڪيس وصيت مطابق شاهه لطيف جي پرسان ڀٽ شاهه ۾ دفن ڪيو ويو.

سانگيءَ کي شاعريءَ جو شوق ننڍپڻ کان هو. جوانيءَ ۾ سندس شاعري ڏاڍي ترقي ڪئي. سندس شاعريءَ ۾ ڪيتريون ئي خوبيون ۽ خصوصيتون آهن. جن کي مختصر بيان ڪجي ٿو. مثلاً هن پنهنجي ڪلام ۾ ڪيتريون ئي نيون تمثيلون ڪم آنديون، سندس ڪلام ۾ حسن ۽ عشق جون ڳالهيون سڌوسنئون بيان ٿيل آهن. سندس ڪلام ۾ انگريزي لفظ به ڪتب آيل آهن. ان ڪانسواءِ هن پنهنجي ڪلام ۾ سنڌ جي ماڳن ۽ مڪانن جا نالا به ڪم آندا آهن. مطلب ته سانگيءَ جو شعر وطنيت جي جذبن سان ڀرپور آهي. منجهس جدت ۽ اسلوب بيان ۾ نواڻ آهي. پاڻ سنڌي غزل جو اڳواڻ آهي. هن هڪ طرف سنڌي غزل کي زندگيءَ جي مختلف احساسن ۽ امنگن جي اظهار جو ذريعو بڻايو ته ٻئي طرف سنڌ جي معاشي ۽ معاشرتي حالتن جي ترجماني پڻ ڪئي آهي.

# فقير قادر بخش ”بيدل“

فقير قادر بخش ”بيدل“ انگريزن جي ابتدائي دور جو صوفي شاعر آهي. سندس والد جو نالو ميان محمد حسن قريشي هو. پاڻ 1814ع (1230هه) تي روهڙيءَ ۾ پيدا ٿيو. سندس اصل نالو عبدالقادر هو پر سيد عبدالقادرجيلاني جي عقيدت ۾ مٽائي قادربخش رکيو ۽ ”بيدل“ تخلص طور ڪم آندائين. ٻارهن سالن جي عمر ۾ ڪافي علم حاصل ڪيائين. والد جي وفات کان پوءِ قلندر لعل شهباز جي درگاهه تي مٽيون پريندو رهيو، جتان فيض حاصل ٿيندي ئي سچل سرمست جي درگاهه تي پهتو. وڏيڪ فيض وٺندي ئي روهڙي روانو ٿيو ۽ شاعري جي شروعات ڪيائين. ڪيترين ئي زبانن ۾ شاعري ڪيائين. سنڌي ڪافيون نهايت اعليٰ درجي جون چيون اٿس. جيڪي نه صرف فني لحاظ کان پختيون آهن پر مقصد جي لحاظ کان به اهميت جوڳيون آهن. جن ۾ روحاني راز سمايل آهي.

پاڻ 18 مئي 1872ع ۾ راه رباني ورتائين.

# مرزا قليچ بيگ

مرزا قليچ بيگ ٽنڊي نوڙهي ضلع حيدرآباد ۾ 7 آڪٽوبر 1853ع ۾ ڄائو. سندس پيءُ جو نالو فريدون بيگ هو. پاڻ ابتدائي تعليم آخوند شفيع محمد کان حاصل ڪيائين. ان ڪانپوءِ عربي، فارسي ۽ انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ ايلفنسٽن ڪاليج بمبئي مان بي_اي جو امتحان پاس ڪري، حيدرآباد موٽي آيو ۽ مختيارڪار جي عهدي تي فائز ٿي ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تان 1909ع ۾ رٽائر ٿيو. دورانِ نوڪري توڙي رٽائر ڪرڻ بعد به سندس مشغلو پڙهڻ ۽ لکڻ رهيو. پاڻ هڪ ئي وقت شاعر، ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ترجمي نگار، ڊرامه نگار ۽ تاريخدان هو. انهن خوبين عيوض کيس "شمس العلماءَ" ۽ "خانبهادر" جو لقب مليو. سندس ڪتابن جو تعداد لڳ ڀڳ ساڍا چار سئو آهي. جيڪي انگريزي، پارسي، عربي ۽ اردو زبانن مان ترجمو ٿيل آهن. سندس قلم جي رفتار کي اڃا تائين ڪو پهچي ناهي سگهيو. جنهن دور ۾ سنڌي نثر جي گهٽي اٽاٽ هئي، ان دور ۾ هي واحد سنڌي اديب هو، جنهن انهيءَ کوٽ کي پوري ڪرڻ لاءِ قلم کنيو ۽ ناٽڪ نويس، سوانح نگاري، سوانح عمري جهڙين صفتن کي سنڌيءَ ۾ متعارف ڪرايو.

پاڻ 67 سالن جي عمر ۾ 3 جولائي 1929ع ۾ هن فاني دنيا مان انتقال ڪري ويا.

# سيد ثابت علي شاهه

سيد ثابت علي شاهه 1740ع ڌاري ڄائو. ميرن جي دور حڪومت ۾ ميرن جي حمايت ڪري ميرن جي ويجهو ٿيو. جيئن ته پاڻ شيعه مسلڪ سان واسطو رکندو هو ۽ مجلسون وغيرو پڙهندو هو. پر انهن مجلسن ۾ پراڻا اُردو ۽ پنجابي مرثيه پڙهندو هو. انهن ڏينهن ۾ سيوهڻ ۾ پير اسد الله سجاده نشين هو. ان کي پٽ ڄائو ته سيد ثابت علي شاهه ان تي مبارڪبادي قصيدو ناهيو، جو پير صاحب کي ڏاڍو وڻيو ۽ کيس گهرائي پاڻ وٽ رکيو ۽ سڄو سال مجلسون پڙهندو رهيو. انهي دوران کيس سنڌي زبان ۾ مرثيه چوڻ جو خيال ٿيو ۽ پهريون مرثيو

اي خدا جا لاڏلا، سردار سرور ياحسين.

چئي شهرت ماڻي. اهڙي طرح مرثيه کي عروج تي پهچائڻ ۾ سندس وڏو ڪردار آهي. اڄ ڏينهن تائين ان صنف ۾ سندس ڪو مٽ تي ناهي سگهيو، توڙي جو سندس مرثين ۾ فارسي ۽ عربي ٻولي استعمال ٿيل آهي. تنهن هوندي به نهايت مزيدار ۽ رنگين آهن. منجهس فصاحت ۽ بلاغت جهڙيون خوبيون نمايان آهن.

پاڻ 27 سالن جي عمر ۾ 3 جولائي 1810ع ۾ سيوهڻ ۾ وفات ڪيائون.

# حمل فقير

حمل فقير ذات جو لغاري بلوچ هو ۽ سيرڪاڻي قبيلي منجهان هو. پاڻ ڳوٺ مير خان لغاري ضلع خيرپور ۾ 1225ھ بمطابق 1890ع ڏاري رحيم خان لغاري ضلع خيرپور ۾ 1225ھ بمطابق 1809ع ۾ رحيم خان لغاري جي گهر ۾ ڄائو. سندس وڏا اصل ۾ ديره غازي خان کان لڏي اچي خير پور ۾ وينا هئا ۽ بعد ۾ نوابشاھ ضلعي جي ڳوٺ مير خان لغاري ۾ اچي رهڻ لڳا.

پاڻ جيتوڻيڪ سرائيڪي هو، پر سنڌي زبان تي ڪافي لاپ حاصل ڪيو هئائين. پنهنجي خوش طبعي ۽ علمي لياقت جي ڪري تمام گهڻو مشهور ٿي ويو. پاڻ لنواري وارن جو مريد هو ۽ ٽالپرن جي دور جو عوامي شاعر هو. سندس ڪلام ايترو ته مشهور آهي جو عام و خاص ماڻهوسندس بيت جهونگاريندا رهن ٿا.

حمل فقير جي ڪتابن ۾ ”ڪلياتِ حمل“ ته سڪ جي داستانن سان ڀريل آهي ڇو ته سڪ جو دل جي گهرائيءَ سان گهاٽو تعلق آهي. ان ڪانسواءِ سندس ڪليات جي يارهن داستانن ۾ دوستن ۽ يارن جي بيوفائي جو پڻ ذڪر ڪيو ويو آهي. حمل فقير طبيعت جو تمام سادو هو، پاڻ هميشه سائو پهراڻ ۽ سائي پڳ ٻڌندو هو. آخر 71 ورهين جي عمر ۾ 2 صفر 1296ھ بمطابق 1880ع ۾ وفات ڪيائين. سندس آرامگاھ ساڳي ڳوٺ جي ڀرسان ابراهيم شاھ واري مقام ۾ آهي، جتي هر سال وڏو ميلو لڳندو آهي.

# حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي

شاھ عبداللطيف ڀٽائي شاھ ڪريم ، لطف الله قادري ۽ شاھ عنايت ڪانپوءِ بيت جو باڪمال شاعر آهي. پاڻ 1689ع ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو حبيب شاھ هو. شاھ صاحب کي شروع کان ئي سير ۽ سفر جو شوق هو. انهيءَ ڪري پاڻ نه صرف سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گهميو پر سنڌ کان ٻاهر پڻ ويو.

شاھ صاحب جي شعر ۾ اهي سموريون خوبيون موجود آهن، جيڪي دنيا جي وڏي ۾ وڏي شاعر ۾ هئڻ گهرجن. شاھ صاحب جي عظمت جو اعتراف نه صرف ڏيهي اديبن ڪيو آهي پر غير ملڪي اديب، مفڪر ۽ نقاد سندس فڪر جي گهرائي کي تسليم ڪن ٿا. سنڌي زبان جي لفظن جي استعمال جي لحاظ کان شاھ صاحب سند جي حيثيت رکي ٿو. سندس شاعري سنڌي ثقافت، تهذيب ۽ تمدن جي ترجمان آهي.

شاھ صاحب بيت جي صنف ۾ نه صرف پختگي آندي پر ان جي نئين سر تعمير پڻ ڪئي. جنهن کي بار بار پڙهڻ سان خيالات جي بلندي جا نوان نوان نقطا نظر ايندا ڇو ته سندس گرفت نه صرف روحاني فيض تائين مشتمل آهي پر ساڳي وقت پاڻ انساني فطرت جو به ڄاڻو نظر اچي ٿو.

شاھ صاحب 63 سالن جي عمر ۾ 1752ع ۾ وفات ڪئي. سندس مزار ڀٽ شاھ، ضلعي مٽياري ۾ آهي. جتي هر سال 14 صفر تي ميلو لڳندو آهي.

# سرويچ سجاولي

محمد صديق ولد خميسو خان تارڙو "سرويچ سجاولي" 14 مارچ 1937ع ۾ سجاول جي ڀرسان ڳوٺ ابراهيم تارڙي ضلع ٺٽي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور شاعر مولوي احمد ملاح کان متاثر ٿي 1959ع ۾ شاعريءَ جي دنيا ۾ قدم رکيو ۽ هن وقت سنڌ جي بهترين شاعرن جي لسٽ ۾ آهي. سندس شاعري مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيندي رهي ٿي.سندس شاعريءَ جي وڏي خوبي اها آهي ته سندس شعر بلڪل سادي ۽ سولي زبان ۾ آهي . يا ايئن ڪٽي چئجي ته پاڻ شاعري ۾ ڳوناٽي زندگي جي سچي پچي تصوير پيش ڪئي آهي. پاڻ هر صنف ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي. خاص طور تي غزل، گيت، بيت، ڪافي ۽ نظم وغيره تي عبور حاصل ڪيو اٿس. سندس انداز بيان ۾ هڪ طرف سيلاب بي پناهه واري رواني آهي ته ٻئي طرف من موهيندڙ لفظ ۽ دلڪش ترڪيبن جو جادو سمايل آهي. ڪيس سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ سان جنون جي حد تائين محبت آهي.

# حافظ محمد احسن

حافظ محمد احسن ڪنهن به رسمي تعريف جو محتاج ناهي. سندس نالو محمد لقب حافظ ۽ تخلص "احسن" آهي. سندس والد جو نالو جمعه خان چنه هو. پاڻ 12 اپريل 1900ع ۾ ڳوٺ ملڪاٽي ضلع دادو ۾ ڄائو. پنجن سالن جي عمر ۾ مولانا غلام محمد ملڪاٽي جي نظر ڪيميا جي اثر کان مستفيض ٿيو. جن وٽان ظاهري توڙي باطني علم حاصل ڪيائين. ڪتابن جي وسيع مطالعي ڪانپوءِ منجهس تصنيف ۽ تاليف، شعر گوئي ۽ مقاله نگاري جو شوق ذوق پيدا ٿيو. 1918ع ۾ پنهنجي ڳوٺ ۾ ديني مدرسو کوليائين. پاڻ شاعريءَ جو آغاز 1921ع ۾ مرزا قليچ بيگ ۽ حڪيم جمعه خان غريب جي صحبت سان ڪيو. سندس ڪلام جي سادگي، رواني ۽ پختگي، سندس فن جو نمايان معيار آهي. پاڻ شاعري جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي. خاص طور تي غزل، قصيدو، رباعي، مثنوي ۽ وائي تي عبور حاصل ڪيو. سندس شاعري مختلف اخبارن ۽ رسالن جي زينت بڻجندي رهي آهي. سندس نظم جي ڪتابن ۾ ديوانِ احسن ، مظاهر مصطفوي. گلدستهءِ احسن، لطيفي لات وغيره شايع ٿي چڪا آهن. جڏهن ته نثر ۾ ترغيب العلم، سچن تي ستم، شاهه جو پيغام، مخدوم بلال، قصص الانبياء شايع ٿي چڪا آهن. پاڻ 18 جون 1986ع ۾ وفات ڪري ويو.

# نياز همايوني

نياز همايوني جو شمار سنڌ جي انهن قومي شاعرن ۾ ٿئي ٿو جن ورهاڱي کان اڳ آزادي جي هلچل ۾ حصو ورتو.سندس جنم 1930ع ۾ ڳوٺ همايون ضلع سکر ۾ ٿيو. مختلف درسگاهن مان تعليم ۽ تربيت مڪمل ڪري علم طب ڏانهن رجوع ٿيو. اتان فارغ ٿيڻ ڪانپوءِ ڪجهه طبي ادارن ۾ اُستاد پڻ رهيو. سندس شاعريءَ ۾ اصليت جو عنصر گهٽي تعداد ۾ ملي ٿو.سندس انقلابي ۽ قومي شاعري ۾ وقت جي ڳالهه ۽ زندگيءَ جو درد ڏُهرايل آهي، جنهن ڪري ڪشمور کان ڪيٽي بندر تائين هن لافاني شاعر جو تذڪرو ٿيندو رهي ٿو.

نياز همايوني پنهنجي فن جي انفراديت ۽ فن جي اسلوب جي جدت سبب سنڌي ادب ۾ اهم مقام حاصل ڪيو آهي. ڪيس نظم جو بادشاهه چئجي ته غلط نه ٿيندو، ڇو ته سندس طويل نظمن ۾ ڪٿي به ڪو ابهام يا لچڪ نٿو نظر اچي. اهو ئي ڪارڻ جو سندس هر شعر دلين ۾ گهاءُ ڪري وجهي ٿو. جذبات جي فراواني هن عظيم شاعر جو ڏاج آهي. افسوس اهو آهي جو سندس ڪو به مجموعي ڪلام اڃا تائين شايع نه ٿي سگهيو آهي.

# شيخ عبدالحليم جوش

شيخ عبدالحليم جوش 01 مارچ 1932ع ۾ ڄائو.سندس والد جو نالو شيخ عبدالله عبد آهي. ادبي ذوق ورثي ۾ مليس، جنهن ڪري ڪراچي جي نوان آباد جي علائقي جي هڪ سنڌي اسڪول ۾ هميشه ادبي ۽ علمي سرگرميون رهيون اٿس. اسڪول جي تعليم جي دور ۾ شاعري سان سندس دلچسپي پيدا ٿي. پاڻ مشاعرن ۾ پڻ ويندو هو. 1947ع ۾ ميرپور خاص پڙهڻ ڪانپوءِ 1948ع ۾ ڪراچي موٽي آيو ۽ سنڌ مسلم سائنس ڪاليج ۾ داخلا ورتائين. ان وقت "بزم ادب نظامي ۽ محفلِ احباب" ۾ باقاعدي شعر پڙهڻ شروع ڪيائين ۽ استادن جي همت افزائي سان سندس طبيعت شاعريءَ ڏانهن پوري طرح رجوع ٿي. جنهن ڪري پاڻ سائنس ڇڏي آرٽس پڙهڻ شروع ڪيائين. شاعري جي اصلاح پنهنجي والد کان ورتائين. جوش بنيادي طور غزل جو شاعر آهي. پر سندس فن ۾ قلندرانه بيباڪي نظر اچي ٿي. سندس بيان جي سلاست ۽ خيال جي جدت نظر اچي ٿي. پاڻ ڪجهه وقت محڪمهءِ اطلاعات ڪراچي ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر جي طور ڪم ڪري چڪو آهي.

# اشتقاق

اشتقاق بنيادي طرح عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معني آهي ”چيرڻ ، پچڻ، ٽڪڙا ڪرڻ يا بنيادي ڏاتو ڪڍڻ“ عام اصطلاح ۾ اشتقاق جي معني آهي ڪنهن لفظ جو بُڻ بنياد يا جڙ جانچڻ لاءِ ان کي چيري ان جي تهہ تائين پهچڻ. اسان جي ٻولي عربي ، فارسي ۽ سنسڪرت ٻولين جي پيداوار آهي. ان ڪري مختلف ٻولين جا لفظ جڏهن شامل ٿي چڪا آهن تہ انهن کي صاف ڇاڻي علحيده ڪرڻ کي اشتقاق چئبو آهي.

| | |
|---|---|
| 1 . رســـــم الخط | رسم : نمونو +ال: جو + خط : لکڻ جي صورت (لکڻ جو نمونو) |
| 2 . همــــــــــدرد | هم: ساڳيو +درد: تڪليف (ساڳيو درد رکڻ وارو) |
| 3. بيـــــــوس | بي : ڪانسواءِ + وس : طاقت : مجبور (طاقت ڪانسواءِ) درچار |
| 4. عظيـــــم الشان | عظيم : وڏو +ال : جو + شان : عزت (وڏي عزت وارو) |
| 5. طاقـــــتـــور | طاقت : همٿ + ور : وارو (پهلــــوان) |
| 6. تنـــــدرســـت | تن : جسم +درست: صحيح (چڱو ڀلو) |
| 7. دارُالــــــفناء | دار: گهر +ال : جو + فنا : ختم (ختم ٿيڻ واري دنيا) |
| 8. گلســــــتان | گل : گل + آستان : گهر ( باغيچو) |
| 9. ناول نــــويس | ناول : ناول + نويس : لکندڙ (ناول لکندڙ) |
| 10. مهاراجـــــــا | مها : وڏو + راجا: راجا (وڏو راجا) |

| | |
|---|---|
| 11. سُـــــر خـــــرو | سرخ : ڳاڙهو + رو : منهن   ڪامياب (ڳاڙهي منهن وارو) |
| 12. خــوشـــــــبوءِ | خوش : سنو + بوءِ : واس   (سني بوءِ وارو) |
| 13. پيشـــن گوئي | پيشن : اڳوات + گوئي : چوڻ   (اڳڪٿي ڪرڻ) |
| 14. لاطـــــمع | لا : نہ + طمع : لالچ   (ڪابہ لالچ نہ رکڻ) |
| 15. سنگـــتراش | سنگ : پٿر + تراش : گهڙڻ   (پٿر گهڙيندڙ) |
| 16. ڪٽراڳ | ڪٽ : خراب + راڳ : سُر   (خراب راڳُ، گوڙ شور) |
| 17. شــبـــــــنم | شب : رات + نم : آلاڻ   (ماڪَ جا ڦڙا) |
| 18. گاســــليٽ | گئس : تيل + لائيٽ : روشني   ( تيل جي روشني، ٻارڻ جو ايندهن) |
| 19. دستـــــگير | دست : هٿ + گرفتن : وٺڻ   (هٿ وٺندڙ، مدد ڪندڙ) |
| 20. اُم الخيـــــــر | اُم : ماءَ + ال : جو، جي + خير : ڀلائي   ( ڀلائي جي ماءُ) |
| 21. مـــــنصف | مُ : ماڻهو + نصف : انصاف ڪرڻ وارو   (انصاف ڪندڙ ماڻهو) |
| 22. جـــهان آرا | جهان : دنيا +آراستن+ سينگارڻ   (دنيا جو سينگاريندڙ) |
| 23. نـــــرجو | نر : سواءِ + تجا : شرم   (بي شرم) |
| 24. مخــــــدوم | خدم : چاڪري ڪئي وئي   ( جنهن جي خدمت ڪئي وڃي) |
| 25. مهمان نـــــواز | مهہ : چنڊ + مان : عزت + نواز : نوازيل   ( عزت سان نوازيل) |
| 26. ســـــنـــگدل | سنگ : پٿر + دل :دل   (سخت دل) |
| 27. ســـــر تاج | سر : متو + تاج : ڇٽ   (وڏو ماڻهو يا اڳواڻ، ورُ يا مڙس) |

| | | |
|---|---|---|
| 28. سُگهڙ | سُ : سُٺو + گهڙ : ناهيندڙ | (سُٺو ناهيندڙ) |
| 29. خانہ بدوش | خانہ : گهر + بدوش : ڪلهي تي | (سدائين لڏ پلاڻ ۾ رهڻ) |
| 30. اُجهاڳ | ا : نہ + جهاڳڻ : پار ڪرڻ | (جيڪو ٽپي نہ سگهي) |
| 31. ڳجهارت | ڳجهہ : راز + ارت : مطلب | (راز واري ڳالهہ، پرولي) |
| 32. سرڪش | سر : متو + ڪش : ڇڪيندڙ | (باغي ، خوني) |
| 33. دارُالامان | دار : گهر + ال : جو + امان : پناهہ | (امن جي جاءِ) |
| 34. جهانگير | جهان : دنيا + گير : وٺڻ | (دنيا تي قبضو ڪندڙ) |
| 35. ڪوهيارو | ڪوهہ : جبل + يارو : وارو | (جابلو ماڻهو) |
| 36. سَپُوت | س : چڱو + پتر : پُٽ | (سلَڇڻو ٻار) |
| 37. بد معاش | بد : خراب + معاش : گذر | (خراب زندگي گذاريندڙ) |
| 38. بختاور | بخت : ڀاڳ + آور : اچڻ | ( نصيب وارو) |
| 39. اڻهوند | ا : نہ + هوند : هجڻ | (سُڃائي) |
| 40. ڪمهلو | ڪ : خراب + مهل : وقت | (بي وقتائتو) |
| 41. مهراڻ | مهر : ٻاجهہ + آڻ : پيدا ڪرڻ | (ٻاجهہ ڪر ، درياء جو نالو) |
| 42. خورشيد | خور : وڏي + شيد : روشني | (وڏي روشني) |
| 43. غمگين | غم : ڏُک +گين : پريل | (ڏک سان پريل) |
| 44. شبِ برآت | شب : رات + برات : ڇوٽڪارو | (نجات جي جاءِ) |

| | |
|---|---|
| 45. ذوالفـــــقار | ذو : ٻہ + ال : جو + فقر : چيرڻ (ٻن منهن واري تلوار) |
| 46. خـــوردبيني | خورد : ننڍو + بيني : ڏسڻ ( ننڍي شيءِ کي وڏو ڪري ڏسڻ) |
| 47. سُـــگـند | سُ : چڱي + گند : خوشبوء ( سٺي خوشبوء) |
| 48. شــــاگرد | شا : شاھ +گرد : چوڌاري (اُستاد جي چوڌاري ويهڻ) |
| 49. نــــالائق | نا : نہ + لائق : جوڳو ( جيڪو ڪم جوڳو نہ هجي) |
| 50. بـــيـــجا | بي : سواء + جا : سبب ( بنا سبب جي) |
| 51. بي اختـــــيار | بي : سواء + اختيار : وَس (جنهن جو وس نہ هجي) |
| 52. ڪَـــجَـــر | ڪَ : خراب + جر : پاڻي (خراب پاڻي) |
| 53. پـــاڻياري | پاڻي : پاڻي + ياري : واري (پاڻي پرڻ واري) |
| 54. بـــي انت | بي : سواءِ + انت : پڇاڙي (ختم نہ ٿيندڙ) |
| 55. پـــابـــندي | پا : پير + بندي : ٻڌڻ (ٻڌل هجڻ) |
| 56. رهنـــما | راھ : واٽ + نما : ڏيکاريندڙ (رستو ڏيکاريندڙ) |
| 57. مهتـــاب | ماھ : چنڊ + تاب : تکو (تکي چمڪ وارو) |
| 58. لـــوهار | لوھ : لوھ (ڌاتو) + آر : ڪم (لوھ جو ڪم ڪندڙ) |
| 59. نـــگهداشت | نگاھ : نظر + داشت : رکڻ (سنڀالڻ وارو) |
| 60. ابوالـــفضل | ابو : پيءُ + ال : جو + فضل : نيڪ (سُٺن لڇڻن وارو) |
| 61. تخـــتگاھ | تخت : حڪومت + گاھ : جاءِ (گاديءَ جو هنڌ) |

| | |
|---|---|
| 62. گوهر افشان | گوهر : موتي + افشان : چمڪندڙ ( چمڪدار موتي) |
| 63. بيت المال | بيت : گهر + ال :جو + مال : دولت (دولت جي جاءِ) |
| 64. پيغمبر | پيغام : نياپو + بردن : آڻيندڙ (نياپو آڻيندڙ) |
| 65. انگوچو | انگ : بدن + اڇَ : ٻڌڻ (گوڏ ٻڌڻ وارو ڪپڙو) |
| 66. بي بهـــــا | بي : سواءِ + بها : قيمت (تمام گهڻي قيمت وارو) |
| 67. چالبـــــاز | چال : طريقو + باز : وارو (دوکيباز |
| 68. آبپاشي | آب : پاڻي + پاشي: ڏيڻ (پاڻي ڏيڻ) |
| 69. آمدرفت | آمد : اچڻ + رفت : وڃڻ (اچ وڃ) |
| 70. عبادتگاهه | عبادت : بندگي + گاهه : جاءِ (عبادت جي جاءِ) |
| 71. رهـــــبر | راهه : رستو + بردن : ڏيکارڻ وارو (سڌو رستو ڏيکاريندڙ) |
| 72. بـــــيدل | بي : سواءِ + دل : دل (بي سهارو) |

# شخصيتن تي نوٽ

## علامہ آءِ. آءِ قاضي

علامہ آءِ. آءِ قاضي جو اصل نالو امام علي قاضي هو. پاڻ 1886ع ۾ ضلعي دادو جي علمي ڳوٺ ”پاٽ“ ۾ ڄائو. 1905ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪري 1910ع ۾ لنڊن مان بئريسٽريءَ جو امتحان پاس ڪيائين. انهيءَ عرصي ۾ مختلف علمن جو ذاتي طور مطالعو ڪيائين. ڪجھ عرصي ڪانپوءِ خيرپور ميرس ۾ ڊسٽرڪٽ جج مقرر ٿيو. سندس شادي جرمني ۾ ”ايلسا“ سان ٿي. جيڪا پڻ اعلىٰ اديب، مصور ۽ قابل عورت هئي. سندس پهرين ملاقات لنڊن ۾ ريل گاڏيءَ ۾ ٿي هئي. علامہ صاحب جي شرافت ڪان متاثر ٿي ساڻس زندگي گذارڻ جو فيصلو ڪري ويٺي.

1919ع ۾ علامہ صاحب سنڌ ۾ مستقل طور رهڻ آيو ۽ ٽنڊي محمد خان ۾ مئجسٽريٽ مقرر ٿيو. پوءِ حيدرآباد م سب جج ٿيو، پر عدالتي معاملن ۾ رياستن اختيارن جي مداخلت سبب استعيفىٰ ڏئي لنڊن هليو ويو ۽ اتي اسلامي تبليغ لاءِ مرڪز کوليائين. 1924ع ۾ لنڊن مان موٽي اچڻ ڪانپوءِ جناح ڪورٽس ڪراچي جي مسجد ۾ پيش امام ٿيو ۽ جمعي جي ڏينهن علمي خطبو ڏيندو هو. علامہ صاحب جو مطالعو تمام وسيع هو. پاڻ هڪ ئي وقت مذهب، سائنس، فلسفي، ادب شاعري، آرٽ، تاريخ ۽ تصوت تي گهري نظر رکندا هئا. سندس ذڪر ۽ فڪر جو محور ”قرآن شريف“ هو. قرآن پاڪ ڪانپوءِ سندس وڏي ۾ وڏو ماخذ ”شاھ جو رسالو“ هو.

علامہ صاحب جو زنده ڪارنامو سنڌ يونيورسٽي جو قيام هو. پاڻ تن ڏينهن ۾ لنڊن ترسيل هئا جتان کيس گهرائي يونيورسٽي جو وائيس چانسلر بڻايو ويو. ان وقت سندس عمر 65 سال هئي. سندس دور ۾ ڪاپي ۽ سفارش جو نالو ئي نہ هو. انتظاميہ طرفان يونيورسٽي ۾ ڪنهن بہ قسم جي مداخلت برداشت نہ ڪندو هو. جنرل ايوب جي مارشل لا جي دور ۾ اهڙي مداخلت تي استعيفىٰ ڏئي ڇڏيائين.

علامہ صاحب پنهنجي رفيق حيات جي وفات بعد اڪيلو ٿي ويو ۽ نيڪ هڪ سال بعد 13 اپريل 1968ع ۾ سنڌو درياء تي چهل قدمي ڪندي، سنڌو جي لهرن ۾ لڙهي پنهنجي قيمتي جان کي سنڌو جي پوتر پاڻي جي حوالي ڪري سهڻي ۽ ميهار جي روايت قائم ڪيائين. سندس آخري آرامگاھ سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري ۾ آهي.

# ڊاڪٽر هوت چند گُربخشاڻي

ڊاڪٽر هوت چند گُربخشاڻي 8 مارچ 1884ع ۾ تي حيدرآباد ۾ ڄائو. ميٽرڪ پاس ڪرڻ کانپوءِ 1900ع ۾ ڊي_جي (DEYRUM JETHEMAL ) سنڌ ڪاليج ۾ داخل ٿيو. 1905ع ۾ بي_اي جو امتحان پاس ڪيائين. ان کانپوءِ ولسن ڪاليج بمبئي مان ايم_اي ڪري ساڳي ڪاليج ۾ انگريزي ۽ فارسي جو اسسٽنٽ پروفيسر جي حيثيت سان ڪم ڪرڻ لڳو. آخر ۾ پرنسپال تي ساڳي ڪاليج ۾ رهيو. 1928ع ۾ لنڊن ۾ وڃي رهيو ۽ لنڊن يونيورسٽيءَ ۾ انگريزي شاعري ۾ تصوف جي موضوع تي مقالو لکيائين. جنهن تي کيس ڊاڪٽريءَ جي سند ملي. جيتوڻيڪ ادب ۾ سندس تصنيفون تمام گهٽ آهن پر جيڪي موجود آهن سي تحقيقات جي لحاظ کان اهميت جوڳيون آهن. هن جيڪي ڪتاب لکيا تن ۾ شاهه جو رسالو، مقدمه لطيفي، روح رهاڻ، نورجهان ۽ لنواري جا لال شامل آهن.

ڊاڪٽر صاحب 11 فيبروري 1947ع تي پر لوڪ پڌرايو.

# حڪيم فتح محمد سيوهاڻي

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي 1882ع ۾ سيوهڻ ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو ميان محي الدين هو، جيڪو وڏو عالم ۽ حڪيم ٿي گذريو آهي. جڏهن پنجن سالن جو ٿيو ته مائٽن کيس مدرسي ۾ داخل ڪرايو. جتان عربي ۽ فارسي جي تعليم ورتائين. ان کان پوءِ وڌيڪ عربي جي تعليم وٺڻ لاءِ ضلعي دادو جي ڳوٺ سيتا ۾ ويو. 1321ھ ۾ تعليم پوري ڪري سيوهڻ جي جامع مسجد ۾ اسلامي مدرسو کوليائين. سندس ناموري ٻڌي ڪيترائي شاگرد اچي سندس مدرسي ۾ داخل ٿيا. ان قابليت ڪي ڏسي سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچي ۾ عربي ۽ فارسي جو استاد مقرر ٿيو ۽ مذهبي توڙي ادبي تحريڪن ۾ سرگرم رهيو. پاڻ تاريخ، ادب، حديث، تفسير، شعر ۽ شاعري ۾ ماهر هو. سندس نثر ۾ لکيل ڪتاب "داستانِ قوم حيات النبي ﷺ" ۽ "ڪمال ۽ زوال" تمام گهڻو مشهور آهن.

حڪيم صاحب بلند پايي جو صحافي پڻ هو ۽ 1925ع ۾ "الجامع" رسالو جاري ڪرايائين. جنهن ۾ مسلم قوم جي حالت تي تمام گهڻا مضمون لکيائين. خاص طور تي مسلمانن ڪي جديد علوم جو شوق ڏيارڻ سان گڏ مذهبي تعليم طرف به راغب ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪيائين. ڪراچي ۾ رهڻ دوران پاڻ ڪچهري روڊ تي پنهنجو دواخانو کوليائين ۽ حياتي جو باقي وقت اتي ئي گذاريائين.هن 1942ع ۾ وفات ڪئي.

# مولانا دين محمد وفائي

مولانا دين محمد وفائي 27 رمضان المبارڪ 1311هه سندس اباڻي ڳوٺ ڪٽي عرف نبي آباد تعلقو ڳڙهي ياسين ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو خليفو گل محمد پٽي هو. اجا عربي جي تعليم ختم ئي مس ڪيائين ته مولانا ابو الفيض "سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچي" ۾ داخلا وني ڏنس. تعليم پوري ڪرڻ کانپوءِ راڻيپور ۾ وڃي رهيو ۽ درس وتدريس جو ڪم جاري رکيائين.

گهڻي مشغولي هوندي به وفائي صاحب ڪيترائي مذهبي، علمي ۽ ادبي ڪتاب تصنيف ڪيا پر ترجمو پڻ ڪيائين. تصنيف ٿيل ڪتابن ۾ تاريخ مصطفىٰ ﷺ، حيدرِ قرار، قانونِ جنّت، غوثِ اعظم، نَوَ مسلم هندو نياڻيون، راحت الروح، مقصدِ زندگي، قرآني صداقت، هندو ڌرم، قرباني ۽ شاهه جي رسالي جو مطالعو وغيره شامل آهن. جڏهن ته ترجمو ڪيل ڪتابن ۾ توحيدِ اسلام، تقويته الايمان جو ترجمو، القام الباري، تجريد البخاري، جو پنجن جلدن ۾ ترجمو ۽ فتوح الغيب شامل آهن. ان کانسواءِ وفائي صاحب جا بيشمار مقالا ۽ مضمون ماهوار توحيد ۽ ٻين رسالن ۾ شايع ٿيل آهن، جن جو موضوع اسلام، سياست ۽ اخلاق آهن. پاڻ وڏو اهلِ قلم ۽ عالم هئڻ سان گڏ مسلمانن جي معاشي سماجي ۽ تعليمي سڌارڪ شخص هو.

# ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

ڊاڪٽر نبي بخش ولد علي محمد خان لغاري بلوچ علمي، تعليمي، ادبي ۽ثقافتي خدمتن جي سلسلي ۾ متعارف شخصيت آهي. سنڌي لوڪ ادب ۽ لغت، سنڌ جي تاريخ ۽ ڪلاسيڪي شاعري تي سندس تحقيق بلند معيار تي پهتل آهي. پاڻ ڳوٺ جعفر خان لغاري ضلع سانگهڙ ۾ پيدا ٿيو. شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائين. جڏهن ته مئٽرڪ مدرسه هاءِ اسڪول نوشهروفيروز مان ڪري بي_ اي بهاءُ الدين ڪاليج جهونا ڳڙهه مان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين. ان کانپوءِ مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهه ۾ پڙهڻ لاءِ ويو. جتان 1943ع ۾ ايم_اي فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪري سڄي يونيورسٽي ۾ پهريون نمبر آيو.ساڳي سال ايل_ايل_بي فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين. 1946ع ۾ تعليم ۽ تربيت حاصل ڪرڻ لاءِ ولايت روانو ٿيو ۽ ڪولمبيا يونيورسٽي مان ايجوڪيشن ۾ ايم_ اي ۽ ڊاڪٽري جي اعلىٰ ڊگري حاصل ڪيائين. 1949ع ۾ پاڪستان موٽي آيو ۽ ڪجهه وقت وزارتِ داخلا جي انفارميشن ۽ براڊڪاسٽنگ ڊويزن ۾ آفيسر آن اسپيشل ڊيوٽي طور ڪم ڪيائين. انکانپوءِ مشرقِ وسطىٰ ۾ تعليمات ۽اطلاعاتِ عامه جون ذميداريون ڏنيون ويون پر ڊاڪٽر صاحب تعليم ۽ تربيت کي اهميت ڏني ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ صدر شعبهءِ تعليم طور پهريون پروفيسر مقرر ٿيو.

هڪ محقق ۽ عالم، دانشور ۽ مبصر جي حيثيت ۾ يورپ ۽ مشرق جي تعليمي ۽ ثقافتي اجلاسن ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪئي آهي. سندس علمي، ادبي ۽ تعليمي خدمتن جو اعتراف ڪندي حڪومتِ پاڪستان ڪيس ”تمغۂ پاڪستان“ جو اعزاز ڏنو آهي.

# ڊاڪٽر محمّد دائود پوٽو

ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو 1896ع ۾ ڳوٺ ٿلتي ضلع دادو ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم پنهنجي گهر ۾ حاصل ڪري لاڙڪاڻي جي مدرسي ۾ داخل ٿيو. ان ڪان پوءِ 1915ع ۾ نوشهرو فيروز جي مدرسي ۾ پڙهڻ لاءِ ويو. ان بعد بمبئي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان نمايان ڪاميابي سان حاصل ڪيائين. بعد ۾ 1921ع ۾ بي۔اي جو امتحان فارسيءَ ۾ پهرين نمبر ۾ پاس ڪيائين. 1924ع ۾ اعلیٰ تعليم لاءِ انگليند ويو ۽ 1927ع ۾ ڪيمبرج يونيورسٽيءَ مان پي۔ايچ۔ڊي ڪيائين. سندس تحقيقي مقالي جو عنوان هو ”عربي شاعري جو فارسي شاعري تي اثر“. انگريزي زبان ۾ لکيل هن مقالي ڪانسواءِ عربي، فارسي ۽ انگريزي ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيائين. تاريخ، معصومي ۽ چچ نامو جا فارسي متن ايڊٽ ڪيائين. سنڌيءَ ۾ درسي ڪتابن ڪانسواءِ شاهه ڪريم جو ڪلام، منهنجي آتم ڪهاڻي، ڪلامِ گرهوڙي، منهاج العاشقين ۽ ڊاڪٽر گُربخشاڻي سان گڏ شاهه جو رسالو پڻ لکيائين.

سنڌي زبان ۽ ادب جي ترقي لاءِ ڊاڪٽر صاحب پنهنجو پاڻ چڱو پتوڙيو. هو سنڌي ادبي بورڊ جي باني مان هڪ هو ۽ مهراڻ رسالي جي جاري ڪرڻ ۾ سندس وڏو هٿ هو. ڊاڪٽر صاحب جي تحرير ۾ جيڪا خوبي آهي ان جو اندازو هن اقتباس (ٽڪري) مان لڳائي سگهجي ٿو.

” هي دنيا هڪ حيرت ناڪ هستي آهي. ساعت ساعت ساڻدي جيان سوين رنگ بدلائي ٿي. گهڙي گهڙي نوان روپ مٽائي ٿي. سڪندر ۽ دارا پنهنجا وارا وڄائي ويا، نقارا ۽ نشان ڇڏي ويا. مصر ۽ يونان، روم ۽ ايران جو قديم بادشاهيون بہ انهيءَ لهر ۾ لڙهي ويون“.

علامہ صاحب سنڌ مدرسۃ الاسلام ڪراچيءَ ۽ اسماعيل ڪاليج بمبئيءَ ۾ عربيءَ جو پروفيسر ٿي رهيو. پاڻ 22 نومبر 1958ع تي وفات ڪيائين. سندس وصيت مطابق ڪيس پٽ شاهه جي روضي وٽ دفن ڪيو ويو.

# قاضي قادن

قاضي قادن 889هه مطابق 1484ع ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو قاضي ابو سعيد هو. پاڻ سمن جي دور جو وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. ان سان گڏوگڏ پاڻ حديث، تفسير ۽ فقہ جو مجيل عالم پڻ هو. ڄام نظام الدين عرف ڄام نندو جي دور ۾ بکر جو قاضي مقرر ٿيو. شاهه حسن ارغون جي دور ۾ پڻ قاضي رهيو ۽ ويهن سالن بعد استعفیٰ ڏئي مديني منوره هليو ويو ۽ 1551ع ۾ وفات ڪيائين.

قاضي صاحب جا ست بيت شاهه ڪريم جي ڪتاب "بيان العارفين" مان مليا آهن. جڏهن ته پارت ۾ راڻيلا ڳوٺ ۾ دادو پنڌي پڳتن جي مڙهي مان هڪ وڏو ذخيرو مليو آهي، جنهن ۾ قاضي صاحب جا 100 کان وڌيڪ بيت آهن. سندس ڪلام فڪر ۽ فلسفي جي ڪري ذهن تي اثر ڪرڻ وارو ۽ فڪر جي دعوت ڏيڻ وارو ڪلام آهي.

اکر پيا وسار الف اڳيون ئي ياد ڪــر،
سو تون ڏيئو ٻار، جو نه اجهامي ڪڏهن.



سنڌ سلامت

# اصطلاح

اصطلاح عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي " موافقت يا موزونيت". عام طور تي اصطلاح ان کي چئبو آهي جنهن جي ظاهري پڙهڻي هڪ معلوم ٿئي ته وري سوچ ويچار ڪرڻ سان ٻيو مقصد حاصل ٿئي.

اسان جي سنڌي ٻولي ۾ اهڙي قسم جا تمام گهڻا جملا موجود آهن، جن کي اسان جي وڏڙن، سياڻن، صالحن ۽ درويشن زماني جي آزمودن کي ڏسندي چيا آهن. اصطلاح جي ترڪيب موجب هر حال ۾ اصطلاح جو آخري اکر مصدر يعني جنهن جي آخر ۾ "ڻ" هجڻ ضروري آهي. اصطلاحن جا لفظ پورا هوندا آهن، انهن ۾ گهٽ وڌ ڪرڻ جي گنجائش نہ هوندي آهي.

| اصطلاح | معنيٰ | جملا |
|---|---|---|
| 1 . اکين تي پردا چڙهڻ: | تڪبر سبب بي حياء ٿيڻ | دولت جي نشي انسان جي اکين تي پڙدا چاڙهي ڇڏيا آهن. |
| 2. اکيون ٻرڻ | جوش ۾ اچڻ | احمد جون اکيون ڪاوڙ مهل ٻرنديون آهن. |
| 3. آرسيءَ ۾ منهن وجهڻ | پاڻ ۾ جهاتي پائڻ | هميشہ آرسيءَ ۾ منهن وجهي پوءِ ٻين جا عيب ڪيجن. |
| 4. اک ڏيکارڻ | سختي ڪرڻ/ رعب ڪرڻ | وقت جي حاڪم کي، راشي آفيسرن کي اک ڏيکارڻ گهرجي. |
| 5. اک کي چوڏو ٻڌڻ | اُميد رکڻ | تون اک کي چوڏو ٻڌ، انشاء الله تنهنجو ڪم ٿي ويندو. |
| 6. اتو ٻڌي پنيان لڳڻ | ڪاهي پوڻ | جيڪو ماڻهو اتو ٻڌي ڪنهن ڪم جي پويان هوندو، يقيناً ڪامياب ٿيندو. |

| | | |
|---|---|---|
| 7. اتي ۾ لوڻ هئڻ | تمام گهٽ هئڻ | 1965ع واري جنگ ۾ اسان جي قوت اتي ۾ لوڻ برابر هئي. |
| 8. اک نه ٻُڏڻ | گهٽ سمجهڻ | تنهنجي ته مون ڏي اک ئي نٿي ٻڏي. |
| 9. اُس ۾ اچا وار ڪرڻ | اجائي عمر گذارڻ | وڏن جي تجربن مان فائدو وٺجي ڇو ته انهن اُس ۾ اچا وار نه ڪيا آهن. |
| 10. اک لڳڻ | ننڊ اچڻ | گاڏيءَ ۾ ويٺي ويٺي منهنجي اک لڳي وئي. |
| 11. حوصلا خطا ٿيڻ | وايون بتال ٿي وڃڻ | هن جي موت جي خبر ٻڌي منهنجا حوصلا خطا ٿي ويا. |
| 12. چورن مٿان مور هئڻ | استاد جو استاد هئڻ | اڄ جا ٻار چورن مٿان مور آهن. |
| 13. اُپ ڦاڙڻ | دانهون ڪرڻ، ٻٽاڪون هڻڻ | هت ۾ اٽس ڪجهه به نه ، اجايو پيو اپ ڦاڙي. |
| 14. اُپ ۾ تڪڻ | الله ۾ آسرو ڪرڻ | غريب ماڻهو اوکي ويل اپ ۾ تڪڻ لڳندا آهن. |
| 15. اکيون نرڻ | خوش ٿيڻ | ڪافي وقت ڪانپوءِ توکي اڳڻ تي ڏسي اکيون نرن ٿيون. |
| 16. اوجهڙ ۾ اٽڪڻ | مصيبت ۾ ڦاسڻ | سياست ۾ وڃڻ ڄڻ ته اوجهڙ ۾ اٽڪڻ آهي. |
| 17. اوڙاهه ۾ ڪرڻ | اونهي کڏ ۾ پوڻ | جهالت اوڙاهه ۾ ڪرڻ برابر آهي. |
| 18. بصر چلڻ | عيب جوئي ڪرڻ | گهڻا ماڻهو منهن تي مشابهت رکي پر پٺ وينا بصر چليندا آهن. |
| 19. اَڪَ ڪارا ڪرڻ | سوپ ڪٽڻ | جيڪو اڪ ڪارا ڪري اهو نوڪريءَ جا وارا ڪري. |
| 20. ٻوٿو ٻارڻ | ڪارنامو سرانجام ڏيڻ سڌارو آڻڻ | جيڪي وقت کي اهميت نٿا ڏين سي کهڙو ٻوٿو ٻاريندا. |
| 21. ٻاڦ ٻاهر ڪيڻ | راز ظاهر ڪرڻ | سچو دوست اهو ئي آهي جيڪو پنهنجي دوست لاءِ ٻاڦ ٻاهر نه ڪيي. |
| 22. ٻاٽون ڪائڻ | ڏڪا ڪائڻ. بيڪار گهمڻ | جيڪو علم حاصل نٿو ڪري اهو ٻاٽون ڪائي ٿو. |
| 23. ٻيڙو ٻوڙڻ | تباهه ڪرڻ | ڪم ته ڪم جي ماڳ پر هٽي ڪم جو ٻيڙو ئي ٻوڙي ڇڏيائين. |

| | | |
|---|---|---|
| 24. ٻين تي ڀاڙڻ | پرائي آسري لڳڻ | ٻين تي ڀاڙڻ وارا ماڻهو ڪڏهن بہ ترقي نہ ڪري سگهندا آهن. |
| 25. ٻرن ۾ هٿ وجهڻ | خوفناڪ ڪم ڪرڻ | سرن تان آسرو لاهي پوءِ نانگن جي ٻرن ۾ هٿ وجهو. |
| 26. ٻانهن ٻيلي ٿيڻ | همدرد ٿيڻ | ملڪ جي ترقي لاءِ هڪ ٻئي جو ٻانهن ٻيلي ٿيڻ گهرجي. |
| 27. ٻانهن ۾ پيرو ٻڌڻ | پابند ٿيڻ | مان هن جو ضامن پئي هرويرو پنهنجي ٻانهن ۾ پيرو ٻڌڻ گهرجي. |
| 28. ٻڪر ٻُوسات ڪرڻ | زبردستي ڪرڻ | وڏيرو هاريءَ سان ٻڪر ٻوسات ڪري سڄو فصل ڪٽي ويو. |
| 29. پويون پساهہ هڻڻ | سڪرات هڻڻ<br>موت جي ويجهو هئڻ | شڪر ٿيو جو پير مرد جي پوئين پساهہ مهل اولاد موجود هو. |
| 30. پاڻي ڦيري ڇڏڻ | ضايع ڪرڻ | هن منهنجي اميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو. |
| 31. پهہ پچائڻ | منصوبا ناهڻ | هير پارس ڪان بدلو وٺڻ لاءِ ويهي پهہ پچايا. |
| 32. پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هڻڻ | پنهنجو پاڻ نقصان ڪرڻ | ماڻهو پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هڻي دانهون ڪن ٿا. |
| 33. پاڙ پٽڻ | نابود ڪرڻ | معاشري کي بهتر بنائڻ لاءِ برائين جي پاڙ پٽڻ گهرجي. |
| 34. پلر پيئڻ | برسات جو پاڻي پيئڻ | ٿر جا ماڻهو ميهوڳيءَ جي منڊ ۾ پلر پيئندا آهن. |
| 35. پرائي ماڙي ڏسي پنهنجي پونگي ڊاهڻ | ريس ڪرڻ | پرائي ماڙي ڏسي پنهنجو پونگو نہ ڊاهڻ گهرجي. |
| 36. پوئتي هٽڻ | بزدل هئڻ | ايران جي دٻدٻي سبب آمريڪا پوئتي هٽي وئي. |
| 37. پُٺ ورائي ڏسڻ | اصليت جانچڻ | ڪوبہ پنهنجي پٺ ورائي نٿو ڏسي. |
| 38. پٽيون پڙهائڻ | سبق سيکارڻ، سيکت ڏيڻ | اڄ مسلمان آمريڪا کي پٽيون پڙهائڻ لاءِ حڪمت عملي جوڙي رهيا آهن. |

| | | |
|---|---|---|
| 39. پڙ ڪڍي ويهڻ | ضد ڪرڻ،صاف انڪار ڪرڻ | مون هن کي پڙهائڻ جي ڪوشش ڪئي پر هو پڙ ڪڍي ويهي رهيو. |
| 40. پير نه کوڙڻ | شڪست کائڻ | آمريڪا ايران ۾ اڃا تائين پير نه کوڙي سگهيو آهي. |
| 41. پنهنجو مٽ پاڻ هئڻ | ثاني نه هئڻ | مرزا قليچ بيگ ادب جي هر شعبي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. |
| 42. پاند ڳچي پائڻ | منٿ ڪرڻ | مون پاند ڳچي پائي هن کي راضي ڪيو. |
| 43. پاڙ ٽيڻ | ڳري وڃڻ، ختم ٿي وڃڻ | جمهوري نظام سرمائيدارن کي پاڙ ڪري ڇڏيو آهي. |
| 44. پيڙ ٻارڻ | جهيڙو وڌائڻ | تو کي کهڙو ڪم آهي رڳو وتين ٿو پيڙ ٻارين. |
| 45. پٽ سان منهن لڳڻ | پشيمان ٿيڻ | جيڪو وڏن جي ڳالهه نه مڃيندو، تنهن جو وڃي پٽ سان منهن لڳندو. |
| 46. پيچ پچڻ | پرڀات ڦٽڻ، صبح ٿيڻ | سڄڻ سڀاجهوپيچ پچي گهر آيو. |
| 47. تند تنوارڻ | ياد ڪرڻ | نيڪ ٻانها پنهنجي رب جي تند تنوارڻ ۾ مشغول هوندا آهن. |
| 48. ترپون مهڻ | افسوس ڪرڻ | وقت جو قدر نه ڪيوَ ته ترپون مهٽيون پونديون. |
| 49. تڏو سرهو ڪرڻ | آڌر ڀاءُ ڪرڻ | سنڌي پنهنجي تڏي کي سرهو ڪرڻ سبب دنيا ۾ مشهور آهن. |
| 50. پاٽي ولوڙڻ | اجائي ڪوشش ڪرڻ | جيڪو پاٽي ٿو ولوڙي اهو پنهنجو وقت ٿو وڃائي. |
| 51. ٻانهون ڏگهيون هئڻ | پهچ وارو هجڻ | جنهن جو به ٻانهون خدا ڏگهيون ڪري اهو هيٺن جو همراهه ٿئي. |
| 52. دل لاهڻ | مايوس ٿيڻ | دنيا ۾ دغا ڏسي سچا ماڻهو دل لاهي وينا آهن. |
| 53. ٽپيءَ ۾ پئجي وڃڻ | گهٽي ويچار ۾ اچي وڃڻ | وڏيري جي بدتميزي جو طوفان ڏسي غريب ٽپيءَ ۾ پئجي ويو. |
| 54. تڏو ڪٽڻ | نابود ڪرڻ | حڪومت سچائي ڪري ته دهشتگرديءَ جو تڏو هڪ ڏينهن ۾ ڪٽائي ڇڏي. |
| 55. ڏاڙهي ڏيڻ | واعدو ڪرڻ | جنهن کي ڏاڙهي ڏجي اها پاڙجي. |

| | | |
|---|---|---|
| 56. ويساهه آڻڻ | اعتبار ڪرڻ | مان توتي اعتماد ڪريان ٿو ته توکي به مونتي ويساهه آڻڻ گهرجي. |
| 57.حال حبيبان پيش ڪرڻ | هوندي آهر خدمت ڪرڻ | جهڙو حال حبيبان تهڙو پيش پريان. |
| 58. ڦات ڪائڻ | راز ظاهر ٿيڻ | دانش ڦات ڪاڏو ته ڪتاب منهنجو آهي. |
| 59. رت ٿهڪڻ | ڪاوڙ اچڻ | دشمن جا ٺهڪ ٻڌي منهنجو رت ويو ٿهڪي. |
| 60. ڏند ڪرٽڻ | جوش ۾ اچڻ<br>سخت ڪار ڪائڻ | خير ته آهي ڇو پيو ڏند ڪرٽين. |
| 61. ڪٽي گهٽ ڪاسو هئڻ | ذري گهٽ پورو هئڻ | مان شڪار تي نشانو ورتو پر ڪٽي گهٽ ڪاسو تي ويو. |
| 62. ڍڪر ڪائڻ | ڳتي ۾ هئڻ | اهڙو ڪهڙو قانون آهي ته هڪڙو وينو ڍڪر ڪائي هڪڙو وينو ٻڪر ڪائي. |
| 63. جاوا ڪرڻ | موجون ماڻڻ، مزا وٺڻ | هن صديءَ جا انسان رڳو جاوا ڪري ٿا ڄاڻن. |
| 64. غافل رهڻ | بي خبر هئڻ | گناهن ۾ غرق ٿي قيامت ڪان ڇو غافل آهين. |
| 65. خطا ڪائڻ | نقصان پوڻ | جيڪو غلط ڪم جي شروعات ڪري ٿو سو خطا ڪائي ٿو. |
| 66. پيرو پجڻ | اچڻ وڃڻ ختم ڪرڻ | وڃين ٿو ته وڃ پر پيرو نه پججانءِ. |
| 67. زندگي زهر ٿيڻ | حياتي سورن ۾ هئڻ | مهانگائي سبب غريب جي زندگي زهر ٿي وئي آهي. |
| 68. ڏند ڏيڻ | جهڳڙو ڪرڻ | توري توري ڳالهه تي ڏند ڏيڻ چڱي ڳالهه ناهي. |
| 69. اکين ۾ جاءِ ڏيڻ | سچائي سان آجيان ڪرڻ | سگهو اچ سپرين اکين جاءِ ڏيانءِ. |
| 70. سرهو ٿيڻ | خوش ٿيڻ | سڄڻن آئي ساهه، تو سرهو ٿئي سدا. |
| 71. اک ۾ رکڻ | نظر ۾ رکڻ | تون پرواهه نه ڪر مان ڪيس اک ۾ رکيو ٿو اچان. |
| 72. اڱرائي ڪرڻ | زيادتي ڪرڻ | اڱ اڱرائي جو ڪري، خطا سو ڪائي. |

| | | |
|---|---|---|
| 73. ٻاهه تي وجھڻ | سخت ڪاوڙجڻ | ڏاڍو ڪجھ ڪري ته ماٺ، هيٺو ڪري ته ٻاهه تي تا وجھو، ڇو؟ |
| 74. آڏو اچڻ | بدلو وٺڻ | هن جي دل ۾ ٻيائي، جو ڪيس نيت آڏو آئي. |
| 75. نوڪرون ڪائڻ | صدمو پسڻ | جو نوڪرون ڪائي به نه سگھي، اهو ڪهڙو انسان چئبو. |
| 76. آڱرين جا زور لاهڻ | پوري طاقت لڳائڻ | اهو اهڙو ڦاٽو اهي جو آڱرين جا زور لاهي ته به نه ڇٽي. |
| 77. ٻيڙو تارڻ | مشڪل ۾ مدد ڪرڻ | نالي الک جي ٻيڙو تار منهنجو. |
| 78. پٿ سان مٿو هڻڻ | ڏاڍي سان مقابلو ڪرڻ | جيڪو پٿ سان مٿو ٿو هڻي سو پنهنجو نقصان پاڻ ٿو ڪري. |
| 79. ٻاهه لڳڻ | ساڙ وني وجڻ | حاسد کي ٻين جو فائدو ڏسي ٻاهه لڳي وئي. |
| 80. ڏينهن جا تارا ڏيکارڻ | سخت سزا ڏيڻ | جنهن کي سچ جي روشني روشن نه ڪري تنهن کي ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڪهڙو روشن ڪبو. |
| 81. سِٽ ستڻ | منصوبو ناهڻ | ٻنو نصير قبيلي پاڻ سڳورن ﷺ کي مارڻ جي سٽ سٽي. |
| 82. نوڙي مان نانگ ناهڻ | ٿوري ڳالهه کي وڏو ڪرڻ | تون اجايو ٿو پيو نوڙي کي نانگ بنائين. |
| 83. نابري وارڻ | انڪار ڪرڻ | هو پڙهڻ کان بلڪل نابري وارو وينو آهي. |
| 84. ميان منو سڏائڻ | پاڻ کي معتبر ناهڻ | هو هرو ڀرو ٿو پا ڻ کي ميان منو سڏائي. |
| 85. مونن ۾ منهن پائڻ | غور ۽ فڪر ۾ پوڻ | ڇو مونن ۾ منهن پائي وينا آهيو، اٿي ڪا همٿ ڪر. |
| 86. لڱ ڪاندارجڻ | خوف کان ڏکڻ | نانگ کي ڏسي ان جا لڱ ڪاندارجي ويا. |
| 87. ڪندا ڪيڻ | پڇتائڻ | اڄ اهو ڪم نه ڪر جو سڀاڻي ڪندا ڪيڻا پون. |
| 88. ڪاڻ ڪيڻ | محتاج هئڻ | ڪاڻ ڪنين جي ڪاڻ، آئون ڪاڻون ڪيان ڪن جون. |

| | | |
|---|---|---|
| 89. قضا اچڻ | تقدير ۾ لکيل هجڻ | ڪڏهن به قضا پڇي نہ ايندي آهي. |
| 90. قطع ڪرڻ | ناتا ٽوڙڻ | پنهنجن سان تعلقات قطع نہ ڪرڻ گهرجن. |
| 91. طاق لڳڻ | وايون بتال ٿي وڃڻ | علي جي فيل ٿي وڃڻ تي احمد کي طاق لڳي ويو. |
| 92. رڏن اڳيان رباب وڄائڻ | جاهل اڳيان عقل جون ڳالهيون ڪرڻ | رڏن اڳيان رباب وڄائيندي ورهيہ ٿيا. |

# مضمون

## قومي اتحاد

اتحاد جي معنىٰ آهي "پاڻ ۾ متحد ۽ گڏ ٿي زندگي گذارڻ". اتحاد جو لفظ جيترو مختصر آهي اوترو ئي جامع آهي ۽ معنىٰ جي لحاظ کان تمام وسيع آهي. انفرادي قوت، سماجي قوت، ايماني قوت، اقتصادي قوت ۽ سائنسي قوت، انهيءَ وانگر سڀني قوتن ۾ يڪجهتي هجي ته اتحاد مڪمل ٿئي ٿو. فڪر ۽ ڪردار يا قول ۽ فعل ۾ ڪنهن به قسم جو تضاد نه هجي. قومي اتحاد جو مطلب آهي ته پوري قوم اتحاد ۾ هجي، ايتري قدر جو هڪ قوم جي سڀني فردن جي عقيدن ۽ نظرين ۾ به يڪجهتي هجي، جو ته چوٽي آهي ته قوم هڪ سمنڊ آهي ۽ ماڻهو ان جا قطرا آهن. جيڪڏهن انهن ۾ اختلاف آهي ته انهن کي قطرا چئبو، جيڪڏهن انهن ۾ اتحاد آهي ته اهو سمنڊ بڻجي ويندو. اختلاف براءِ اختلاف نه هجڻ گهرجي پر اختلاف براءِ اصلاح هئڻ گهرجي.

تاريخ شاهد آهي ته اڄ تائين ڪنهن قوم ترقي ڪئي آهي ته ان جو بنيادي نقطو اتحاد ۽ اتفاق رهيو آهي. جيڪڏهن ڪنهن ملڪ ۾ وڏا سائنسدان هجن، عالم ۽ فاضل هجن، زميني،هوائي ۽ سامونڊي قوتون هجن ۽ انهن ۾ اتفاق بجاءِ نفاق هجي ته اهي سڀ قوتون ۽ صلاحيتون پنهنجي ئي ملڪ جي لاءِ بربادي جو ڪارڻ بڻجن ٿيون ۽ نااتفاقي ۽ پاڻ ۾ عداوت جيڪا اتحاد جو ضد آهي پاڻ ۾ زيان ڪاري، بدبختي ڏانهن وٺي وڃي ٿي ۽ ملڪ لاءِ ترقي جي بجاءِ تنزلي جو ڪارڻ بڻجي ٿي. ڪنهن به ملڪ جي ترقي لاءِ آبادڪارن، صنعت ڪارن، دانشورن ۽ قانوندانن جو هڪ نقطهء نظر هئڻ گهرجي. ٻين لفظن ۾ ملڪي مفاد يا اجتمائي محاذ تي ملڪ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن. جو ته قومون فردن سان آهن ۽ فردن جو ڪردار قوم جو ڪردار آهي. جيئن علامه اقبال فرمايو آهي ته:

فرد قائم ربطِ ملت سے ہے تنہا کچھ نہیں،
موج ہے دریا میں بیرونِ دریا کچھ نہیں۔

# ٻڌيءَ ۾ طاقت آهي

سنڌيءَ ۾ چوڻيون آهن تہ "ٻہ تہ ٻارهن"، "ٻڌيءَ ۾ طاقت آهي" ۽ "جهجهن ڪنئي، ڇپر ڪڄي." انهن سيني چوڻين مان ٻڌيءَ جي اهميت اجاگر ٿئي ٿي. ڇو تہ دنيا جا بيشمار ڪم هڪٻئي تي آڌار رکن ٿا يا هڪٻئي جي آسري تي دنيا تڳي ٿي. الله پاڪ پنهنجي پاڪ ڪتاب قرآن پاڪ ۾ واضع ڇئي ڇڏي آهي تہ:

وَاعتَصمُوا بِحَبلِ اللهِ جَمِيعاً وَلَا تَفَرَّقُوا

ترجمو: "الله جي رسي کي مضبوطيءَ سان پڪڙيو ۽ پاڻ ۾ نفاق پيدا نہ ڪريو".

ان مان صاف ظاهر آهي جنهن قوم ۾ ٻڌي ۽ اتفاق آهي اها قوم ترقي ڪندي رهندي. اهڙو ئي مثال ماکي جي مک جو آهي، جيڪو انسان ذات لاءِ قابلِ عبرت آهي. انهن جي پاڻ ۾ ٻڌي هئڻ سبب ماکي جهڙي سٺي ۽ بي بها شيءِ ملي پوي ٿي.

تاريخ جي ورقن مان ڪيترائي اهڙا واقعا ملن ٿا جن مان ٻڌيءَ جي اهميت اُجاگر ٿئي ٿي. اهڙو ئي واقعو اسان جي قوم جو آهي. جڏهن ننڍي کنڊ جي مسلمانن کي متحد ڪري هڪ آزاد ملڪ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ۽ دنيا جي نقشي تي هڪ نئون ملڪ پاڪستان وجود ۾ آيو ۽ اهو صرف مسلمانن جي ٻڌيءَ جو سبب هو.

سنڌ جو سداحيات شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پکين جي پريت جو مثال ڏئي ٻڌيءَ جي اهميت کي نمايان ڪري ٿو.

وَڳر ڪَيو وَتن، پرت نہ ڇِنن پاڻ ۾،
پسو پَکيئڙن ماڻهان ميٺ گهڻو.

اسان عام زندگيءَ ۾ ڏسون تہ خبر پوي ٿي تہ پٿر گڏجي جبل ناهين ٿا. پن ۽ ٽاريون گڏجي وڻ ناهين ٿا. پٽين ۽ پنکڙين جو ميلاپ گڏجي گل ناهي ٿو. سرن ۽ گاري جو ميلاپ جڳهہ ناهي ٿو ۽ خود اسان جا عضوا گڏجي هڪ جسم ناهين ٿا. ان مان ثابت ٿي ويو تہ هر شيءِ جو دارومدار ٻڌيءَ تي آهي. اگر ٻڌي نہ هجي تہ هوند دنيا جو نظام ئي نہ هلي ڇو تہ ٻڌيءَ ۾ ئي برڪت آهي. جتي ٻڌي جي بجاءِ نفاق ۽ انتشار آهي، اُتي ننڍين ننڍين ڳالهين تي وڏاوڏا ممڻ متل آهن. اهي ترقي جي بلندين تي پهچڻ بدران تنزلي جي اونهي اوڙاهہ ۾ ڦاٿل آهن.اڄ دنيا مان امن و امان جو خاتمو ٿيندو پيو وڃي. ان جو وڏو سبب اهو آهي تہ اسان مان ٻڌي ختم ٿي وئي آهي. اسان فرقہ بندي، تعصب، صوبہ پرستي ۽ رنگ نسل جي دام ۾ پاڻ کي ڦاسائي ڇڏيو آهي.

اڄ بہ جيڪڏهن اسان سڀ گڏجي نفرتن جي پاڙ پٽيون ۽ ٻڌيءَ جو دامن پڪڙيون تہ دنيا ۾ هڪ عظيم قوم جي حيثيت ماڻي سگهون ٿا. ٻڌي سڀ کان پهريائين گهر ۾ ڪرڻ گهرجي. ان کان سواءِ ان جو دائرو ڳوٺ، شهر، صوبي، ملڪ ۽ دنيا تائين وڌائڻ گهرجي. اهو ئي انسانيت جو اصل مقصد آهي ۽ اهو ئي اسلام جو سبق آهي.

# تتي ٿڌي ڪاهہ ..........

هيءَ سٽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي بيت مان ورتل آهي جنهن جو مقصد آهي تہ سردي توڙي گرمي ۾ محنت جي دامن کي هٿان ناهي ڇڏڻو ۽ اجايو وقت ناهي وڃائڻو ڇو تہ محنت اهو گڻ آهي جنهن جي وسيلي انسان وڏي ڪمال جي درجي تي پهچي ٿو ۽ دنيا توڙي آخرت ۾ ناموس حاصل ڪري ٿو. تاريخ جي ڪتابن ۾ انهن ماڻهن جا نالا سنهري اکرن ۾ لکيا وڃن ٿا، جن محنت ڪئي آهي . ماڻهو هنرمند هجي يا ڪاريگر، سڀني لاءِ محنت جو هئڻ ضروري آهي. چيو وڃي ٿو تہ "جي لوچين سي لهن" معنيٰ جيڪي محنت ڪن ٿا سي ئي ڪاميابي ماڻين ٿا.

اَلکَاسِبُ حبِيبُ الله

هن حديث جي روشنيءَ ۾ اهو ماڻهو الله پاڪ کي پيارو آهي، جيڪو محنتي آهي.

جڏهن تہ شاهہ صاحب هيئن بيان فرمايو آهي:

تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهہ، ڪانهي ويل ويهڻ جي،
متان ٿئي اونداهہ، پير نہ لهين پرينءَ جو.

مطلب تہ هيءَ مختصر زندگي محنت سان ئي سونهين ٿي. هي دنيا هڪ پل جو کيل آهي، تنهن ڪري ڏينهن رات محنت ڪر.ايئن نہ ٿئي جو وقت هٿان نڪري وڃي ۽ تون پڇتائيندو رهجي وڃين.

محنت مان مراد اها آهي تہ جنهن لاءِ خداوند پنهنجي پاڪ ڪتاب ۾ فرمايو آهي تہ:

وَمَا خَلَقتُ الجِنَّ والاِنسَ الَّا لِيَعبُدُون

يعني: مون انسانن ۽ جنن کي صرف عبادت لاءِ خلقيو آهي.

عبادت اسان جي زندگيءَ جو عين مقصد آهي. ڏينهن توڙي رات ان خدا جي عبادت ۾ گذارڻو آهي، جنهن جي قبضي قدرت ۾ هي سارو جهان آهي.الله تعاليٰ آڌي رات انسان کان سوال ٿو ڪري "تہ گهر بندا! جو گهرڻو اٿئي" پر انسان ان وقت غفلت جي ننڊ ۾ اگهور هوندو آهي. شاهہ صاحب ان غافل انسان کي بيدار ڪرڻ جي تلقين ڪري ٿو ۽ چوي ٿو تہ ايئن نہ ٿئي جو تون پنهنجو مقصد وساري قيامت جي ڏينهن پڇتاءَ جي پاند ۾ اٽڪيل رهين. ڇو تہ دنيا آخرت جي کيتي آهي. ان مان مراد آهي تہ جيڪو دنيا ۾ پوکيندو سو ئي آخرت ۾ لڻندو. اگر تون خدا سان ناتو رکندين تہ ڪاميابي تو ساڻ آهي. پر جيڪڏهن تون نفس جو غلام بڻجندين پوءِ يقينًا ناڪامي ڏسندين ۽ خدا جي ديدار کان محروم رهندين، ڇو تہ ويل وقت وري واپس نٿو اچي سگهي. هي ڌن دولت، مال سڀ هتي ئي رهجي ويندا. اڳتي صرف نيڪي ڪم ايندي. اها نيڪي ۽ ڪاميابي صرف خدا تعاليٰ ۽ رسول ﷺ جي حڪمن جي پيروي ڪرڻ ۾ آهي. اگر اسان انهن جي پيروي

نٿا ڪريون ته پوءِ پرينءَ جو پيرُ لهڻ (محبوب سان ملڻ) مشڪل آهي. ان لاءِ ضروري آهي ته انسان ڏينهن رات ان جستجو ۾ رهي ته مالڪ حقيقيءَ جي ديدار جو مزوونندو. جيڪو ستي حاصل ٿي نٿو سگهي. ان ڪري شاهه صاحب هن بيت ۾ سبق ڏئي ويو ته:

سُتـــــا اُٿي جاڳ، ننڊ نه ڪـــــجي ايتري،
تو جو ساڻيهه پانئيو، سو مانجهاندي جو ماڳ،
سلطــــــاني سُهاڳ، ننڊون ڪندي نه مـــلي.

# هڪ سچ، ٻه پاچا

اها سنڌي جي جهوني چوڻي آهي ته جنهن جو مطلب آهي ته "انسان ڪڏهن به هڪ حال ۾ نٿو رهي". جهڙي طرح سج ڪڏهن تيز تکو آهي ته ڪڏهن وري تمام ڍرو آهي. تهڙي طرح انسان به ڪڏهن چاڙهه تي آهي ته ڪڏهن لاهه آهي. يعني ڪڏهن امير آهي ته ڪڏهن غريب آهي.

دنيا ۾ اهڙا هزارين مثال آهن ته ڪي ماڻهو غلام مان بادشاهه بڻيا آهن ته ڪي وري بادشاهه مان فقير بڻيا آهن. اهي سڀ قسمت جون ڳالهيون، جن وٽ ڪالهه کائڻ لاءِ سڪل ٽڪر به نه هئا، اڄ اهي سٺيا طعام پيا کائن ۽ ڪالهه جن جي دسترخوان تي ست ست طعام سجيل هئا، اڄ اهي رُڪي ٽڪر لاءِ محتاج آهن. مطلب ته وقت سدائين هڪجهڙو ناهي هوندو.

هن دنيا ۾ هر شيءِ ڪي هڪ ڏينهن فنا ٿيڻو آهي، جيستائين انسان جيئرو آهي تيستائين هو پنهنجي زندگي کي سکيو رکڻ لاءِ جتن ڪندو رهي ٿو. ڪي سخت محنت ڪري ڪاميابي ماڻڻ جا خواهشمند آهن ته ڪي وري قسمت تي ڀاڙي ويهڻ جا قائل آهن. محنت وارا سک جو ساهه کڻن ٿا، جڏهن ته ڪاهل ماڻهو پريشان رهن ٿا.

دنيا جي لاهن چاڙهن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪفايت شعاري کانسواءِ ڪو به چارو ناهي.ان ڪري اها چوڻي مشهور آهي ته " اهو ڪي ڪجي جو مينهن وسندي ڪم اچي". يعني ايندڙ وقت لاءِ ڪجهه بچائي رکڻ جو نالو سياڻپ آهي. سياڻن جو چوڻ آهي ته هميشه سنڀالي قدم کڻجي ۽ وچٿري هلت هلجي جو ته جو سوڙ آهر پير نٿو ڊگهيري آئي ويل لاءِ ڪجهه به بچائي نٿو سگهي ۽ ضرورت وقت پريشان رهي ٿو، اهي زندگيءَ ۾ ذلت ۽ رسوائي کانسوءِ ٻيو ڪجهه به حاصل نٿا ڪري سگهن. ان لاءِ ضروري آهي ته آمدني مان ڪجهه نه ڪجهه ضرور بچائي رکجي ته جيئن ڪنهن اچانڪ حادثي يا بيماريءَ جي صورت ۾ ٻئي جي اڳيان محتاج ٿيڻ بدران پنهنجي مان پنهنجو ڪري سگهي. جو ته عزت پسند ۽ خوددار ٿي رهڻ انساني شرف ۾ داخل ٿيل آهي.

# ڪمپيوٽر

انساني تاريخ گواهه آهي ته وقت سان گڏ انسان جا خيال تبديل ٿيندا رهيا آهن. هو پنهنجي زندگي جي آسائشن لاءِ وقت بوقت نيون ايجادون ڪندو رهيو آهي. اهڙين ايجادن مان ڪمپيوٽر

جي ايجاد پڻ هڪ آهي. هي ايجاد ٻي مهاڀاري جنگ ڪانپوءِ منظر عام تي آئي. جنهن ايندي شرط دنيا کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو ۽ اڄ سڄي دنيا ڪمپيوٽر کي پنهنجي لاءِ لازمي جزو سمجهي ٿي.

ڪمپيوٽر جو مکيه گڻ ياداشت ۽ تيز رفتاري آهي. ان ڪانسواءِ رياضي جا ڪيترائي مسئلا حل ڪرڻ جي سگهه رکي ٿو. پر ان جي وڏي ۾ وڏي خامي اها آهي ته هو پنهنجي مرضي مطابق ڪوبه ڪم نٿو ڪري سگهي بلڪ ان لاءِ انسان جي ڏنل هدايتن جو محتاج آهي. انسان پنهنجي هدايت ڪاري جي وسيلي خاطر خواه نتيجا حاصل ڪري سگهي ٿو. ماهرن جي خيال مطابق انساني دماغ به هڪ ننڍڙو ڪمپيوٽر آهي جيڪو عمل ۽ رد عمل جي هڪ پيچيده سلسلي تي ٽهيل آهي.

ڪمپيوٽر ڪيترن ئي قسمن جا آهن. مختلف ڪمن لاءِ مختلف ڪمپيوٽر استعمال ٿين ٿا. پاڪستان ۾ ڪمپيوٽر 1964ع کان ڪم ڪري رهيو آهي ۽ هن وقت تقريباً هر اداري ۾ ڪمپيوٽر عام ٿي چڪو آهي. هي دنيا جي واحد ايجاد آهي جيڪا ٿوري عرصي اندر دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڇانئجي وئي آهي ۽ ڏينهون ڏينهن ترقي طرف گامزن آهي.

# قومي تعمير ۾ شاگردن جو حصو

قوم، فرد، تعمير ۽ ترقي اهڙا الفاظ آهن جيڪي ڪڏهن به هڪٻئي کان ڌار نٿا ٿي سگهن. آڳاٽي زماني جا ڪٽنب، پاڙا. رسم ۽ رواج جي لحاظ کان ماڻهن جا ٽولا ۽ ميڙ "قوم" سڏبا آيا آهن. موجوده دور ۾ قوم لاءِ مختلف نظريا آهن. پر حاصل مقصد ساڳيو آهي. مثلاً چيو وڃي ٿو ته قوم اها آهي جيڪا ساڳي ملڪ ۾ رهندڙ يا ساڳي زبان ڳالهائيندڙ هجي.

هن مضمون کي سمجهڻ لاءِ "شاگرد" بابت وضاحت ڪرڻ ضروري آهي چو ته عام طور تي شاگرد ان کي چئبو آهي، جيڪو ڪنهن اسڪول يا ڪاليج ۾ سکڻ وارو هجي. حقيقت ۾ اها شاگرد جي وصف اڌوري آهي. ڇاڪاڻ ته انسان جي سکيا ته ڄمڻ کان شروع ٿئي ٿي ۽ مرڻ تائين جاري رهي ٿي. اسڪول خواهه ڪاليج ۾ شاگردن کي صرف سکيا جي قسمن کان آگاهي ڏني وڃي ٿي، پر مڪمل سکيا عملي زندگيءَ ۾ پير پائڻ بعد شروع ٿئي ٿي.

يوناني عالمن ۽ شاگردن جي دور کي "فلسفي دور" چيو وڃي ٿو. جيئن سقراط، سياست، انساني حقن جي ڄاڻ ۽ انساني آزادي جي اصولن جي علم سان روشناس ڪرايو ۽ يوناني تهذيب ۽ تمدن کي آسمان جي بلندين تائين پهچايو. ايئن ئي انساني فلسفي شروع ٿيڻ سان عرب شاگردن روحانيت، ادب، اخلاق، سياست ۽ عدالت کي روشناس ڪرائي دنيا جو نقشو ئي بدلائي ڇڏيو. اڄ مغربي تهذيب مغربي شاگردن جي هٿان دنيا تي مسلط ٿي رهي آهي. طب، مشينري، هٿيار سازي ۽ سياست وغيره ۾ شاگردن جو وڏو حصو رهيو آهي. موجوده دور ۾ شاگردن کي اهو چيو وڃي ٿوته اوهان تعليم حاصل ڪريو ۽ ملڪي انتظام جي ڪمن ۾ دخل نه ڏيو. اهو ان ڪري ته هو اول پنهنجي فن ۾ ڪمال حاصل ڪري بعد ۾ تعميري ڪمن ۾ حصو وٺي. چوٽي آهي ته " نيم حڪيم، خطره جان". ايئن نه ٿئي ته هڪ ئي وقت ٻه ڪم ڪٽي ۽ ٻنهي کي سهٽي

نموني نہ نڀائي سگهي پر باوجود ان جي اڄ جو شاگرد غريبن جي مدد ڪرڻ، قومي تعمير لاءِ چندو گڏ ڪرڻ، ٻوڏ، بيمارين يا قدرتي آفتن سبب جيڪڏهن ڪتي نقصان ٿئي ٿو تہ شاگرد قومي جوش جو بيحد ڪردار ادا ڪري ٿو ۽ پنهنجن وڏن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ملڪي تعمير ۾ حصو وٺي ٿو. انڪان سواءِ آدمشماريءَ جو جو سلسلو هجي يا اليڪشن جو يا زراعت جو ڪم هجي يا ڪنهن ٻئي شعبي جو مطلب اسان جو شاگرد قومي تعمير لاءِ هر وقت تيار رهي ٿو. ايئن چوڻ ۾ حرج نہ ٿيندو تہ دنيا جي سموري تعمير ڪنهن ٻئي نہ پر شاگرد ئي ڪئي آهي.

## هنئين هوند مئي، پر ٻڏي جا ٻيڙا ٽيا

هي سٽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي سر سهڻي مان ورتل آهي جنهن ۾ شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ :

تہ ڪر ڪيئن سئي؟ جي سير نہ گهڙي سهڻي،
هِت حياتي ڏينهڙا، هڏ هَن تان نہ هئي،
چُڪي تنهن چري ڪئي، جو ڏِنس ان ڏهي،
سهڻيءَ ڪي سيد چئي، وڏو قرب ڪهي،
هنئين هوند مئي، پر ٻڏيءَ جا ٻيڙا ٽيا.

جي سهڻي سير ۾ نہ گهڙي ها تہ سندس نالو ڪيئن ٻڌڻ ۾ اچي ها . هن دنيا ۾ هو هميشہ حيات نہ هجي ها. ڪيس ميهار محبت جي سرڪي پياري تنهن ڪيس مست ڪري ڇڏيو، مرڻي تہ هونئن ئي هئي پر ٻڏي فنا ٿيڻ ڪري ٻئي جهان موچارا ٿيس.

حقيقت بہ اها آهي تہ انسان جي حياتي چند ڏينهن آهي. هڪ نہ هڪ ڏينهن ڪيس ضرور موت جو مزو چکڻو آهي، پوءِ چو نہ اهڙو ڪم ڪجي جو مئي ڪانپوءِ بہ فائديمند ثابت ٿئي. يعني مري وڃڻ ڪان پوءِ ان جو ٻيڻو اجر ملي. اهو عمل آهي محبت جي درياءَ ۾ سرجو سانگو لاهي ٽپي پئجي، درياءَ جي ڪنن گجگوڙن ڪان ڪڏهن بہ نہ ڊڄجي ۽ محبت جي درياءَ ۾ پاڻ ڪي فنا ڪري ڇڏجي. اهي ئي ماڻهو مرڻ ڪانپوءِ امر ٿي وڃن ٿا.

مرڻو تہ آهي ئي آهي پر اگر پنهنجي ڌرتي جي مٽان جان جو نذرانو ڏئي شهادت جو درجو ونجي تہ هميشہ نالو زنده رهندو. چو تہ شهيد مرندا ناهن. اهو ئي سبب آهي جو وطن تان جان فدا ڪندڙ اڄ بہ تاريخ جي ڪتابن ۾ نمايان حيثيت رکن ٿا. انهن ۾ ميجر عزيز ڀٽي، دولهہ درياءَ خان، هوش محمد، دودو سومرو، محترمہ بينظير ڀٽو وغيره سي سڀ شهادت سبب امر ٿجي چڪا آهن. پر آخرت ۾ انهن لاءِ ٻيڻو اجر آهي، چاڪاڻ تہ جيڪي وطن جي محبت ۾ پاڻ ڪي فنا ڪري ٿا ڇڏين سي امر ٿجي ٿا وڃن. يعني جان جي قربانيءَ جو ٻيڻو اجر ملي ٿو.

هنئين هوند مئي، پر ٻڏيءَ جا ٻيڙا ٽيا.

# دورن جو جائزو

## سنڌي ادب جو مختصر جائزو

سنڌي ادب جي تاريخ عربن جي سنڌ ۾ اچڻ کان وٺي ڳڻي وڃي ٿي. ان کان اڳ تاريخ ۾ ڪو ادبي اهڃاڻ هٿ نہ اچي سگهيو آهي. عربن جي اچڻ سان سنڌ ۾ بہ عربن جون رسمون، رواج ۽ تهذيب قائم ٿي. انهيءَ ڪري سنڌي ادب تي بہ لازمي اثر پيو. عربن کان اڳ سنڌ ۾ هتي جي مقامي ٻولي رائج هئي. جنهن جو ثبوت راجا ڏاهر جي سندس ڀاءُ ڌهرسين سان خط و ڪتابت آهي. عربن جي دور ۾ سنڌ ۾ اسلام جي پکيڙ ٿي. قرآن پاڪ جو سنڌي ۾ ترجمو عربن جي زماني جو وڏو ڪارنامو آهي. سنڌ جي تاريخ جو پهريون ڪتاب " چچ نامون" عرف فتح نامو چيو وڃي ٿو. پر غلام محمد لاکي جي تحقيق موجب سنڌ جو پهريون ڪتاب "منهاج الدين والملڪ" آهي. عربن جي دور۾ سنڌ جا ڏاها، عالم، فاضل، اديب، دانشور، محقق ۽ سائنسدان سنڌ کان عربستان موڪليا ويا تہ جيئن سندن علم ۽ڏاهپ سان عرب معاشري کي فيض ملي سگهي.

سومري خاندان جا حاڪم مقامي نسل جا هئا. انهن جي ٻولي سنڌي هئي، انهيءَ ڪري سنڌي ٻولي جي نشونما ان دور ۾ ٿي. سمن جي دور تائين سنڌي شاعري عام ٿي چڪي هئي. هن حڪومت جو خاتمو921هـ ۾ ٿيو.

ارغونن ترخانن ۽ مغلن جي دور ۾ دفتري ٻولي فارسي ٿي پر سنڌي ارتقا بہ جاري رهي.

ڪلهوڙن جو دور سنڌي ادب جو سنهري دور هو. خود ميان سرفراز ڪلهوڙو بلند پايہ شاعر هو. هن دور ۾ ئي سنڌي تختي نهي.

ٽالپرن جي دور ۾ سنڌي شاعريءَ ۾ مذهبي رنگ پريو ويو. انڪري سنڌي ادب کي اڃا بہ وڌيڪ ترقي ملي.

انگريزن جي دور۾ سنڌي ادب کي هر صنف ۾ ترقي ملي. انهن مقامي ٻولي کي تمام گهڻي اهميت ڏني .درسي ڪتاب، پرڏيهي ادب جو ترجمو ڪرڻ ۽ شاهہ صاحب جي رسالي کي جرمني ۾ شايع ڪرڻ جهڙا بهتر ڪم ڪيا ويا.

# 1. سومرن جو دور (1051_1351)

سومرن جو دور سنڌي ادب جو بنيادي پٿر آهي. هن دور ۾ سنڌ جي رومانوي داستانن، رزميہ واقعن، سخي سردارن جي ڪارنامن ۽ واقعاتي بيتن جو بنياد پيو. اهي ڳالهيون اڳتي هلي سنڌي ادب جي تاجي پيٽو بنيون. ان مان ثابت ٿئي ٿو تہ ان زماني ۾ ئي سنڌي زبان ۾ ادبي زبان جون سموريون صلاحيتون موجود هيون. هيٺ ادبي جائزي جو نچوڙ پيش ڪجي ٿو.

1. هن دور ۾ سنڌ جا رومانوي داستان مثلاً: عمر ماروي، سسئي پنهون، مومل راڻو، ليلا چنيسر، سهڻي ميهار،سيف الملوڪ، سورٺ راءِ ڏياچ ۽ مورڙو مانگر مڇ ملن ٿا. اهي داستان سنڌي ٻوليءَ جو بنياد هئا.
2. رزميہ واقعن، مقامي ڳالهين ۽ عام قصن ڪهاڻين تي مبني ڪهاڻيون ۽ داستان رائج ٿيا، جيڪي نثري داستانن ۽ آکاڻين جو بنياد پيا.
3. قصن ۽ واقعن ذريعي سنڌي بيت "ڳاهہ" جي صورت ۾ ظاهر ٿيا. هي ابتداعي نوعيت جا بيت آهن، جيڪي ڳالهين ۽ واقعن جي وچ تي اچن ٿا ۽ موقعي توڙي محل کي وڌيڪ موثر بنائين ٿا.
4. هنَ دور ۾ واقعاتي ۽ بياني بيت پڻ ملن ٿا تہ مدحيہ (ساراهہ ۾ چيل) ۽ هجويہ ( ملامت ڦٽڪار وارا) بيت بہ ملن ٿا.
5. هن دور جي مشهور لڙاين بابت جيڪي بيت ملن ٿا اهي رزميہ (جنگي) شاعريءَ جو سهڻو نمونو پيش ڪن ٿا.
6. اسماعيلي مبلغن جي ڪلام ۾ تبليغي نوعيت جا شعر ملن ٿا. جن ۾ اسلامي اصولن سان گڏ اخلاقي هدايتون ۽ دنيا جي بي ثابتي جو ذڪر بہ نظر اچي ٿو. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ روحانيت ۽ تصوف جو مضمون هن دور ۾ سنڌي شاعريءَ ۾ داخل ٿي چڪو آهي.
7. فني لحاظ کان گهڻي قدر بيت يا ڳاهہ هندي ڇند وديا جي صنف "دوها ڇند" موجب ملن ٿا. دوها ڇند ۾ هر بيت ۾ ٻہ سٽون ٿين ۽ قافيو هر مصرع ۾ پويان اچي.
8. ڪي بيت سورٺا ڇند موجب بہ مليا آهن. اهڙن بيتن ۾ بہ ٻہ سٽون ٿين ٿيون پر قافيو ٻنهي سٽن جي وچ تي اچي ٿو.
9. هي بيت دوها سورٺا ميل وارا آهن. اهڙن بيتن جي ٻن سٽن مان هڪ دوها ڇند جي تہ ٻئي سورٺ ڇند جي آهي.
10. ٽورڙا بيت ٽن سٽن وارا بہ مليا آهن. جهڙوڪ: پير پٺي جي روايت جي سلسلي ۾ آيل بيت ڍوري راءِ لاءِ هجويہ بيت، جيڪو بهاولپور گزيٽيئر جي حوالي سان مليو آهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌي بيت ان ئي زماني ۾ ٽن سٽن تائين پهچي چڪو هو. اهو ٽن سٽن وارن بيتن ۾ هڪ سٽ دوها يا سورنا ڇند واري، ٻي سٽ دوها ڇند واري ۽ ٽين سٽ

سورنا ڇند واري آهي يعني ٻن ڪان وڌيڪ سٽن جي حالت ۾ بيت جي پوئين سٽ جي وچ تي قافيو آڻڻ جي روايت ان وقت ئي موجود هئي، اها اڳتي هلي سنڌي بيت جي مستقل فني روايت بڻجي وئي.

11. اسماعيلي مبلغن جا چيل گنان "وائي" يا ابتداعي نوعيت جي ڪافيءَ جي سٽاءَ جي نشاندهي ڪن ٿا، جن ۾ پهرين مصرع "ٽل" ۽ وراڻي جو ڪم ڏئي ٿو.
12. ان ڪانسواءِ نيم عشقيه قصا پڻ ملن ٿا.جن جو سومرن جي دور حڪومت سان تعلق آهي.جن ۾ دمڻ سونارو، مل محمود، مهر نازۇ خدا دوست شامل آهن. هن دور جا رزميه داستان، سومرن ۽ گجرات جون لڙائيون، دودي ۽ چنيسر جي ويڙهه، ڄام حالي ۽ هُمير سومري جا واقعا ملن ٿا. ان ڪانسوءِ لوڪ ادب به هن دور ۾ سرجيو مثلاً ڳام، ڳيچ، واقعاتي بيت، بياني بيت، بياني بيت، لوڪ داستان ۽ رزميه شاعري وغيره چئي وئي. ان ڪانسواءِ اسماعيل مبلغن "گنان" به هن دور ۾ چيا. هن دور جي شاعرن ۾ سمنگ چارڻ، ٻاڳو ٻان، پير صدرالدين، سيد نور الدين شاهه جا نالا سر فهرست آهن.

# 2. سمن جو دور

سمن جو دور پڻ سنڌي ادب جو تعميري دور هو. هن دور جو جيڪو ادبي ذخيرو مليو آهي، ان تي هن کان اڳ بحث ڪيو ويو آهي. هيٺ ان ادبي ذخيري جو مجموعي جائزو پيش ڪجي ٿو.

1. منڍ ۾ لساني خصوصيتون ۽ ادبي روايتون ساڳيون سومرن واري دور واريون رهيون، يعني سخا ۽ سورهيائي جا قصا ڳايا ويا، جن جي وچ تي ڳاهون به هونديون هيون. انهن ڪانسواءِ واقعاتي ۽ بياني بيت پڻ چيا ويا.
2. رومانوي قصا پڻ ڳايا ويا، جن ۾ مقالماتي بيت آندا ويا. اهو رواج پوءِ به قائم رهيو.
3. هن دور ۾ دهليءَ جي حڪمرانن سنڌ تي حملا ڪيا، جنهن ڪري ماڻهن ۾ وطن ڪي ڌارين جي غلاميءَ کان آزاد رکڻ جو جذبو پيدا ٿيو. انهيءَ جذبي جي عالمن ۽ بزرگن به همت افزائي ڪئي. مخدوم بلاول کي انهيءَ ڪري شهيد ڪيو ويو. انهيءَ جذبي سبب ٺٽي جي رهاڪن ۾ هڪ فقرو مشهور ٿي ويو جنهن کي قومي نعرو يا جنگي رجز چئي سگهجي ٿو.
4. هن دور ۾ سرڪاري زبان فارسي هئي. فارسيءَ ۾ تصنيف ۽ تاليف جو آغاز ٿيو ۽ سنڌ بلند پايه شاعر پيدا ڪيا. ان ڪانسواءِ ان دور ۾ اسلامي علمن ۽ فنن به وڏي ترقي ڪئي. ڪيترائي جيد عالم پيدا ٿيا. جهڙوڪ قاضي قادن، حماد جمالي، شيخ عيسىٰ لنگوٽي، شيخ جهنڊو پاتڻي، ڄام ننڊو، مخدوم بلال، ملا عبدالرحمان عرف ملا لٽر وغيره.
5. سنڌي ٻولي ۾ ڪاٺياواڙ، ڪڇ، گجرات،لسبيلي، قلات، مڪران، سبي، ٻاگناڙي، لاسي، جدگالي، ٿري محاورا وجود ۾ آيا.

6. عوام ڪانسواءِ حڪمرانن جي به مادري زبان سنڌي هئي. انڪانسواءِ حڪمران پٽن ۽ پانن جي به سرپرستي ڪندا هئا، انهيءَ ڪري سنڌي شاعريءَ ۾ سنڌي قصن جو عام چرچو ٿيو.
7. سنڌ جي صوفي بزرگن به سنڌي شعر جي سرپرستي ڪئي. هنن پنهنجا خيال ويچار ۽ تصوف جا مسئلا سنڌي بيتن جي صورت ۾ بيان ڪيا.
8. هن دور ۾ بيتن ڪانسواءِ اهڙا فقرا به ملن ٿا جيڪي ٽُڪ بندي ۾ آهن. جهڙوڪ: درويش نوح هوٿياڻيءَ جو چيل فقرو نٿي وارن ۾ مشهور جنگي نعرو ۽ شاهه مراد شيرازيءَ جو چيل دعائيه فقرو.
9. هن دور جا جيڪي بيت مليا آهن انهن مان ڪي اڳڪٿي جي نوعيت جا آهن، ڪن ۾ خوشحاليءَ جي تمنا آهي ۽ ڪن ۾ وري معمائي انداز آهي.
10. هن دور جي ڪيترن ئي بيتن ۾ ان وقت جي سياسي ماحول، سنڌ جي تاريخ، جاگرافي، مذهبي تحريڪن جي اثر ۽ ماحول جي عڪاسيءَ جا اهڃاڻ ملن ٿا. شيخ حماد، درويش نوح هوٿياڻي ۽ ماموئي فقيرن جي بيتن ۾ سياسي ماحول جو عڪس نظر اچي ٿو. مامو‍ئي فقير جي بيتن مان سنڌ جي دريائن، هاڪڙي ۽ پراڻ جي وهڻ جي ڪيفيت معلوم ٿئي ٿي. اروڙ جي بند جو ثبوت ملي ٿو ۽ پاڻيءَ جي پيداوار جهڙوڪ: بهه، مڇي ۽ لوڙهه جو ذڪر اچي ٿو. يعني اهي بيت سنڌ جي شهرن دريائن جي بيهڪ، واپار ۽ سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن جي نشاندهي ڪن ٿا.
11. قاضي قادن جي بيتن مان معلوم ٿئي ٿو ته ان زماني ۾ مدرسن ۾ ڪهڙي تعليم ڏني ويندي هئي ۽ مدرسن ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڪتاب پڙهايا ويندا هئا. اسماعيلي مبلغن جي بيتن مان مذهبي تحريڪن جي تعليم جي خبر پوي ٿي.
12. قاضي قادن، اسحاق آهنگر ۽ مامو‍ئي فقيرن جي بيتن مان سنڌ جي ڳوٺاڻي زندگي ۽ ماحول جي عڪاسي ٿئي ٿي. ڇڄ جي ذريعي اَنُ صاف ڪرڻ، درياءَ جي ليٿ، مڇي، لوڙهه ۽ بهن جو واپرائڻ ۽ ڳوٺاڻن رستن تي ۽ پيچرن تي ڪنڊن جي موجودگيءَ ڪي بيتن ذريعي ظاهر ڪيو ويو.
13. هن دور ۾ سنڌي دوهوفني سٽاءَ جي لحاظ کان تڪميلي صورت کي پهتو. دوهي ۽ سورٺي فني بناوت موجب بيت چيا ويا ته دوهي ۽ سورٺ جي ميل سان ڪامياب فني تجربا به ڪيا ويا. نه فقط ايترو پر ٽن سٽن وارا به ڪيترائي بيت چيا ويا. خاص طرح سان نئون ۽ ڪامياب تجربو هي ٿيو ته بيت ۾ پوئين سٽ سورٺي واري آندي وئي.
14. تمثيلي شعر جو پختو پايو پيو. ڪجهه بيت سسئي جي داستان موجب تمثيلي انداز جا مليا آهن. جن ۾ تصوف جا راز سمجهايل آهن. هڪ بيت مورڙي ۽ مڇ جي قصي ڏانهن اشارو ڪري ٿو. ان ۾ به تصوف جو مسئلو سمجهايل آهي. مشهور قصن ۽ داستانن ڪانسواءِ ٻين تشبيهن ۽ تمثيلن ذريعي مقصد کي واضع ڪيو ويو. يعني هن دور ۾ روحانيت ۽ تصوف جو مضمون تشبيهن ۽ تمثيلن ذريعي بيان ڪيو ويو. جنهن ڪري

بيت ۾ وڏيڪ رنگيني دلڪشي ۽ تنوع پيدا ٿيو. تشبيهون ۽ تمثيلون ماحول مان ئي ڪنيون ويون.

15. صوفين جي سماع جن محفلن ۾ بہ سنڌي بيت پڙهيا ويا. اهي محفلون سنڌي بيت جي اوسر جي سلسلي ۾ اهم ذريعو بڻيون ۽ سنڌي بيت عام ۽ مشهور مقبول ٿيو.

16. سنڌي بيت ۾ عشقيہ ۽ فراقيہ مضمون داخل ٿيو، جنهن ڪري بيت ۾ وڌيڪ دلڪشي ۽ اثر انگيزي آئي.

17. نظم ڪانسواءِ نثر ۾ بہ سمن سردارن جي سخاوت ۽ بهادريءَ جا بيان ٿيڻ لڳا ۽ داستان گوئي، باقائده فن جي صورت اختيار ڪئي.

18. الف اشباع وارو قافيو پهريون پيرو سمن جي دور ۾ 1486ع ۾ پير مراد شيرازي ٺٽوي جي چيل دعائيہ فقري " او ياتي! رب ڏي وڏي جمارا" ۾ ملي ٿو. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ هن قسم جي نظم جو رواج ان زماني ۾ موجود هيو. البت هن قسم جي ڪلهوڙن جي دور ۾ وڏي ترقي ڪئي.

19. ان دور جي شاعريءَ ۾ گرامر جي لحاظ کان ڪيئي ڳالهيون دلچسپ آهن. قاضي قادن جي هڪ بيت ۾ " جوڳيوس "، " مون کي جاڳيو" جي معنيٰ ۾ ڪم آيو آهي. حالانڪ اڄ ايئن چوڻ درست نہ ٿيندو. اڄ جي محاوري موجب جاڳيوس جي معنيٰ ٿيندي " هن کي جاڳيو". مون کي جاڳيو جي معنيٰ ۾ "جاڳيوم" استعمال ٿيندو. اهڙي طرح ان دور ۾ ضميري پڇاڙين جو عام رواج هو. جهڙوڪ: ٿيوس، لڌوم، ٿيام، وريام، پڙهيوم وغيره.

20. اسحاق آهنگر جي بيت ۾ "ڪرن" استعمال آهي. اڄوڪي معياري محاوري ۾ "ڪن" ڪم اچي ٿو. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ ان زماني ۾ فعل "ڪن" ۾ "ر" جو استعمال عام هو. جيڪب آباد جي ڪن حصن ۾ اڄ تائين "ڪن" جي بدران "ڪرن" جو لفظ استعمال ٿئي ٿو.

مٿئين تجزئي مان معلوم ٿيندو تہ سنڌي بيت سمن جي دور تائين ارتقائي منزلون طئي ڪري فني پختگي حاصل ڪئي. بيت جي فني اوسر تي نظر وجهجي ٿي تہ معلوم ٿئي ٿو تہ ان وقت بيت جيڪي فني روايتون اختيار ڪري چڪو هو اهي اڄ تائين هليون اچن. البت پوئين زماني ۾ بيت جي سٽن جي تعداد ۾ اضافو ٿيو. بيت جي پوئين سٽ جي وچ تي قافيہ آڻڻ جي روايت، بيت جي مستقل فني روايت جي حيثيت حاصل ڪئي آهي. ان وقت جيڪي معنوي ۽ تمثيلي خصوصيتون اختيار ڪئي هيون، اهي اڄ بہ ساڳيو. هليون اچن.

# 3. ڪلهوڙن جو دور

ڪلهوڙن جي دور جي شاعري جو تذڪرو مٿي اچي چڪو آهي. هت هيٺ ان دور جي سنڌي شاعريءَ جي ارتقا جو تجزيو پيش ڪجي ٿو. ان مان معلوم ٿيندو ته ڪلهوڙن جو دور سنڌي شاعريءَ جو سنهري دور هو، جنهن ۾ سنڌي شاعري هر لحاظ کان وڏي ، ويجهي، اسري، اپري ۽ بلند مقام تائين پهتي.

1. هن دور ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جهڙو عظيم شاعر پيدا ٿيو. جنهن سنڌي شاعريءَ کي فڪر جي گهرائي ۽ وسعت بخشي ۽ فني پختگي عنايت ڪئي. ڪائنس پوءِ اڄ تائين سوين شاعرن سندن تتبع ڪئي آهي. پر ڪو به ساڻس برميچي نه سگهيو آهي.
2. بيت، فني لحاظ کان ارتقائي منزلون طئي ڪري، فني پختگي ۽ وسعت حاصل ڪئي. سندس سنوارڻ ۽ سينگارڻ جي سلسلي ۾ شاهه عنايت رضوي راهه گهڙي ۽ شاهه لطيف ڪيس انهيءَ راهه تان وني عروج تي پهچايو. هن دور کان اڳ جيتوڻيڪ چئن مصرعن تائين بيت لکيا ويا هئا، پر هن دور ۾ اجا به وڌيڪ تجربا ٿيا ۽ بيت ۾ وڏي خوبي ۽ خوبصورتي پيدا ڪئي وئي. نه فقط ايترو، پر گهٽين مصرعن تي مشتمل ڏگها ۽ پختا بيت پڻ لکيا ويا، جن کي ڪبت چيو وڃي ٿو. اهي ڪبت خاص طرح سان مخدوم ابوالحسن، محمد هاشم ٺٽوي ۽ مخدوم ضياء الدين وغيره جي مذهبي ڪتابن ۾ ملن ٿا. مضمونن جي لحاظ کان بيت ۾ تصوف جا مسئلا به جماليات جي رنگ ۾ رڱي دلڪش ۽ رنگين ڪري پيش ڪيا ويا. هن دور جي بيتن ۾ حسن و عشق جو ذڪر، هجر ۽ وصال جو بيان دلگداز انداز ۾ ملي ٿو. نه فقط ايترو پر محبوب جي هار سينگار جي تعريف ۾ هندي شاعريءَ جي اثر هيٺ "سينگار" جي نالي سان هڪ نئين صنف وجود ۾ آئي. شاهه عنايت رضوي ۽ شاهه لطيف جي ڪلام ۾ به سينگار جا بيت ملن ٿا. پر سينگار جا اوائلي ۽ خاص شاعر جلال کٽي ۽ صابر موچي آهن. ان ڪانپوءِ سينگار جا ڪيترائي شاعر پيدا ٿيا پر "جلال کٽي" جي درجي کي ڪو به پهچي نٿو سگهيو.
3. تاريخي ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو ته هن دور کان اڳ سنڌ ۾ ڪافيءَ جي نالي سان شاعريءَ جي هڪ صنف موجود هئي، جيڪا سنڌ ۾ مقبول هئي ۽ ڳائي ويندي هئي، پر قديم زماني جي ڪافي جو اسان کي ڪو به نمونو نه مليو آهي. پهريون پيرو شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي وڏي معاصر، شاهه عنايت رضوي جي رسالي ۾ راڳداريءَ لاءِ هڪ صنف ملي ٿي، جنهن کي وائي چيو ويو آهي. شاهه صاحب وائيءَ کي اجا به وڌيڪ خوبصورت ۽ پراثر بنايو آهي. ساڳي ئي دور ۾ مٿي اتر ۾ به اسان کي ميان صاحب ڏني فاروقي ۽ خليل لاشاريءَ جي شعر ۾ ساڳي قسم جو ڪلام ملي ٿو. جنهن کي ڪافي جي نالي سان سڏيو ويو آهي. ان مان ظاهر آهي ته مٿي اتر ۾ ساڳئي صنف کي "ڪافي" ۽ هيٺ لاڙ ۾ "وائي" جي نالي سان سڏيو ويندو هو. اڳتي هلي هن قسم جي شاعري تمام

گهڻي ترقي ڪئي ۽ اتر توڙي لاڙ ۾ گهڻو ڪري هڪ ئي نالي سان ڪافي مشهور ٿي پر فني لحاظ کان سندن پختو بنياد هن دور ۾ ئي پيو. انهيءَ بنيادي عمارت تي پوءِ جي شاعرن سهڻي عمارت اڏي، ان ۾ رنگ روپ ڀريا ۽ ڪافيءَ کي وڌيڪ رنگين ۽ دلڪش بنايو. خاص ڪري حصرت سچل سرمست ان دلڪشي، رنگيني، اثر انگيزي ۽ پختگي پيدا ڪري ، ڪيس عروج تي پهچايو.

4. الف شباع وارو نظم جنهن ۾ هر مصرع جي پڇاڙيان الف لڳائي قافيو بنايو ويندو آهي. اهڙو نظم پهريائين پير محمد لکويءَ جو ملي ٿو. ان ڪانپوءِ هن دور ۾ مخدوم ابوالحسن مڪمل مذهبي ڪتاب "مقدمہ الصلٰوت" الف اشباع ۾ لکي سنڌي ادب ۾ وڏو واڌارو ڪيو. ڪانئس پوءِ محمد هاشم ٺٽوي ، مخدوم عبدالله، مخدوم عبدالخالق، مخدوم محمد ابراهيم ٺٽي، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي، مخدوم غلام محمد بگائي ۽ ٻين ڪيترائي ڪتاب لکيا. ڪن اديبن جو چوڻ آهي ته هي نظم نه آهي پر قديم نثر جو نمونو آهي. حقيقت ۾ اهو صحيح نه آهي، ڇاڪاڻ جو ان ۾ جيتوڻيڪ گهڻو ڪري مذهبي مضمون ادا ٿيندو رهيو آهي، تڏهن به انهن ڪتابن ۾ اهڙا سهڻا بيت ملن ٿا، جنهن ۾ شريعت آهي ۽ شاعر جا جذبات ۽ احساسات پڻ بيان ٿيل آهن. ان ڪانپوءِ هن نظم ۾ اها به خوبي آهي جو هڪ خاص لهجي سان جهونگاري سگهجي ٿو. انڪانسوءِ سندس هڪ خاص وزن ٿئي ٿو، جنهن جو مدار ماترائن جي هڪ الحان تي هوندو آهي، جنهن ۾ ڏاٽي ڪٽيءَ وڌڻ ۽ گهٽجڻ جي گنجائش رهي ٿي.

5. . هن دور ۾ مخدوم ابوالحسن مڪمل سنڌي صورتخطي تيار ڪئي، جنهن ۾ عربي ۽ فارسي اکرن کان سواءِ نيٽ سنڌي آوازن لاءِ نيون صورتون مقرر ڪيائين. ان ڪانپوءِ سنڌيءَ ۾ ڪتاب لکڻ ممڪن ٿي پيو. خود مخدوم ابوالحسن صاحب به ان ۾ مڪمل ڪتاب لکيو ۽ ٻين ڪيترن ئي عالمن ڪيترائي ڪتاب لکيا.

6. مڪمل سنڌي ڪتاب لکڻ جو رواج هن دور ۾ پيو. اهڙي قسم جو پهريون ڪتاب مخدوم ابوالحسن جو "مقدمہ الصلٰوت" آهي. ان کان پوءِ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ ٻين ڪيترائي ڪتاب لکيا. انهن ڪانسواءِ خالص سنڌي شاعري جي مجموعن لکڻ جو رواج به هن ئي دور ۾ پيو ۽ ڪيترائي اهڙا مجموعا تيار ٿيا. اهڙن مجموعن کي "رسالو" سڏيو ويو. شاهہ عبداللطيف جو رسالو ان جو يادگار آهي.

7. مخدوم غلام محمد بگائي ۽ مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي تمام طويل نظم لکيا، جن کي "ڪلمات" جي نالي سان سڏيو ويو. اڳتي هلي هن قسم جي شاعراڻي اسلوب تي ٻين گهڻن طبع آزمائي ڪئي پر انجو بنياد هن دور ۾ پيو.

8. مولود جي صنف جو بنياد هن دور ۾ پيو. مخدوم غلام محمد بگائي ۽ مخدوم عبدالرئوف ڀٽي هن قسم جي شعر جا بنيادي شاعر آهن. سڀ کان پهريائين انهن بزرگن جا ئي مولود ملن ٿا. ان ڪانپوءِ ڪيترن ئي شاعرن مولود چيا ۽ مولود جي صنف وڏي ترقي ڪئي.

9. سنڌي مدحون، مناقبا ۽ معجزا بہ سڀ کان پهرين هن دور ۾ ملن ٿا. معجزن ۽ مناقبن جو پهريون شاعر مخدوم محمد هاشم ٺٽوي معلوم ٿيو آهي.سندس ڪتاب ”قوت العاشقين“ ۾ حضور ڪريم ﷺ جن جا معجزا منظوم ٿيل آهن ۽ هن ۾ مناقبا بہ بيان ٿيل آهن. مدح جو اوائلي شاعر جمن چارڻ آهي . ان ڪانپوءِ مخدوم غلام محمد بگائي ۽ ميان سرفراز مدح جا بينظير شاعر آهن.
10. واقعاتي ۽ رزميہ شاعري هن دور ۾ ملي ٿي. مخدوم غلام محمد بگائي ، مخدوم عبدالرحمان کهڙن واري جي شهادت جو واقعو منظوم ڪيو، جيڪو سنڌي شاعريءَ ۾ پنهنجي قسم جو شاهڪار آهي. جمن چارڻ، ميان نور محمد ڪلهوڙي ۽ قلات جي حاڪم عبدالله خان جي وچ ۾ لڳل لڙائي جو رزميہ داستان منظوم ڪيو. انهن ڪانسوءِ فطرت نگاري ۽ منظر نگاري جا پڻ سهڻا مثال هن دور ۾ موجود آهن.
11. سنڌي عروضي شاعريءَ جو بنياد بہ هن دور ۾ پيو. مخدوم عبدالرئوف ڀٽي پهريون شاعر آهي، جنهن جا ڪيترائي مولود علم عروض جي وزن موجب آهن. ميان سرفراز جي مدح ۾ علم عروض جو اثر ڪار فرما آهي.
12. غزل جا اهڃاڻ بہ هن دور ۾ ملن ٿا. نور محمد خستہ، مرزا تقي، حافظ عالي ۽ ميان چتن جي غزلن جا نمونا مليا آهن، جن جي زبان سهڻي ۽ سلوڻي آهي.

# 4. ميرن/ٽالپرن جو دور (1843ع _ 1782ع

ميرن جي دور ۾ سنڌي زبان ۽ ادب جي وڏي ترقي ٿي. هيٺ ان دور جو جائزو پيش ڪجي ٿو.

1. هن دور جي شاعرن جي شعر ۾ فارسي ۽ عربي لفظ گهڻا ملن ٿا. سيد ثابت علي شاهہ ان سسلسلي م سڀ کان وڌيڪ اڳرو آهي. هن فارسي ترڪيبن جا خوبصورت مثال پيش ڪيا آهن.
2. هن دور ۾ غزل وڌيڪ ترقي ڪئي. ڪيترن ئي شاعرن جي غزل جا نمونا مليا آهن. انهن ۾ حضرت سچل سرمست، سيد ثابت علي شاهہ، خليفو ڪرم الله، مير نصير خان ۽ مير حسن علي خان جا نالا قابل ذڪر آهن.
3. علم عروض جي ٻين صنفن جهڙوڪ: مرثيہ، مسدس، مخمس، مثنوي، رباعي ۽ سلام جو رواج پيو.
4. هن دور ۾ منظوم قصي گوئيءَ جو رواج پيو. ان سلسلي ۾ حفيظ ٿيوني جو ”مومل راڻو“ ۽ خليفي عبدالله جو ”ليلىٰ مجنون“ شاهڪار جي حيثيت رکن ٿا.

5. ھن دور ۾ ڪافيءَ جي وڏي پختگي آئي ۽ منجھس دلڪشي ۽ رنگيني پيدا ٿي . ڪافيءَ کي عروج تي پھچائڻ وارو حضرت سچل سرمست آھي.
6. ھن دور ۾ گھڙوليءَ جو پڻ نمونو مليو آھي. ھن ۾ ھر بند ڪانپوءِ وراڻي ايندي آھي. جنھن ۾ ”گھڙولي پرڻ تي وڃان“ لفظ ھوندا آھن. ھن قسم جو نمونو سڀ کان پھرين سچل سرمست جي ڪلام ۾ مليو آھي.
7. جھولڻو بيت جو نمونو بہ آھي تہ ڪافيءَ جو قسم بہ آھي. ھن قسم جا بيت ۽ ڪافيون سڀ کان پھريان سچل سرمست جي رسالي ۾ ملن ٿا.
8. ٽيھ اکريءَ جو رواج ڪجھ قدر اڳ بہ ھو. پر ھن صنف جا خاص ۽ بلند پايہ شاعر ھن دور ۾ ٿي گذريا. انھن مان حمل خان لغاري، ملان صاحبڏنو، خليفو نبي بخش لغاري ۽ آخوند محمد بچل ”انور“ جا نالا قابل ذڪر آھن.
9. الف اشباع جي نظم ۾ بہ ڪجھ ڪتاب لکيا ويا. ان قسم جو شعر ھنن شاعرن چيو: سيد خير شاھ، مير محمد اشرف، مولوي ولي محمد وغيره.
10. مولود جي صنف ھن دور ۾ وڏي ترقي آھي. ڪيترن ئي شاعرن مولود چيا، جن مان فتح فقير، خليفو ڪرم الله، پير محمد اشرف ۽ ملان صاحبڏني جا نالا قابل ذڪر آھن.
11. مداح ۽ مناجات بہ وڏي ترقي ڪئي. ڪيترن ئي شاعرن مداحون، مناجاتون ۽ معجزا چيا، جن مان ملان صاحبڏنو، صدر الدين چارڻ، حمل خان لغاري، فتح فقير ۽ آخوند محمد بچل جا نالا قابل ذڪر آھن.
12. مناقبا بہ ھن دور ۾ ملن ٿا. ھن قسم جي نظم ۾ اصحابن ۽ اوليائن جي تعريف ڪئي ويندي آھي. پير محمد اشرف ھن قسم جي شاعريءَ جو بلند پايا شاعر آھي.
13. معجزا بہ ھن دور ۾ ملن ٿا. ھن قسم جي نظم ۾ پاڻ سڳورنﷺ جا معجزا بيان ڪيا ويندا آھن. سيد خير شاھ ھن قسم جي شاعريءَ جو بلند پايا شاعر آھي.
14. ھجو گوئي جو رواج بہ ھن دور ۾ پيو. سيد خير شاھ ۽ سيد ثابت علي شاھ ھڪٻئي جون ھجوون لکيون.
15. ھن دور ۾ رزميہ شاعريءَ جا پڻ سنا نمونا ملن ٿا. ھن قسم جا مثال خليفي نبي بخش جي ”سر ڪيڏاري“ ، سيد حيدر شاھ جي ”جنگ نامہ“ ۽ سيد ثابت علي شاھ جي ”مرثين“ ۾ ملن ٿا.
16. ھن دور ۾ خليفو نبي بخش پھريون شاعر آھي جنھن سر ڪيڏاري کي قومي شاعريءَ جي اظھار جو ذريعو بڻايو. سندس ڪيڏاري ۾ قومي جوش ۽ جذبو آھي ۽ سنڌ جي سُورِمن جي ساراھ آھي.
17. ھن دور ۾ ھندو ساعرن جو شعر پڻ مليو ٿو. ساميءَ جي سلوڪن سان گڏ دلپت ۽ سندس گرو آسرداس ”آسو“ جو شعر پڻ مليو ٿو.
18. ھن دور ۾ پھريون پيرو نثر جا ابتداعي نمونا ملن ٿا. پھريون نثر آھي آخوند عزيز الله خان جو قرآن شريف جو تحت اللفظ ترجمو.

ڪلهوڙن جو آخري حڪمران ميان عبدالنبي ڪلهوڙو ۽ ٽالپر سردار مير فتح علي خان جي وچ ۾ هالاڻيءَ جي ميدان ۾ تمام وڏي جنگ لڳي، جنهن جي نتيجي ۾ ڪلهوڙن کي شڪست آئي. سنڌ جي مملڪت ٽالپرن جي دور جي حوالي ٿي.

ٽالپر به ڪلهوڙن وانگي مقامي نسل جا هئا. تنهن ڪري هن دور ۾ به سنڌي ادب ۽ زبان کي ڪافي ترقي ملي ۽ خود ٽالپر به علم دوست هئا. ڪين شاعريءَ سان بي حد دلچسپي هئي ۽ شاعرن جو قدر ڪندا هئا.

# 5. انگريزن جو دور

1843ع ۾ مياڻي ۽ دبي جي جنگ ۾ ميرن کي شڪست ڏئي انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو. انگريزن جي دور حڪومت ۾ سنڌي ادب ۽ ٻولي جو نئون باب شروع ٿيو ۽ فارسيءَ بدران سنڌي ٻوليءَ کي دفتري زبان ۽ ذريعہ تعليم بڻايو ويو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي لکڻ ۽ پڙهڻ لاءِ نئين صورتخطي بڻائي وئي. جنهن تحت سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ جون راهون کليون ۽ ڪيترائي ڪتاب ڇپجڻ لڳا.

هن دور ۾ ناول، ڊراما، افسانا ۽ ڪهاڻيون لکيون ويون جنهن ۾ معاشي ۽ معاشرتي حالتن کي موضوع بڻايو ويو ۽ فرضي قصا رقم ڪيا ويا. ان سان گڏو گڏ نظم جي صنفن ۾ نواڻ آئي ۽ ڏور، هنر، سينگار، لولي، مورو ۽ واقعاتي بيت پيش ٿيڻ لڳا ۽ ان سان گڏو گڏ ڪافي، غزل، مرثيو ۽ مولود جهڙين صنفن کي پڻ ترقي ونرائي وئي. هن دور جا ناميارا شاعر مير عبدالحسين خان سانگي، مرزا قليچ بيگ، شمس الدين بلبل، مصري شاهه، غلام محمد نظاماڻي، ڊاڪٽر ابراهيم خليل، حافظ محمد احسن وغيره ملن ٿا.

پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ڪانپوءِ عوام ۾ نوان امنگ ۽ ولولہ پيدا ٿيا ۽ ڪافي سياسي سجاڳي پڻ آئي تنهن ڪري ليکڪن سماج جي اصلاح سان گڏ سياسي مقصدن کي سامهون رکي لکڻ شروع ڪيو. مطلب تہ هن دور ۾ سنڌي ادب جي تمام گهڻي اوسر ٿي.

# 6. موجوده دور

(1947ع کان 2000 تائين)

1947ع ۾ ملڪ جو ورهاڱو ٿيو ۽ پاڪستان وجود ۾ آيو. لڏ پلاڻ ٿي. هندو هليا ويا ۽ هندوستاني سنڌ ۾ آيا. هندو اديب وطن جا وڻ ڇڏي ويا، جن مان پراڻن ليکڪن جو ٿورن سالن ۾ ديهانت ٿيو. ڄيٺمل پرسرام 1948ع ۾، ڪاڪي ڀيرو مل 1953ع ۾، ۽ لالچند امر ڏني مل 1954ع ۾

وفات ڪئي. اهڙي طرح سنڌي زبان ۽ ادب جا ٻہ ماڳ ۽ مڪان ٿي ويا. هڪ سنڌ ۾ ٻيو هند ۾. ٻنهي هندن تي اديب وقت جي نئين تقاضائن کان متاثر ٿيا ۽ سنڌي ادب هڪ نئين شروعات اختيار ڪئي. هينئر حسن و عشق، گل و بلبل جو بيان گهٽجي ويو ۽ معاشي ۽ معاشرتي موضوعن انهن جي جاءِ ورتي.

پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ سنڌي ادب ۾ ڪجھ قدر مانائي اچي وئي، پر پوءِ جلد ئي اديبن پاڻ سنڀاليو ۽ زبان ۽ ادب جي ترقي جي سلسلي ۾ پاڻ پتوڙيائون. ان شروعاتي دور ۾ حاجي محمود "خادم" مرحوم (اديب سنڌ) جاري رکندو آيو، جنهن عروضي شاعريءَ جي وڏي خدمت ڪئي.

ان کانسواءِ پنهنجي صدارت هيٺ هلندڙ هن رسالي "اديب سنڌ" ۾ لوڪ ادب، سنڌي لغت ۽ سنڌي ثقافت بابت بہ معياري مضامين ڏنائين. رسالي کي هلائڻ سان گڏ "خادم" مرحوم هر سال وڏي پيماني تي سنڌ جي ڪنهن نہ ڪنهن شهر ۾ ادبي ڪانفرنسون بہ منعقد ڪرائيندو آيو، جن سنڌي زبان ۽ ادب کي فروغ ڏيڻ جي سلسلي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

مرڪزي حڪومت طرفان 1950ع ۾ ماهنامہ "نئين زندگي" جاري ٿيو، جنهن ادب جي هر صنف بابت قيمتي مواد مهيا ڪيو. ان بعد 1951ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ وجود ۾ آيو، جنهن سنڌي ادب، تاريخ ۽ لغت ڏانهن جوڳو ڌيان ڏنو. 1955ع ۾ بورڊ جي طرفان ٽماهي "مهراڻ" جاري ٿيو، جنهن تحقيقي ادب طرف بہ ڌيان ڏنو تہ جديد ادب کي بہ فروغ ڏنو ۽ اجا تائين هي رسالو جاري آهي. محترم عبدالرزاق "راز" جي ڪوشش سان 1952ع ۾ "حبيب پبليڪيشن" جي نالي اشاعتي ادارو قائم ٿيو، جنهن جديد ادب بابت معياري ڪتاب شايع ڪيا.

هن ئي دور ۾ نوجوان اديبن "سنڌي ادبي سنگت" قائم ڪئي، جنهن 1956ع ۾ "سنڌ سنگت" جي صورت اختيار ڪئي. سنگت جي ڪار گذارين کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ محترم اياز قادريءَ شروع ۾ وڏو ڪم ڪيو. جلد ئي مختلف شهرن ۾ سنگت جون ڪيترين ئي شاخون قائم ٿي ويون. ان بعد وقت بوقت ڪيترين ئي ادبي جماعتون ۽ اشاعتي ادارا قائم ٿيا آهن. جن پنهنجي وت ۽ وس آهر خدمت پئي ڪئي آهي. رسالا بہ ڪيترائي جاري ٿيا، جن مان ڪيترائي هينئر بند ٿي ويا آهن. ماهوار "نئين زندگي" ۽ سہ ماهي "مهراڻ" کانسواءِ روح رهاڻ، ڳوٺ سڌار، مارئي، اديون، لطيف، تقاضا، روح ادب، اسان جي منزل، سارنگ، شعلو، پارس سکر، سنڌي ڊائجيسٽ، سنڌي ساهت، ناري، لطيف ڊائجيسٽ، ساٿيھ، برسات وغيره سنڌي زبان ۽ ادب جي وڏي خدمت ڪئي. هينئر اڪثر اهي رسالا بند ٿي ويا آهن. انهن مان فقط "نئين زندگي" "مهراڻ" اجا تائين اشاعت جاري رکيو اچن. هن وقت نوان رسالا جهڙوڪ: پارس، ساجهہ، نئين زندگي، پيغام، سارس، پرڪ، نئون، نياپو، ڪينجهر ادب ۽ ٻيا ڪيترائي رسالا ۽ ڪتابي سلسلا زبان ۽ ادب جي خدمت ڪري رهيا آهن.

**ادبي رجحان:**

ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ادب نئون رخ اختيار ڪيو آهي، نون شاعرن تقليدي شاعري ترڪ ڪري، شاعري کي هڪ نئون رنگ ۽ روپ ڏنو آهي. شاعريءَ جي مضمون ۾ بہ جدت ۽ مقصديت پيدا ڪئي وئي تہ فني سٽا ۾ بہ نوان تجربا ڪيا ويا آهن.

قديم سنڌ جي شاعري جي صنفن بيت، وائي ۽ ڪافيءَ ۾ نئون رنگ روپ پريو ويو آهي. غزل ۽ نظم ۾ نوان تجربا ڪري، انهن کي سنڌي شاعري جي مزاج سان هم آهنگ ڪيو ويو آهي. ان سان گڏ روايت رنگ ۾ نظم ۽ غزل لکڻ وارا بہ موجود آهن. جن پنهنجي فڪر ۽ فن ۾ جدت ۽ انفراديت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهن ڪانسواءَ هندي شاعري جي صنف گيت تي پڻ ڪيترن ئي شاعرن طبع آزمائي ڪئي آهي. اهڙي طرح مغربي صنفن ۾، جهڙوڪ: آزاد نظم، سانيٽ، ترائيل، جاپاني صنف هائيڪو ۽ پنجابي صنف ماهيا ۾ بہ سنڌي شاعرن پنهنجا جذبات ۽ احساسات بيان ڪيا آهن، تہ هن دور ۾ نثري نظم پڻ لکيا ويا آهن.

زبان جي لحاظ کان نيٺ سنڌي لفظن، تشبيهن ۽ تمثيلن تي زور ڏنو ويو آهي. مضمونن جي لحاظ کان معاشري جو حقيقت پسندانہ تجزيو ڪري، ان تي تنقيد ڪئي وئي آهي ۽ سرمائيدارانہ نظام جي ظلم ۽ ڏاڍ کي نمايان ڪيو ويو آهي. سنڌ، سنڌي زبان ،ادب ۽ ثقافت سان جيڪي زيادتون ٿيون، انهن جي ردعمل ۾ ادب ۾ وطن دوستي ۽ وطن پرستي جي مضمون وڏي اهميت اختيار ڪئي آهي. ڪن اديبن ۽ شاعرن بين الاقوامي مسئلن تي پڻ لکيو آهي پر سنڌ کي محور ۽ مرڪز جي حيثيت حاصل آهي. سنڌ سان پيار ۽ محبت جو اظهار اڄ بہ شاعر ۽ اديب جو بنيادي مضمون ٿي ويو آهي.

1947ع ۾ ورهاڱو ٿيو ۽ پاڪستان وجود ۾ آيو. سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ سرڪار ۽ عوامي سطح تي ڪيترائي ادبي ادارا قائم ڪيا ويا. سرڪار سنڌي ادبي بورڊ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ۽ سنڌي لينگويج اٿارٽي نالي ادارا قائم ڪيا. جڏهن تہ عوامي سطح تي سنڌي ادبي سنگت، سنڌي ادبي سوسائٽي ۽ ٻيا ڪيترائي ادبي ادارا قائم ٿيا.

موجوده دور ۾ ناول تمام گهٽ لکجي ٿو، تنهن هوندي بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪم ان صنف تي ٿي رهيو آهي. جڏهن تہ هن دور ۾ ڪهاڻي فن جون ارتقائي منزلون طئي ڪري پڪي ۽ پختي صورت اختيار ڪري ورتي آهي. موجوده دور جي ڪهاڻي ڪارن ۾ امر جليل، جمال ابڙو، اياز قادري، نجم عباسي، حميد سنڌي ، نسيم کرل، نورالهدیٰ شاهہ ۽ مهتاب محبوب جا نالا سرِ فهرست آهن. جڏهن تہ هن دور ۾ نثر ۾ سفر نامي کي اهميت رهي آهي. خاص ڪري الطاف شيخ جا سفر نامہ سنڌي ادب لاءِ وسيع مواد فراهم ڪري رهيا آهن. ان ڪانسواءِ محمد عرس عرساڻي، ڊاڪٽر جبا ر جوڻيجو ، عنايت بلوچ ۽ فهميده حسين وغيره سفر نامہ لکيا آهن. موجوده دور ۾ تنقيد ۽ تحقيق جي ميدان ۾ قابلِ قدر ترقي ٿي آهي.

موجوده دور ۾ تقريبًا هر صنف تي طبع آزمائي ٿي آهي. خاص طور تي غزل، گيت، وائي، نظم، ترائيل ۽ آزاد نظم وغيره تي نئين ٽهي جا سڀئي شاعر طبع آزمائي ڪري رهيا آهن. خاص طور تي امداد حسيني، اياز گل ، ادل سومرو، شمشير الحيدري، احمد خان مدهوش ۽ راشد مورائي وغيره جا نالا اهميت جوڳا آهن.

# عــــام شاعري

## قصيدو

قصيدو عربي ٻولي جي لفظ ”قصد“ مان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”ارادو ڪرڻ“. اصطلاحي معنيٰ ۾ قصيدو شاعريءَ جي اها صنف آهي جنهن ۾ ماڻهن جي شجاعت، سخاوت ۽ انسان دوستيءَ جي تعريف ڪئي وڃي. شاعري جي هن صنف ۾ ضروري نہ آهي تہ شاعر آخري بند ۾ پنهنجو نالو استعمال ڪري. هن ۾ پهرين بيت جون ٻئي مصرعون پاڻ ۾ هم قافيہ هونديون آهن. باقي بيتن جي پوئين مصرع ۽ پهرين مصرع جو قافيو ساڳيو هوندو آهي. هن صنف جو بنياد انگريزن جي دور حڪومت ۾ پيو. هن صنف جو پهريون شاعر مير حسن علي خان ٽالپر آهي. ان ڪانسواءِ محمد قاسم هالائي، مرزا قليچ بيگ، محمد هاشم مخلص، سليم ڳاڙهوي، ڊاڪٽر ابراهيم خليل وغيره شامل آهن.

شراب آهي نشو ان جي شڪايت ٻڌجي چوڌاري،
ڪريو پرهيز ان ڪان دوســـــتو ڏيڪاريو بيزاري.

انهيءَ نيڪي جي پابندي ۾ سڀ مذهب ٿيا شامل،
مڙئي هندو، مسلمان ۽ ڪرسچن ڪـــن مددگاري.

ڪرڻ پرهيز پهرين خاص نشي ڪان ٿــيو واجــب،
اچي جنهن ڪان ٿي آدم ذات تي ذاتـــي نگونساري

# مولود

مولود عربي ٻولي جي لفظ " ولد" مان ورتل آهي جنهن جي معنىٰ آهي "نئون ڄاول ٻار". شاعري جي هن صنف ۾ حضرت محمد ﷺ جن ولادت تي خوشي جو اظهار ڪرڻ سان گڏ سندس ثناء ۽ صفت، مديني پاڪ جي زيارت لاءِ اڪير، پنجتن پاڪ جي ساراهه وغيره ڪرڻ جهڙا موضوع شامل آهن.

مولود جي فني سٽاء وائي ۽ ڪافي جهڙي هوندي آهي.مولود ۾ تل ڪانسوءِ چار پنج بند هوندا آهن. مولود جي صنف جا شاعر عبدالرُئوف ڀٽي، شاهه عنايت رضوي، پير محمد راشد، فيض محمد سومرو، خليفو ڪرم الله قابل ذڪر آهن.

اچي ويرَ، ڏي سُڌيــــــــر مِٺا، مير موچارا،
سُٽي آهَ، ڪجــــان ڪاهَ، منا ميرَ موچارا،
قبَر قيام، اندر ڄام، منا ماڙ ڪـــجاڻ ڪا،
اتي گهوٽ، ڪجان موٽ، منا مير موچـــارا،
مصري شاهه، چئي سياهه ڪامل قلب اجاريو،
ڪيان تعريف تو شريف منا مـــــيرَ موچارا.

# مداح

سنڌي شاعري جي مقبول ۽ عام صنف مداح آهي. مداح عربي ٻولي جي لفظ "مدح" مان ورتل آهي جنهن جي معنىٰ آهي "ساراهه يا تعريف ڪرڻ". اها تعريف ڀلي ڪنهن بادشاهه جي هجي يا ڪنهن دوست جي پر سنڌي ۾ مداح ان شعر کي چيو ويندو آهي.جنهن ۾ ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد ﷺ، اصحاب سڳورن، ولين ۽ درويشن سان دلي محبت ۽ عقيدت بيان ٿيل هجي. اڪثر طور هن صنف ۾ مدد لاءِ سوال ڪيل هوندو آهي.

فني نظم جي سٽاءَ کان ڏڳهي نظم جو قسم آهي. مضمون جي لحاظ کان انهن کي الڳ ڪري سگهجي. ڪيترين ئي مداحون الف اشباع جي نظم ۾ لکيل آهن. مداح جي شروعات ڪلهوڙن جي دور ۾ ٿي. جمن چارڻ مداح جو پهريون شاعر آهي. ان ڪانسواءِ مخدوم غلام محمد، ميان سرفراز ڪلهوڙو، حمل خان لغاري، همت علي شاهه، مصري فقير، غلام حيدر شر، آخوند لطف الله وغيره هن صنف جا شاعر آهن.

# مـــــــرثيہ

مرثيہ عربي ٻولي جي لفظ ” رثئ“ مان ورتل آهي جنهن جي معنئ آهي ڪنهن عزيز ، دوست جي وفات جو واقعو ڏک ڀريل لفظن ۾ ملي. اصطلاحي معنئ ۾ مرثيہ شعر جي اها صنف اهي جنهن ۾ ڪربلا جي شهيدن جو واقعو ڏک ڀريل لفظن ۾ بيان ڪيو وڃي ٿو. هيءَ صنف عربيءَ جي شاعره خنساء ايجاد ڪئي. ان ڪانسواء شاهہ عبدااللطيف هن صنف کي سر ڪيڏارو ۾ ڳايو. بعد ۾ هن صنف کي ٽالپرن جي دور ۾ ترقي ملي، پر هن کي مڪمل فني خوبين سان سيد ثابت علي شاهہ سينگاريو.

ڇا ڇوان قاسم جو تڙپڻ، ڇا ڇوان اڪـــــبر جو موت،
ڇا ڇوان عباس ڪيئن ٿيو، ڪيئن لڪان اصغر جو موت،
هڙو مارو ڪڏهن نہ ٿيو، يڪــجاءِ هم لشڪر جو موت
تا قيامت ڪين وســـــــــري هي شهہ سرور جو موت

# رباعي

رباعي عروضي شاعري جي صنف آهي. رباعي لفظ ”ربع“مان ورتل آهي جنهن جي معنئ آهي ”چار“. اصطلاحي معنئ ۾ اهو شعر جيڪو چئن مصرعن تي مشتمل هجي. رباعي جي پهرين، ٻئين ۽ چوٿين مصرع هم قافيہ هونديون آهن. جڏهن تہ ٽئين مصرع بنا قافيہ هوندي آهي. رباعي جو وزن مقرر ڪيل هوندو آهي. مفهوم جي لحاظ کان رباعي جو ميدان بلڪل تنگ آهي، ڇاڪاڻ تہ شاعر کي سجو مفهوم چئن سٽن ۾ پيش ڪرڻو هوندو آهي. سنڌي شاعرن صوفيانہ، فلسفانہ خيال، اخلاقي مضمون ۽ بيباڪ خيالن کي رباعي جو مضمون بڻايو آهي.

رباعي جي صنف جا شاعر مخدوم طالب المولئ، مرزا قليچ بيگ، حافظ محمد احسن، امداد حسيني، محسن ٽڪڙائي، شيخ اياز وغيره شامل آهن.

استاد بخاري

اميدن جي شمع کي جــــــلايون وينا،
پروانا خيــــالن جا پڇــــايون وينا،
توڙي جو ڪري تيـل ڇڏيون ٽا رت کي،
محفـــــل تہ بحر حال مـــــچايون وينا.

# شعري اصطلاح

# ۽

# شاعري جون صنفون

شاعريءَ ڪي پنهنجو هڪ خاص علم ٿيندو آهي، جيڪو هر ملڪ ۽ ٻوليءَ جي مزاج مطابق ترتيب ڏنل هوندو آهي. اسان جي سنڌي شاعرن وٽ شاعري جي وزن جا عام طور تي ٻه سرشتا رائج آهن. هڪ آهي عربي فارسي " علم عروض" ۽ ٻيو آهي هندي "ڇندو ديا" ۽ موسيقيءَ جو وزن.

هر ٻوليءَ جي لفظي ۽ صوتي جوڙ جڪ جون تقاضائون ئي شاعر ڪي مجبور ڪنديون آهن ته هو شعر جو ڪهڙو علم ۽ قاعدو پنهنجي شاعريءَ لاءِ استعمال ڪري. اسان سنڌي شاعريءَ جو مطالعو ڪنداسين ته معلوم ٿيندو ته اها هندي ڇند توڙي فارسي علم عروض، ٻنهي تي رچي وئي آهي ۽ اڄ به رچي وڃي ٿي. اسان هتي شعري اصطلاحن ۽ شاعري جي ڪجهه صنفن جو ذڪر ڪنداسين.

## عروض

هيءَ هڪ اهڙي قسم جو علم آهي جنهن ڪي سمجهڻ سان موزون شاعري ڪري سگهجي ٿي. ڇاڪاڻ ته هن علم ڪي سمجهڻ سان بحر ۽ وزن جي خبر پوي ٿي. عروض معنىٰ "بلندي" . شاعريءَ جي هن نموني جي ابتدا عرب جي سر زمين کان شروع ٿي. هن جو موجد مڪي شريف جو خليل ابن احمد هو. جنهن شاعري لاءِ ڪجهه اصول ۽ قانون ٺاهيا. ڪن ماڻهن جو

چوڻ آهي تہ عرب پنهنجي خيمي کي جيڪا وچين ڪاٺي ڏيندا آهن، جنهن تي سڄو بار هوندو آهي ان کي عروض چيو ويندو آهي. سنڌ ۾ اهڙي شاعري عربن جي اچڻ ڪانپوءِ تڏهن رائج ٿي جڏهن سنڌ ۾ عربي ٻولي لازمي ڪئي وئي. اهڙي طرح سنڌ جي شاعرن عربيءَ جو اثر وٺندي سنڌي شاعري پڻ عروضي قانون موجب ڪرڻ لڳا.

## تشبيهہ:

تشبيهہ لفظ "شبيهہ" مان ورتل آهي جنهن جي معنیٰ آهي صورت يا شڪل. عام طرح سان ڪنهن بہ هڪ شيءِ جي ٻئي شيءِ سان مشابهت ڏيکارڻ کي تشبيهہ چئبو آهي.

مثال: قادر هاٿيءَ جهڙو قدآور آهي، موسیٰ کي شينهن جهڙو جيرو آهي.

مٿئين مثال ۾ قادر کي هاٿيءَ سان ۽ موسیٰ کي شينهن سان تشبيهہ ڏني وئي آهي.

## استعارو:

استعارو جي لغوي معنیٰ آهي "اُڌارو وٺڻ". استعارو بہ تشبيهہ جي ڪافي ويجهڙائي کان ملندڙ معنیٰ رکي ٿو. استعاري ۽ تشبيهہ ۾ فرق صرف ايترو آهي تہ تشبيهہ ڪنهن سني شيءِ سان ڀيٽ ڪرڻ کي چئبو آهي. جڏهن تہ استعارو سهڻي شيءِ جهڙو لڳڻ کي چئبو آهي.

مثال: قادر شينهن آهي، جڏهن تہ موسیٰ گدڙ آهي.

مٿئين مثال ۾ قادر لاءِ شينهن لفظ جي معنیٰ ۽ موسیٰ لاءِ گدڙ لفظ جي معنیٰ اوڌاري ورتي وئي آهي.

## تجنيس يا خطي حرفي:

تجنيس حرفي جي معنیٰ ساڳيا لفظ يا هڪ جهڙا اکر. عروضي شاعريءَ جو هي جزو لفظي ڪاريگري جو بهترين گڻ آهي. جنهن سان شعر جي سٽ يا سڄو شعر هم آوازلفظن سان سينگارجي وجي ٿو.

اول الله عليم، اعـــــلیٰ عالم جو ڌڻي،<br>
قادر پنهنجي قدرت سين قائم آهي قديم،<br>
والي واحد وحده رازق رب رحـــــيم،<br>
سو ساراهہ سچو ڌڻي چئي حمد حـڪيم،<br>
ڪري پاڻ ڪريم جوڙون جوڙ جهان جي.

## ڪنايو:

عربي ٻولي جو لفظ آهي جنهن جي معنیٰ آهي "رمز يا اشاري ۾ بيان ڪرڻ". يعني اشارن ۾ اهڙا لفظ ڳالهايا وڃن جو ان جون ٻه معناعون نڪرن. لفظ جي اصلي معنیٰ هڪڙي هجي پر ان مان ڪنهن ٻئي شيءِ ڏانهن اشارو ٿيل هجي ته ان کي ڪنايو چئبو آهي.

مثال:

ڪيترين عورتن گڏجي ڪنوار کي موڙو ڏنو.

## قافيو:

قافيو انهن عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي جيڪو "قُفا" مان ورتل آهي، جنهن جو مطلب آهي ته "پٺيان هلڻ". قافيه وارا الفاظ آواز ۾ هڪ جهڙا هوندا آهن، پر سندن تلفظ مختلف هوندو آهي.

مثال:

چاهت کان انڪاري ماڻهو
جذبن تي بمبــاري ماڻهو
ديس ۾ وکٽي ايندا آهن،
اهڙا ٻيو واپـــاري ماڻهو.

مٿئين مثال ۾ انڪاري، بمباري ۽ واپاري قافيا آهن.

## رديف:

رديف جي معنیٰ آهي "پيلهه سوار ٿيڻ يا جوڙيوال ٿيڻ". اصلاحي معنیٰ ۾ اهو لفظ جيڪو بند جي آخر ۾ ساڳيو ورجايو ويندو آهي.

مثال:

شهر شهر تنهنجي جون گهٽيون وسرن نٿيون،
۽ پت تي برپل بتـــــيون وســـــرن نٿيون،
مون گهڻـــــي ئي ڪوشش ڪئي آهي مگر،
تو لکـــــيون جيڪي چنيون وسرن نٿـيون.

مٿئين مثال ۾ "وسرن نٿيون" رديف آهي.

## مطلع:

هي لفظ عربي زبان جي فعل اطلع مان ورتل آهي، جنهن کي لغوي معنیٰ آهي "ظاهرٿيڻ". اصطلاحي زبان ۾ هر نظمي صنف جي شروعاتي ٻن سٽن کي مطلع چئبو آهي.

-

## مقطع:
هي لفظ قطع مان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي "پورو ٿيڻ". اصطلاحي معنيٰ ۾ شعر جي هر صنف جي آخري سٽن کي مقطع چئبو آهي. اڪثر شاعر پنهنجو تخلص استعمال ڪندو آهي.

## وزن:
عروضي شاعري جو خاص جزو جنهن جي موجب هر سٽ کي پوري ماپ سان لکيو ويندو آهي.

## بحر:
بحر جي معنيٰ آهي " سمنڊ". شاعري ۾ بحر سمنڊ جي وسعت جهڙو ڪم ڏئي ٿي. هي. اصطلاحي معنيٰ موجب هي اهو ماپو آهي، جنهن جي ذريعي شعر جو وزن پورو بيهاريو ويندو آهي.

## تجنيس تام:
تام معنيٰ "پورو". ڪلام ۾ ٻه يا ٻن کان وڌيڪ لفظ اهڙا اچن جن جو لکڻ پڙهڻ هڪجهڙو هجي پر معنيٰ مختلف هجي.
مثال:

جتن ڪر جتن جو، آيا ڪــــي ايندا،
وٺي پنـهون پاڻ سان وٽان تو ويندا،
دم نہ دميندا، سدا ويندا ساٿيھ ڏي،

1 . جتن: ڪوشش ڪرڻ، پاڻ پتوڙڻ، 2. جتن: جت ذات

## تجنيس ناقص:
هن کي " تجنيس معرف " پڻ چئبو آهي. هن جي صورت بہ تجنيس تام جهڙي هوندي آهي. پر اچار ۾ زبر يا زير وغيره جو فرق هوندو آهي.
مثال:

وَرَ ۾ ڪونهي وَرُ،
ڏيرن وڌو وَرُ ڪيو.

1 . وَرَ : مڙس 2. وَرُ: وڪڙ (خرابي) 3. وَرُ : وڪڙُ

## تجنيس مرڪب:

شعر ۾ هڪ مرڪب ۽ ٻئي مفرد لفظ کي ڳنڍيل معنىٰ ۾ پيش ڪرڻ واري صنف کي تجنيس مرڪب چئبو آهي

جا هڙ اندر جي، سا هڙ ڏني ساهه ڪــــي،
سا هڙ ڇڙي نہ ساهه جي سا هڙ سـاهڙ ري
سا هڙ ميڙ سميع تہ سا هڙ ڇڏي ساهه جي.

## مثنوي:

لفظ مثنوي ”تشنيہ“ مان ورتل آهي جنهن جي معنىٰ آهي ”ٻہ“ يا ”جوڙو“. اصطلاحي معنىٰ ۾ بيتن جي ان طويل سلسلي کي مثنوي چئجي ٿو جنهن ۾ ڪا ڪهاڻي، واقعو يا داستان، بيان ٿيل هجي. مثنوي ۾ لاتعداد بيت هوندا آهن. هر هڪ بيت ٻن مصرعن تي مشتمل هوندو آهي. ٻئي مصرعون پاڻ ۾ هم قافيہ هونديون آهن. هر هڪ بيت جو رديف ۽ قافيو الڳ هوندو آهي. پر ڪهاڻي ايئن تسلسل سان هوندي آهي. جيئن زنجير جون ڪڙيون پاڻ ۾ مليل هونديون آهن.

مثال:

محمد هر دو عالم جو شهنشاهه،
محمد راز ربـــــاني جو آگاهه،
محمد صاحبِ لـــــــولاڪ آهي،
محمد مالـــــڪ افـــلاڪ آهي.

## مثمن:

مثمن عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنىٰ آهي ” اٺ ستون“. سٽاءَ جي لحاظ کان شروعاتي ڇهہ ستون پاڻ ۾ هم قافيہ هجن ٿيون ۽ آخري ٻہ ستون وراڻي جو پوئلڳ هجن ٿيون. هن ۾ قومي، اخلاقي ۽ عشقيہ انداز بيان ٿيل آهي.

مثال:

سدا جي ذات ظاهر ڪندو اســــرار مان آهـــيان،
جي غفلت ۾ رهن تن کي ڪندو هوشيار مان آهيان،
نشو سڀ ننڊ جو ناهي ڪندو بيـــــدار مان آهيان،
رهي جو سست تنهن کان سدا بيزار مـــــان آهيان،
رکي محبت جيڪو دل انهيءَ جو يار مان آهـــيان،
سندس نور ايمان کي ڪندو نـــــروار مان آهيان،

ڪڏي نقاش فطرت منهنجي چا تصويـــــر اي شاعر،
ڏسي تصوير سان ڪو نظم ڪر تحــــــرير اي شاعر

## مسدس:

هي پڻ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”ڇهه ڪنڊو“. علم عروض جي قاعدن موجب هي شاعري جي اها صنف آهي جيڪا ڇهن سٽن تي مشتمل هجي.عام طور تي سندس جوڙ جڪ شروعاتي چار سٽون پاڻ ۾ هم قافيه ۽ پويون ٻه سٽون پاڻ ۾ هم قافيه هجڻ لازمي آهن. هن ۾ هر قسم جا مضمون شامل هجن ٿا. جيئن وطن جي حب، قومي اصلاحي ۽ اخلاقي مضمون وغيره.

مثال:

اسان انسان اڄ بلڪل صفا مٽجي چڪــــــــا آهيون،
حرس و حوس جي ديو کان لٽـــــــجي چڪا آهيون،
تعصب قوميت جي قيـــــد کان ڪٽجي چڪا آهيون،
سبب هي آهي شريعت کان جڏهن هٽجي چڪا آهيون،
تڏهن ڪـــــــينو اسان ۾ تــــــڏهن دل ۾ ڪدورت آ،
خدا جي نيـــــڪ بندن جي زمـــــــاني ۾ ضرورت آ.

## فصاحت:

اهو ڪلام جنهن ۾ اهڙا لفظ ڪم آيل هجن جو انهن جي اُچار سان زبان ۾ ڪنهن به قسم جي اٽڪ محسوس نه ٿئي، تنهن کي فصيح ڪلام چئبو آهي. اهو نمونو نه فقط ڪڏهن ڪڏهن پر هميشه شاعر جي ڪلام ۾ ازتيار ڪيل هجي. پر اهو جيڪڏهن نمونو ڪڏهن ڪڏهن اختيار ڪيل هوندو ته ان ڪلام کي فصيح ڪلام نه چئبو.

## بلاغت:

هن مان مراد شاعر جو ڪلام وقت ۽ حال جي مطابق هجي. انسان ۾ قسمين قسمين جذبا پيدا ٿين ٿا. ڪڏهن غم واري ڪيفيت آهي ته ڪڏهن خوشي واري، ڪڏهن مستي ۽ مدهوشي وارا جذبا ته ڪڏهن عشق ۽ محبت جا، ڪڏهن ڪاوڙ ڪڏهن ڪل، ڪڏهن بيقراري. شاعر انهن سيني ڪيفيتن کي اهڙي صفائي ۽ چٽائيءَ سان مختصر پر معنيٰ خيز لفظن ۾ بيان ڪري جو پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جو ڌيان ان طرف ٿي وڃي.

## سلاست:

سلاست مان مراد شاعر جي ڪلام ۾ اهڙا لفظ ڪم آيل هجن جيڪي روزانو استعمال ٿيندا هجن. شاعر استعارا، تشبيهون ۽ ٻيون ڪلامي صنفون اهڙيون ساديون استعمال ڪري جو ماڻهو يڪدم سمجهي وڃن ۽ پنهنجي قابليت آهر لطف حاصل ڪري سگهن ۽ ان ڪلام جي سلاست ۽ سادگي ڏسي ماڻهو پاڻ چوڻ لڳي ته اهڙي شاعري آئون به ڪري سگهان ٿو.

## جدت:

جدت جو مطلب اهو آهي ته شاعر پنهنجي ڪلام ۾ نواڻ آڻي. اهڙي مضمون تي شاعري نه ڪري جنهن تي اڳ ۾ ئي ڪنهن شاعر طبع آزمائي ڪئي هجي يا ڪنهن طبع آزمائي ڪئي به هجي ته ان کي اهڙي نموني ادا ڪري جو ايئن محسوس نه ٿئي ته ڪتان کو نقل ڪيو اٿس. شاعر پنهنجو مطلب اهڙن نون طريقن سان بيان ڪري جو پڙهندڙن جو ڌيان ٽٽي نه سگهي. سندس لفظن ۽ جملن جو اهڙو اثر هجي جو پائجي ته اهي لفظ ۽ جملا سندس اندر مان اڌما ڏئي نڪتا آهن.

## گنان:

گنان لفظ سنسڪرت جي لفظ ”گيان“ مان ورتل آهي جنهن جي معنیٰ ڄاڻ ۽ علم آهي. ٻين لفظن ۾ اهو علم جو عبادت، رياضت جي نتيجي ۾ حاصل ٿئي. اصطلاحي معنیٰ ۾ گنان شعر جو اهو قسم آهي جنهن ۾ اسماعيلي مبلغن ماڻهن کي تعليم ڏني.

سومرن جي دور حڪومت ۾ اسلام جي جدا جدا فرقن جا داعي سڄي ملڪ ۾ پکڙجي ويا . جن ۾ اسماعيلي فرقي جا مبلغ به هئا، جن ۾ سيد نور الدين، پوءِ شمس الدين ، پوءِ پير شهاب الدين ۽ سندس فرزند پير صدرالدين 1201ع ۾ سنڌ ۾ آيا. هنن سنڌي ٻولي سڪي ماڻهن کي اسلامي اصول سمجهائڻ لاءِ گنان لکيا.

فني سٽاءَ جي لحاظ کان گنان مسلسل ڊگها نظم به آهن ته ننڍا به آهن.

اٺي الله گهرين نه بندا،تون ستين سڄي رات،
نـــڪا جوڙي جيوت جي، نڪـــو ثمر سات

هن بند ۾ پير صدرالدين الله جي بندگي ڪرڻ جي نصيحت ڪئي آهي. مضمون جي لحاظ کان گنان ۾ مذهبي تعليم، امامت، روحانيت، اخلاقيات، فنا جا، بقا جا مسئلا بيان ڪيل آهن.

## علم بديع:

علم بديع عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي لغوي معنیٰ آهي ”نئين ايجاد“. اصطلاحي زبان ۾ سنڌي طرز تحرير (نظم ۽ نثر) کي پرڪشش ،خوبصورت، دلڪش، رنگين ۽ پر اثر بنائڻ لاءِ معناعن مان نهايت ڪاريگريءَ کان ڪم وٺڻ کي علم بديع چئبو آهي.

## بيت:

بيت سنڌي شاعري جي قديم ۽ مقبول صنف آهي. سنڌي شاعري ۾ بيت سڀ کان اول ڳاهه جي صورت ۾ ملن ٿا. اهي، قصن، ڪهاڻين ۽ رومانوي داستانن جي وچ ۾ ملن ٿا. جن جي شروعات سومرن جي دور حڪومت ۾ ٿي.

ابتدائي زماني ۾ بيت ٻن سٽن تي مشتمل هئا.

اکر پڙهه الف جو، ٻيا ورق سڀ وسار،
اندر تون اجار، پنا پڙهنـــــدين ڪيترا.

پر اڳتي هلي ٽن چئن سٽن وارا بيت پڻ نهڻ لڳا، جيئن شيخ اياز جو هي بيت آهي.

آيو آڌيءَ رات جو، پريـــنءَ جو پڙ لاءُ،
چڪڻ لڳو چنڊ جو، گهرو گهرو گهاءُ
صدين جو سوداءُ، جاڳي اٿيو جيءَ ۾.

شاعري جي هن خوبصورت ۽ قديم صنف جا شاعر قاضي قادن، شاهه ڪريم، لطف الله قادري، شاهه لطيف، سچل سرمست ۽ شيخ اياز جهڙا ملن ٿا.

موجوده دور ۾ بيت کي نئون رنگ ڏنو ويو آهي. بيت ۾ تاريخي ۽ مقامي واقعا ، سياسي، معاشي حالتون بيان ٿيل آهن. انهن شاعرن ۾ استاد بخاري، راشد مورائي، ادل سومرو، تاجل بيوس، مخدوم امين فهيم وغيره شامل آهن.

## ڪافي:

ڪافي عربي ٻوليءَ جي لفظ "ڪفیٰ" مان نڪتل آهي جنهن جي معنیٰ آهي "پورو هجڻ".
سنڌي شاعري جي مشهور ۽ عام صنف "ڪافي" آهي. سنڌ ۾ ڪافي جي شروعات ڪڏهن ٿي، ان لاءِ مختلف رايا ملن ٿا.
ڪن محققن جو خيال آهي ته ڪافي تمام قديم صنف آهي پر اهو اڻ تصديق نظريو آهي. 10 صدي هجريءَ ۾ ڪافي جي موجودگي جي ثابتي ملي ٿي. هن وقت تائين جيڪا تحقيق ٿي آهي ان مطابق ٻه نظريا سامهون آيا آهن. ڪي محقق چون ٿا ته ڪافي ۽ وائي هڪ ئي صنف آهي. ته ڪي چون ٿا ته هي ٻئي الڳ صنفون آهن. هڪ عالم جو رايو آهي ته لفظ ڪافي جي مادي اشتقاق "ڪفو" آهي. جنهن جي معنیٰ "ساهمي جا ٻئي پڙ برابر". ان ڪري اصلاحي معنیٰ ۾ اهو نظم جنهن ۾ هر مصرع جون حرڪات، سڪنات ۽ وزن هڪجيترو ۽ هم وزن هوندو آهي
.

جيئن ته هي ديسي شاعريءَ جي صنف آهي ان ۾ رسم رواج، عشق، محبت، صدا، التجا، وڇوڙي جو ورلاپ ۽ درد جون دانهو. وغيره جهڙا موضوع اچي وڃن ٿا. شاهه نصير، خوش خير

محمد، بيڪس، غلام شاهه راشدي، سچل سرمست، بيدل فقير، خليل لاشاري ۽ مصري شاهه وغيره ڪافيءَ جا شاعر آهن.

بيدل جي ڪافيءَ جو نمونو:

جو ئـــــي آهيان سو ئي آهـــــيان، پول نہ ڪـــــو پائيان،
1 . ويس لبيس دين ڪفر جا، ڪي ئي لاهيان، ڪي ئي پايان،
2. مومـــــل واري ويس ورن ۾، گهـــــوٽ هزارين گهايا،
3. هن مـــــظـــــهر ۾ ڪاڻ بهاني، بيـــــدل نانءَ سڏايان.

## وائي:

وائي لفظ پراڪرت جي "وايا" ۽ سنسڪرت جي لفظ "وارتا" مان جڙي آهي. ٻنهي جي معنيٰ آهي "ڳالهہ". ڪن محققن ان کي ڪافي بہ سڏيو آهي.

وائي جا بند گهٽ کان گهٽ هڪ مصرع تي مشتمل ٿين ٿا. شاهہ لطيف رحہ ۽ شاهه عنايت وائي ۾ ڏيڍ مصرح بہ آندي آهي. ٽل ڪان پوءِ جيڪا بہ سٽ اچي ٿي، ان ڪانپوءِ واري آيل اڌ سٽ سڄي وائي ۾ ورجايل هوندي آهي.

جيئن:

آءُ ٻارو چل اچ، پنهل ڄام پـــــرچ،
موٽ وڃوڙو ٿو ماري.
قولن ڪوڙي آهيان، صاحب وٽي سچ،
پسن جنهن پناري.................................
موٽ وڃوڙو ٿو ماري.

ڪن محققن جو خيال آهي تہ وائي شاهه لطيف جي ايجاد ڪيل صنف آهي. انهيءَ دور ۾ شاهه عنايت، روحل فقير، سچل سرمست ۽ بيدل جون وايون مشهور ٿيون. جڏهن تہ جديد دور ۾ تنوير عباسي، نياز همايوني، شيخ اياز ۽ امداد حسيني جون وايون مشهور آهن.

## تخلص:

خاص قسم جو نالو يا لقب جيڪو هڪ شاعر شاعري جي دنيا ۾ پنهنجي لکيل نظم عوام ۾ ڄاڻائي. هي عام طور تي مقطع ۾ لکيو ويندو آهي.

مثال طور: عبداللطيف، اياز، سانگي، اداسي وغيره

## غزل:

غزل عربي ٻولي جو لفظ آهي جنهن جي لغوي معنىٰ آهي ”عورت جي حسن جي تعريف ڪرڻ“. اصطلاحي معنىٰ ۾ غزل شعرن جي ان مجموعي کي چئبو آهي، جنهن ۾ محبوب جي حسن ۽ رعنائي، آرائش ۽ زيبائش جو ذڪر ڪيو ويندو آهي. موجوده دور ۾ هر قسم جو مَضمون غزل ۾ آندو وڃي ٿو. محبوب جو حسن، اخلاقي، تهذيبي، معاشي ۽ معاشرتي مضمون غزل جي زينت بنجن ٿا.

فني سٽاء جي لحاظ کان غزل ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنج ۽ وڌ ۾ وڌ ٻارهن شعر هوندا آهن. غزل جي پهرين شعر کي ”مطلع“ ۽ آخري شعر کي ”مقطع“ چئبو آهي. مطلع جون ٻئي مصرحون پاڻ ۾ هم قافيہ هونديون آهن. باقي ٻين شعرن جون مصرعون پهرين شعر سان هم قافيہ ٿينديون آهن.

سنڌي غزل جو پهريون شاعر نور محمّد خستہ هو. جيڪو ڪلهوڙن جي دور جو شاعر آهي.پر ٽالپرن جي دور ۾ غزل جي صنف ترقي ڪئي. خود ڪيترائي ٽالپر حڪمران شاعر هئا. اعلىٰ درجي جو شاعر سچل سرمست رحہ ملي ٿو. جنهن ”ديوان آشڪار“ فارسي غزل لکيا. ان سان گڏ سنڌي غزل پڻ ملن ٿا.

## اشتقاق:

اشتقاق لفظ ”شق“ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنىٰ آهي”چيرڻ“
ڪنهن بہ لفظ جو بنياد ظاهر ڪرڻ کي اشتقاق چئبو آهي.

## نظم:

هي عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي هن جي معنىٰ آهي ”ضابطو ۽ پابندي“.

## منظر نگاري:

هيءَ شاعريءَ جي فن جي هڪ خاص صنف آهي. هن ۾ شعر ڪنهن حقيقت يا واقعي جي نظاري جي ماحول پٽاندر فطري طور بيان ڪري تہ ان کي منظر نگاري چئبو آهي.

## مصرع:

هي عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي "دروازي جو طاق". ڪنهن به شعر جي هڪڙي سٽ کي مصرع چئبو آهي.

## نثر:

سنڌي ٻوليءَ ۾ ادب جو ٻيو قسم نثر آهي. انجو مطلب آهي ته نظم کان علاوه باقي روانيءَ ۾ ڳالهائڻ ۽ لکن وارو ادب ، اسان جيڪي ڳالهه ٻولهه يا لکپڙهه ڪريون ٿا، انهيءَ کي نثر چئبو آهي.

نثر ٻن قسمن جو هوندو آهي.

(1) سادو نثر (2) اوچو نثر

## ڏوهيڙو (دوهو) :

سنڌي شاعريءَ جو هڪ قديم فن آهي. ڏوهيڙو اهڙي شعر کي چوندا آهن جنهن ۾ علم عروض موجب رديف ۽ قافيه جي پابنديءَ جي بندش نه آهي. البته وزن جو لحاظ رکڻ ضروري آهي.

مثال:

ساري رات سبحان، جاڳي جن يـــاد ڪيو،
تنهن جي عبداللطيف چئي مٽيءَ لڏو مان،
ڪوڙئين ڪن سلام، آڳ اچيـــو ان جي.

جي پچڻا سي نه منجهڻا، جي پچن سي ويرَ
جو لکن منجھ مائروئن سو مکڻ منجھ ڪير.

## تصوف:

هي صوفي فقيرن جو طريقو آهي، هن کي عربي ۾ "وحدت الوجود" ، هنديءَ ۾ "وحدانيت" ، فارسيءَ ۾ "همه اوست" سنڌيءَ ۾ "سڀ ۾ سائين" چئبو آهي. صوفي بزرگن کي هر شيءِ ۽ هر هنڌ محبوب حقيقي جو جلوو پسڻ ۾ ايندو آهي. سندن هر فعل ۽ هر عمل ۾ قدرت جو ڪرشمو ڪار فرما نظر ايندو آهي. شاهه لطيف، سچل، سامي صوفي شاعر ٿي گذريا آهن.

## مناجات:

هيءَ شعر جي اها صنف آهي جا گهٽ ۾ گهٽ ڪري ٻن سٽن تي مشتمل هوندي آهي۽ ٻئي سٽون پاڻ ۾ هم قافيہ هونديون آهن. مناجات ۾ خالقِ اڪبر کان نهايت عجز ۽ انڪساريءَ سان دعا گهري ويندي آهي. هن ۾ سوءِ ان جي (دعا) ٻيو ڪو بہ موضوع استعمال نٿو ڪري سگهجي.

سنڌ سلامت

# سمجهاڻيون

## شاهه عبدالڪريم(1538_1623)

(1)

مُورک مُور نہ ٻُجهڻا، هيڏانهن هوڏانهن ڳَن،
ڪٿر جنين اکين ۾، سي ڪيئن پرين پَسَنِ؟

**سمجهاڻي:** هن شعر ۾ شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو فرمائي ٿو تہ نادان ۽ بي سمجهه انسان ڪڏهن بہ اها ڳالهہ نہ سمجهندا آهن ۽ نہ وري محبوب حقيقي جي جلوي جو مشاهدو ڪري سگهندا. ڀلي انهن کي مختلف طريقن سان سمجهائجي تڏهن بہ نہ سمجهندا. ڇاڪاڻ تہ انهن جي اکين تي پردو آهي. اُهي پنهنجي محبوب کي ڪيئن تا پروڙي سگهن.

(2)

پائيون جان نہ ڪجن، روئي ڏوئي اکـــڙيون،
جَرُ ڪَجَرُ جن اکين ۾، سي ڪيئن پرين پَسَن

**سمجهاڻي:** جيڪڏهن محبوب جي محبت ۾ تون روئي ڌوئي اکيون صاف نہ ڪندين تہ ديدار نہ ڪري سگهندين. جنهن جي اکين ۾ ٻيائيءَ جو ڪنو پاڻي ۽ ڪن ڪچرو پيو آهي، سي حقيقي محبوب جو جلوو ڪيئن ڏسي سگهندا.

(3)

سَجَڻُ ساعت هڪڙي، جي ٿئي اکيئيون ڌار،
تہ ڪر سڀِ ڄـــمار، ڏنـوســـين نہ ڪڏهن.

**سمجهاڻي:** شاهه ڪريم هن بيت ۾ فرمائي ٿو تہ محبوب جيڪڏهن هڪڙي گهڙي بہ نظر کان پري رهي تہ ايئن محسوس ٿئي ٿو تہ اها جدائي جي گهڙي وڏي عرصي جو وڇوڙو آهي. جا گهڙي الله پاڪ جي ذڪر کان غفلت ۾ گذري ٿي تہ جڻ سڄي عمر جي عبادت نامڪمل ٿئي ٿي ۽ افسوس ٿئي ٿو

(4)

**هينيون نہ حاضُرِ جَنِ، پرين نہ اکڙين ۾،**
**ٿَلهَا ڊِنيا سڪڻا، هئــين جاڙ جِيئَـــــنِ**

**سمجهاڻي**:اهي طالب جن جي دل محبوب جي طرف مائل نہ آهي يعني عبادت بہ دنيا جي شين ۾ اٽڪيل آهي ۽ محبوب کي اکين سان نٿا ڏسن، اهي خالي ۽ ڊانيي (ڏار پيل) دلي وانگر آهن جيڪو ظاهر ۾ تہ صحيح آهي پر ڪم جهڙو نہ آهي. انهن انسانن جي زندگي بي مقصد آهي جيڪي ضرورت وقت ڊانيي مٿ وانگر ڦريو وڃن.

(5)

**مجازي موهي، ڪڏهن ويندءِ نڪـــري،**
**اکڙيون تو هي، مچـــڻ وهي وِســــهي.**

**سمجهاڻي**: هي دنيا فاني آهي ۽ هن دنيا جي فريبن ۾ ڦاسي اصل مقصد انسانيت کي هٿن مان نہ ڇڏڻ گهرجي. حقيقت ۾ ظاهري آسائشون ۽ لذتون فاني آهن. دنيا اُج جو مثال آهي جنهن جو اصل وجود ڪو بہ ناهي. ان ڪري اصل حقيقت کي سمجهڻ لاءِ اندر جي اک کان ڪم وٺُ. متان تون هن فاني دنيا ۾ اکيون اڙائياعتبار ڪري ويهي رهين.

(6)

**ڏکين ڏاتِ پئو، هيئڙو لوهہَ سنداڻ جيئن،**
**سنياري کي سڄڻين ورچي تان نہ وِئـــــو.**

**سمجهاڻي**: پنهنجي پرينءَ جي ياد ۾ ڏک ۽ تڪليفون ايئن لڳن ٿيون جيئن لوهار ڏاتوءَ کي سنداڻ تي رکي ڪُٽيندو آهي. محبوب جي طرفان اسان جي دل تي ڪيترائي ڀيرا چوٽون لڳيون آهن. پر سنداڻ ڪڏهن بيزار ٿي لوهار سان شڪايت نہ ڪئي آهي ۽ عشق ۾ آيل تڪليفن کي دل خوشي سان قبول ڪري ٿي.

(7)

**جي جاڳندي مَنَ ۾، ستي پڻ سيئي،**
**مَن پريان نيئي، پڳهـــيو پاڻ ڳري.**

**سمجهاڻي**: مون کي پنهنجو محبوب جاڳ توڙي ننڊ ۾ ياد آهي ۽ ٻيڙي جي رسي وانگر ٻڌي قابو ڪري پاڻ ڏي ڇڪي رهيو آهي. ان ڪري محبوب کان جدائي ممڪن ئي نہ آهي. آئون هن جي ياد ۾ هر وقت مصروف آهيان.

(8)

**پاڻياري سِرِ ٻهڙو، جر تي پڪي جيئن،**
**اسان سڄڻ تيئن، رهيــو آهي روح ۾.**

**سمجهاڻي**: جيئن پاڻي ڀريندڙ عورت جي مٽي تي بہ دلا هڪبئي مٿان ايئن رکيل هوندا آهن جو انهن ۾ وٿي نہ هوندي آهي، جيئن آبي پکي پاڻيءَ ۾ ترندو آهي تہ پاڻي ۽ پکي هڪ ٻئي سان مليل هوندا آهن. بلڪل اهڙي طرح مون ۾ محبوب سمايل آهي ۽ مان محبوب ۾ سمايل آهيان ۽ اسان جي رڳ رڳ ۽ روح پاڻ ۾ سمايل آهن.

(9)

**وَرُ سان سُجي ويڙهِ، جتي سڄڻُ هيــڪڙو،**
**سو ماڳوئي ڦير، جتي ڪُوڙ ڪُماڙوئين.**

<u>**سمجهاڻي**</u>: هڪ الله لوڪ انسان کي اها جاءِ نه ٿي وڻي جتي انسان ته گهڻا هجن پر سڀ دغاباز ۽ دولاب سان ڀريل هجن. اهو نااهل ماڻهن وارو ماڳ مٽائي ڇڏ. مون لاءِ ويرانو بهتر آهي. جتي صرف اڪيلوالله هجي.

(10)

**چاچر چِڱيرن، گهور نه اچي گهاتوئيــن،**
**اڪيون انين سنديون، ڪڏا ڪرئون ڀُڃَنِ.**

<u>**سمجهاڻِي**</u>: شاعر ماڻهن جي اجائي زندگي گذارڻ جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته اهي ماڻهو جيڪي تانگهي پاڻي ۾ تڙڳي رهيا آهن. انهن کي ٿوهن جيان اونهي سمنڊ جي ڪا به خبر ناهي. هنن جو اکيون صرف تري ۾ پيل پاڻيءَ جون لاهيون چاڙهيون جانچي رهيون آهن.

(11)

**هنجهه تتيئين هوءِ، اونهــي ۾ اوڙاهه جو،**
**اي ڪانيرو ڪوءِ، چاچرِ ۾ چيرون ڪري.**

<u>**سمجهاڻي**</u>: هنجه پکي پنهنجو ڪاڌو انهي پاڻيءَ مان ڳولي ٿو. پر ان جي برعڪس ڪانيرو جيڪو ڪارو ۽ گندو پکي آهي، اهو به آبي پکي آهي پر ان جي خوراڪ مردا جانور آهن. جيڪي مٿاڇري تي نظر اچن ٿا. شاعر هن بيت ۾ ڪانيرو کي دنيادار انسان سان تشبيهه ڏئي ٿو ۽ هنج مان مراد اهو انسان آهي جنهن جي نظر گهرائي تي آهي. ڪانيرو دنيا کي سڀ ڪجهه سمجهي ٿو ۽ ڪاڌو حاصل ڪرڻ لاءِ لامارا ڏئي ٿو جيڪو انسانيت جي ابتڙ آهي.

# شاهه عبداللطيف ڀٽائي (1690_1752)

## سُرُ يمن ڪلياڻ

(1)

**تون حبيب، ٿُون طبيب، ٿُون درد جي دوا،**
**جانب منهنجي جيءَ ۾، آزار جا انــــواع،**
**صاحب! ڏيج شفا ميــــــان! مريضن کي.**

**سمجهاڻي**:شاهه عبداللطيف ڀٽائي سُرُ يمن ڪلياڻ جي هن بيت ۾ پنهنجي خالق مالڪ ۽ پالڻهار سان مخاطب ٿيندي فرمائي ٿو ته اي الله! تون ئي منهنجو دوست آهين، تون ئي منهنجو ويج ۽ منهنجي مرضن جو علاج آهين، منهنجي اندر ۾ دغا، فريب، ڪوڙ، دوکو، حرام خوري ۽ خود غرضي وغيره انيڪ قسمن جون پيڙائون آهن. اي صاحب! تون ئي انهن مرضن ۾ ڦاٿل مريضن کي ڇوٽڪارو ڏي.

(2)

**ٿُون حبيب، تون طبيب،تون درد جـــــون دارون**
**دوا آهِن دل کي، تنهنجـــون تنـــــــــــوارون ،**
**ڪريان ٿي ڪارون، جيئن ڀُڪي ڀئئون نہ ٿئي.**

**سمجهاڻي**: اي رب ! تون ئي منهنجو دوست ۽ حڪيم آهين. تون ئي تڪليفن جي دوا آهين. هن دنيا جا حڪيم منهنجي مرض کي نہ سمجهي سگهيا آهن ڇو تہ تنهنجو ذڪر ۽ تنهنجي يادگيري منهنجي بيماريءَ جو علاج آهي. ان لاءِ منهنجي پڪار اها آهي تہ منهنجي هن بيماريءَ جو علاج دنيا جي هن حڪيمن کان نہ پر تنهنجي هٿن سان ٿئي ٿو. منهنجي هن بيماريءَ کي دور ڪرڻ لاءِ منهنجي نفس کي ايترو سرڪش نہ ڪجانءِ، جو توسان آئون ڪنهن ٻئي کي شريڪ ڪريان.

(3)

**تون حبيب، تون طبيب، تُنهـــــــــم ڊِنَن ڊپُ،**
**تون ڏيين، تون لاهيين تون، تنهم هـــادي، رب،**
**آهِم اِيءُ عجب، جِن وارئو ويج ويهـــــــاريين،**

**سمجهاڻي**: اي الله تون منهنجو سڄڻ ۽ محبوب آهين. تون ئي حڪيم ۽ بي سهارن جو سهارو آهين. تون ئي آزمائڻ لاءِ تڪليفون ڏئين ٿو ۽ وري انهن کان آجو ڪرين ٿو. شاهه سائين آخري سٽ ۾ تعجب ڪائي چوي ٿو تہ اي مالڪ! مون کي انهيءَ تي عبرت آهي تہ جڏهن تون زبردست حڪيم آهين تہ تو هن دنيا ۾ حڪيم ڇو ويهاريا آهن؟ جو اسان جي دلين ۾ ايذا وسوسا ٿو وجهين جو تنهنجي هوندي اسان دنيا جي حڪيمن کان علاج ڪرايون پر اصل شفا تہ تنهنجي هٿ ۾ آهي. تون ئي هن بيماريءَ کان نجات نصيب فرماءِ.

(4)

**تون حبيب، تون طبيب، تــــون دارون ڪي دردن،**
**تون ڏيين، تون لاهيين، ڏاتر ڪي ڏکنــــــــــدن،**
**تڏهن ڦڪيون فرق ڪَن، جڏهن امر ڪرهو ان ڪي.**

**سمجهاڻي**: ياالله! تون منهنجو دوست ۽ حڪيم آهين. منهنجي تڪليفن جو علاج بہ تون ئي آهين. اي ڏاتار! تون ئي ڏک ڏيڻ وارو آهين ۽ انهن کي دور ڪرڻ بہ تون ئي ڄاڻين ٿو. هي ڊاڪٽر دوائون تہ ڏين ٿا پر نيڪ ڪرڻ جي سگهہ کان محروم آهن. ان لاءِ چون ٿا تہ دوائون تڏهن اثر ڪنديون جڏهن انهن دوائن کي الله پاڪ جو حڪم ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ تون ئي ڪائنات جو خالق، مالڪ ۽ قادر آهين. هر شيءِ تنهنجي حڪم جي تابع آهي.

## سُرُ يمن ڪلياڻ

(1)

**پڇ پتنگن کي، سندن ڪامــــڻ خبرون،**
**آٽئو وجهن آڳ ۾. جي پنهنـــجو جي،**
**جيئري جنين جي، لڳا نيزا نينهن جا.**

**سمجهاڻي**: شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ جيڪڏهن توهان خدا جا سچا عاشق آهيو ۽ خدا تعالىٰ جي قرب حاصل ڪرڻ جا خواهشمند آهيو تہ تڪليفون برداشت ڪريو. پتنگن کان پڇو تہ جلبو ڪيئن آهي؟ اهي پنهنجي جسم کي باهہ ۾ اڇلائن ٿا ڇو تہ انهن کي جيئري ئي عشق جون نائڪون لڳل آهن ۽ اهي عشق جي راهہ ۾ تڪليفن کان بي نياز هوندا آهن.

(2)

**پتنگ چايين پاڻ کي، تہ اچي آڳُ اُجهاءِ!**
**پچڻ گهٽا پچائيا، تون پچـــڻ کي پچاءِ،**
**واقف ٿي وساءِ، آڳ نہ ڏجي عـــام کي.**

**سمجهاڻي**: جيڪڏهن اي انسان! تون پاڻ کي سچو طالب سڏائين ٿو تہ باهہ کي پاڻ ۾ جذب ڪر. مطلب تہ تون پنهنجو پاڻ کي خدا جي وجود ۾ فنا ڪري ڇڏ. ان آتش (پچڻ) گهڻن کي جلائي ڇڏيو آهي. پر تون خود ان آتش کي جلاءِ. جڏهن تون ان منزل ۾ ڪامياب ٿي وڃين تہ پوءِ اهو راز ڪنهن کي بہ نہ ٻڌاءِ ڇو تہ ماڻهو بي سمجهہ آهن.

(3)

**پتنگ چايين پاڻ کي، تہ جيري پؤ ڄاڻي،**

**تان تان تاڃ تَوَ ڏي، جان آڳ نہ اُجهاڻي،**
**وسهہُ وهاڻي ،آڳ نہ ڏجي عـــــام کي.**

**سمجهاڻي**: جيڪڏهن تون پاڻ کي عاشق سڏائين ٿو تہ محبت جي مچ جي تپش کان آگاهہ رهہ يا قرباني ڏيڻ لاءِ تيار رهہ. جيستائين باهہ وسامي نہ وڃي. مطلب تہ تون باهہ کي پاڻ ۾ پسم ڪر پنهنجو ۽ محبوب جو وجود هڪ ٿي وڃي، پوءِ اها خبر ماڻهن کي نہ پوڻ ڏي.

(4)

**پتنگ چايين پاڻ کي، تہ پسي مچ مَ موٽ،**
**سَهائي سپرين جي، گهــڙ تہ ٿيين گهوٽ،**
**اجا تون اُروٽ! ڪوري خبر نہ لهـــــين.**

**سمجهاڻي**: جيڪڏهن تون پاڻ کي عاشق سمجهين ٿو تہ باهہ ڏسي پوئتي نہ موٽ. پر انهيءَ باهہ جي شعلن ۾ ٽپي محبوب جي اڳيان سرخرو ٿي ۽ حقيقي منزل ماڻ. تون اجا ڪچو سيکڙاٽ آهين. ڪوري ۾ جلڻ جي خبر تو کي نہ آهي.

(5)

**پتنگن پهہ ڪئو، مڙئا متـــــي مَچ،**
**پسي لهس نہ لچئا، سڙيا متي سَچَ،**
**ســـندا ڳچين ڳچ، ويچارن وڃائيا.**

**سمجهاڻي**: پتنگا ارادو ڪري اچي جان نثاريءَ لاءِ تيار ٿي اچي بيٺا ۽ اهي باهہ جي تو ۽ تاب کي ڏسي پوئتي نہ هٽيا بلڪ سچ جي مٿان ساهہ صدقي ڪري ويچارن پنهنجون ڪيئي سسيون قربان ڪري ڇڏيون.

(6)

**چڙهئو چڪاسن چاءِ، آڳ ٻرندي آئيـــا،**
**وهسن واڙي ڦُلَ جنءَ، محبتي مچ لاءِ،**
**آٽي پاڻ اَڙاءِ، ڪٽي ڪـــــوري وچَ ۾.**

**سمجهاڻي**: پتنگن جي اها فطرت آهي تہ جتي باهہ ڏسن اتي هليا ايندا آهن. شاهہ صاحب هن بيت ۾ عاشقن کي چوي ٿو تہ پنهنجي اندر ۾ اها فطرت پيدا ڪريو تہ جتي بہ توهان جو محبوب (الله) آهي اتي پهچي وڃو. آڙاهہ کي واڙيءَ جي گلن مثل سمجهي ان ۾ ٽپي پئو ۽ پاڻ کي محبوب جي هستيءَ سان گڏ ڪري پنهنجو وجود پسم ڪري ڇڏ.

# سُرُ ڪنڀات

(1)

چوڏهينءَ چنڊ! تون اُڀرين سهسين ڪري سينگار،
پلڪ پريان جي نہ پڄين، جي حيلن ڪريين هزار،
جهڙو تـــــون سڀ ڄمار،تهڙو دم دوست جـــو،

**سمجهاڻي**: شاهہ صاحب سر ڪنڀات جي هن بيت ۾ چوڏهين جي چنڊ سان مخاطب ٿي فرمائي ٿو تہ اي چوڏهينءَ جا چنڊ! تون سوين سينگار ڪري نڪرين ٿو ۽ ايئن لڳي ٿو ڄڻ چانديءَ جو گولو هجين پر پوءِ بہ منهنجي محبوب حضرت محمد ﷺ جي ذري برابر بہ ناهين. تنهنجي سڄي عمر جي سونهن منهنجي محبوب جي هڪ پل جي سوجهري ۾ آهي.

(2)

سهسين سڄن اُڀري، چوراسي چنـــــڊن،
با الله، ري پرين، سڀ اونداهي ڀانئيان.

**سمجهاڻي**:شاهہ صاحب پنهنجي محبوب جي حسن ڪي ساراهيندي چوي ٿو تہ سوين سج ۽ سوين چنڊ گڏجي هن دنيا کي روشن ڪرڻ لاءِ نڪرن تڏهن بہ منهنجي محبوب حضرت محمد ﷺ جي هڪ جلوي جي برابر نٿا ٿي سگهن. جيڪڏهن منهنجي محبوب جي جلوي جو نور نہ هجي تہ هر طرف اونداهي آهي.

(3)

چنڊ! چٽائي تنهنـــــــجي، سياهيءَ ۾ سور،
لايان لال لـــــــڱن کي، چندن پري ڀـــــور،
ڪوماڻو ڪپور، مون وانجهائيدي پرينءَ کي.

**سمجهاڻي**: هن بيت ۾ شاهہ صاحب چنڊ سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو تہ اي چنڊ! تنهنجي روشني مونکي محبوب جي جدائيءَ ۾ ڏاڍي تڪليف ٿي ڏئي. آئون پنهنجي محبوب جي انتظار ۾ لڱن کي ڪافور هڻي خوشگوار ڪيو وينو آهيان. مون محبوب جو ايترو انتظار ڪيو آهي جو اها لڱن تان خوشبوءِ بہ اڏامي وئي آهي. تون وري مون کي پنهنجو حسن ٿو ڏيکارين. مون کي نفرت آهي ان خوبصورتيءَ سان جيڪا محبوب جي جدائيءَ ۾ سامهون اچي.

(4)

چنڊ! چئين حق، جي وڙهين جي وچرين،
ڀہ اکيون ٿئو نڪ، تو ۾ ناهي پرينءَ جو.

-

سمجهاڻي: شاهه صاحب هن بيت ۾ فرمائي ٿو ته اي چنڊ! اگر تون ناراض ٿئين، وڙهين يا بيزار ٿئين پر ڳالهه حق ۽ سچ ٿو ڪريان ته منهنجي محبوب جي هڪ به وصف تو ۾ ناهي. جيڪي خوبيون منهنجي محبوب ۾ آهن تو ۾ انهن جي کوٽ آهي.

(5)

**چنڊ! چئين سچ، جي مــــــتي مور نه پائيين،**
**ڪڏهن اڀرين سنـــــــهڙو، ڪڏهين اڀرين ڳچ،**
**منهن ۾ ٻرئي مچ، تو ۾ ناهي پيشاني پرينءَ جي.**

سمجهاڻي: اي چنڊ! اگر ناراض نه ٿئين ته تو کي هڪڙي ڳالهه چوان، تنهنجي حسن ۾ استقامت ۽ پائيداري ناهي، تون ڪڏهن سنهڙو ٿو اڀرين ته ڪڏهن ٿلهو. جيڪا روشني ۽ حسن تنهنجي منهن ۾ آهي اها روشني ۽ حسن منهنجي محبوب جي تر جي برابر به ناهي.

(6)

**ڪڻي نيڻ خـــمار مان، جا ڪيائين ناز نظر،**
**سورج شاخون جهڪيون، ڪـــو ماڻو قمر،**
**تارا ڪتيون تائب ٿيا، ديکينـــــدي دلبر،**
**جَهڪو ٿيو جوهَرُ، جانب جي جـــمال سين.**

سمجهاڻي: شاهه صاحب هن بيت ۾ حضور ﷺ جن جي تعريف ڪندي چوي ٿو ته جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ هن دنيا تي ناز جي نظر وڌي ۽ تشريف فرما ٿيا ته سج جا ڪرڻا گهٽ ٿي ويا ۽ چنڊ جي چانڊوڪي جهڪي ٿي وئي. حضور ﷺ جن کي ڏسندي ئي تارن ۽ ڪتين پنهنجين روشنين کي ئي جهڪو ڪري ڇڏيو ۽ ادب سان پيش اچي پيا.

# ليلا چنيسر

(1)

**ليلا حيلا ڇڏِ، جي تون سوپي سڪيين،**
**پائي پانـــد ڳچيءَ ۾، پاڻ غريبي گڏ،**

سمجهاڻي: اي سهڻي ليلا! جيڪڏهن توکي خطا معاف ڪرائڻي آهي ته حيلا ۽ بهانا ڇڏ. غلطيءَ تي پردو وجهڻ لاءِ ان تي دليل بازي نه ڪر. پر منت ميڙ ڪر ۽ هيناهين ٿيءُ ۽ ٻاڏائيندي رهه ته توکي هرگز نه چوندو ته هتان هلي وڃ.

(2)

**جي ڪارون آڻيين ڪانڌ کي، ته روئي ريجهائج،**
**ليـــــــلا! ليـــــــلائج، اتئي ماڳ منت جو**

هَڏَ نہ چندءِ لڏِ، جي ڪارون آيٽين ڪانــد ڪـي

**سمجهاڻي**: اي ليلا! تون پنهنجي ور کي دانهون، ڪوڪون ڪري روئي پرچاءِ، منٿ، ميڙ ۾ نوڙت ڪر ڇو تہ هي ئي جهان معافي گهرڻ جو اٿئي.

(3)

جي ليــلائي نہ لهين، تہ پڻ ليلائج
آسر مَ لاهيج، سڄڻ ٻاجهيندڙ گهڻو.

**سمجهاڻي**: اي ليلا! جيڪڏهن منٿن سان بہ پرينءَ کي حاصل نہ ڪري سگهين تڏهن بہ منٿون ڪندي رهہ، نااميد نہ ٿي ڇو تہ محبوب جي محبت ۾ ٻاجهہ تمام گهڻي آهي.

(4)

سيبئي سُهـــــــاڳِڻيون، سيني ڳچيءَ هار،
پَسَڻَ ڪارڻ پرينءَ جي، سهسين ڪن سينگار
ڊول تنين جي ڊار، هينـــــــاهيون هلن جي.

**سمجهاڻي**: پنهنجي ورن واريون عورتون پنهنجي ڳچيءَ ۾ هار پائي پنهنجي پرينءَ کي پسڻ لاءِ سوين سينگار ڪن ٿيون. تنهنجي محبوب کي ماڻڻ لاءِ هيناهين ڪن ٿيون. اي ليلا! تون بہ ائين ڪر. اهو ئي رستو اختيار ڪر تہ جيئن توکي بہ پنهنجي پرينءَ جو قرب حاصل ٿئي.

# حضرت خواجہ محمد زمان

(1813ع _ 1874ع)

(1)

سڄڻ ڏنو جن، تن ڏسڻ غير گناهہ،
جنين لڌي راهہ، وِهن تنين وِهُ ٿِئو.

**سمجهاڻي**: حضرت خواجہ محمّد زمان فرمائي ٿو تہ جن پنهنجي محبوب جو ديدار ڪيو تن لاءِ هاڻي ڪنهن ٻئي ڏي ڏسڻ گناهہ آهي.جن ماڻهن حق ۾ سچ جي راهہ هٿ ڪئي تن لاءِ ماڻهپ ڪانسواءِ مات ڪري ويهڻ زهر جهڙو ٿو لڳي.

(2)

لڳو واءُ وصال، جنين ساعت هيڪڙي،
تن سان لڌي لعلَ، جنهن لئہ جڳ خلقيو.

**سمجهاڻي**: جن کي هڪ پل لاءِ بہ محبوب سان ملڻ نصيب ٿيو آهي ائين سمجهن ٿا تہ هن دنيا ۾ اچڻ جا ڪُلي مقصد پورا ٿي چڪا. هتي حضور پاڪ ﷺ ڏانهن اشارو ڪيل آهي تہ جن ماڻهن حضور پاڪ ﷺ جن جو ديدار ڪيو تن کي ڄڻ تہ لعل ملي ويو. اهو لعل جنهن لاءِ هيءَ دنيا خلقي وئي آهي.

(3)

عارف ۽ عشّاق، پسڻ گهرن پرينءَ جو،
جنت جا مشـــتاق، اڃا اوراهـــــان ٿئا.

**سمجهاڻي**: عاشق ۽ عارف صرف محبوب جي مشاهدي ۽ ديدار جي طلب رکندا آهن. جنت جي خواهشمندي رکندڙ ان جي مقابلي ۾ تمام گهڻو پنتي پيل آهن. ڇو ته اهي پنهنجي عبادت ۽ تقوىٰ جو اجورو جنت جي صورت ۾ طلب ڪن ٿا. پر عارف ۽ عاشق رڳو خدا جي ذات جي مشاهدي ماڻڻ جا خواهشمند هوندا آهن.

(4)

تانسين تون نه فقير، جانسين سانگ سِسيءَ جو،
ماڻئو تن مليرَ، جن جُسو مـــــــال مبـــاح جو.

**سمجهاڻي**: ايستائين تون پنهنجي پاڻ کي فقير نٿو چورائي سگهين جيستائين تون پنهنجي جان بچائڻ جو اونو رکين ٿو. فقير اهو آهي جيڪو پنهنجي محبوب کي ماڻڻ لاءِ سر ساهه ۽ مال متاع صدقو ڪري. مطلب ته خدا کي ماڻڻ لاءِ ڪنهن به شيءِ جي پرواهه نه ڪري ۽ سڀ ڪجهه راهه حق ۾ قربان ڪري ڇڏي.

(5)

نڪي اوڏو اک کي، نڪي نظـــــران ڏورِ،
وڃان ايئن وهلور، جيئن ڏٺوئي اڻ ڏيٺ ۾.

**سمجهاڻي**: اي خدا ! منهنجون توکي جسماني اکيون ته نٿيون ڏسي سگهن پر تون منهنجي دل جي اک کان پري ناهين. تون ته اسان جي ساهه جي رڳ کان به ويجهو آهين. آئون توکان ان لاءِ ڏڃان ٿو ته تون هر جاءِ اسان کي ڏسين ٿو. پر اسان تو کي نٿا ڏسي سگهون.

(6)

ڇڏيان هي جهان، هُو پڻ گهوري گهوريان،
پلڪ پريان ساڻُ، جي مون سري جيڏيون.

**سمجهاڻي**: جيڪڏهن محبوب حقيقي جو ديدار ٿي پوي ته ٻئي جهان ان تان قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. جي محبوب جي هڪ گهڙيءَ جي زيارت ٿي پوي ته مان پنهنجي دنيا ۽ آخرت صدقو ڪري ڇڏيان.

(7)

سِڪَ روحاني سامين، جسمي جاهـــلن،
ٻگهن مڇي من، پارس پسن ڪين ڪي.

**سمجهاڻي**: هن شعر ۾ صوفي ۽ جاهل انسان جي وچ ۾ فرق ٻڌايل آهي. صوفي جي سڪ ۽ سوچ روحاني هجي ٿي. جڏهن ته جاهل صرف جسم لاءِ سوچي ٿو. جيئن ٻگهه کي صرف پيٽ جو خيال هوندو آهي ۽ مڇين جو شڪار ڪرڻ جي خواهش هوندي اٿس. ان کي اها خبر ناهي ته پارس ڪيترو نه قيمتي آهي. اُهي ٻگهه جاهل انسان ڪڏهن به پارس حاصل نٿا ڪري سگهن.

(8)

**پلپل پوءِ پچار، مـــــلڪ ۾ ميـــــثاق جي،**
**ڪڪ پن ڪَنِ اقرار، اسين ٻانها، تون ڌڻي.**

**سمجهاڻي:** شاعر هن بيت ۾ يومِ ميثاق ( روحن جي خلقجڻ واري ڏينهن) جو ذڪر ڪندي فرمائي ٿو تہ جڏهن خدا ڪائنات ۽ خلق خلقي ۽ روحن کي پيدا ڪيو تہ هڪ سوال ڪيو هو. "الست بِرَبّڪم" يعني: ڇا مان توهان جو رب آهيان؟ تڏهن سڀني چيو " قالو بلىٰ" بيشڪ تون اسان جو رب آهين. ان جو پڙاڏو اجا گونججي پيو ۽ ڪڪ پن خدا جي ساراهہ ڪن ٿا تہ اسين تنهنجا ٻانها ۽ نوڪر آهيون ۽ تون اسان جو مالڪ آهين.

(9)

**پريان جي پچار ۾، اچـــــــي جن آرام،**
**دنيا تن کي دام، پڇن موسم موت جي.**

**سمجهاڻي:** عارفن ۽ عاشقن کي پنهنجي محبوب (الله) جي ذڪر ۾ آرام اچي ٿو. ڇو تہ خدا جي ياد ۾ ئي دلي سڪون آهي. انهن عارفن کي هي دنيا قيد مثل لڳي ٿي. هر وقت موت جا طلبگار آهن تہ جيئن وڃي محبوب جو ديدار ڪن.

(10)

**ماهيت مينهن نہ پوءِ، قلزم اندر قطري،**
**مگر وڃي سو، جڳ ڇڏي جـــــا لار ۾**

**سمجهاڻي:** مينهن جي هر قطري ۾ موتي پيدا ڪرڻ جي خوبي نہ هوندي آهي. پر صرف ان قطري ۾ موتي پيدا ٿئي ٿو جيڪو سمنڊ جي مٿاڇري جون خوبيو ڇڏي تري ۾ وڃي ڪنهن سپ جي وات ۾ پوي ٿو.، جيڪا پڻ سمنڊ جي تري ۾ وات کولي مينهن جي قطري جي ڳولا ۾ آهي.

يعني خدا جي نور جو اثر هر انسان تي نٿو ٿئي مگر ان جو اثر ان انسان تي ٿئي ٿو جيڪو پنهنجي پاڻ کي ان لاءِ تيار ڪري ٿو. يعني ترڪ دنيا ٿئي ٿو. ڇو تہ توحيد جي ماهيت هر حال سان ٿي سگهندي آهي. رڳو توحيد جو علم توحيد نہ آهي.

(11)

**اڪـــــر پڙهہ عـــشق جو، ڪَنزُ قَدوري ڇڏ،**
**ڇڙهہ تنين جي مڏُ، جي سُتي ڏِين شراب جي.**

**سمجهاڻي:** اگر تون محبوب حقيقي جو ديدار ڪرڻ چاهين ٿو تہ عشق جو اڪر پڙهہ ۽ ڪنز قدوري (فقہ جا ڪتاب) پڙهڻ ڇڏي ڏي ڇو تہ ان سان بحث مباحثي ۾ ڦاسي پوندي ۽ حقيقت حاصل ڪري نہ سگهندين ۽ انهن جي صحبت ۾ رهہ. جيڪي توکي خدا جي عشق واري شراب جي سُتي پيارين يعني: عشقِ الاهي طرف وٺي هلن.

(12)

**سُتِي اُنَ شراب، جن سري سي سون ٿيا،**
**سُمـــــهڻ تن ثواب، ڪَتَڻ تن ڪـــــيميا.**

**سمجهاڻي:** جنهن کي حقيقي مالڪ جو ديدار نصيب ٿئي ٿو سي سچا سون ٿي ويا ۽ دنيا جون راحتون هلي ويون. اگر هو ننڊ ۾ آهن ته انهن جي ننڊ به هڪ عبادت. اگر هو مخلوق سان نيڪي ڪن ته سندن اهو عمل ڪيميائي ٿي پوي ٿو.

(13)

**صوفين صاف ڪئو، ڏوئي ورق وجود جو،**
**تڏهن تن ٿيو، جيري پسڻ پرينءَ جو.**

**سمجهاڻي:** جيڪي پنهنجو پاڻ اندر صاف ڪري ۽ نفساني خواهشن کان آجا ٿي رب جي عبادت ۾ مشغول رهيا تن کي ئي حقيقي مالڪ جو ديدار هن دنيا ۾ نصيب ٿي ويندو.

(14)

**پاڻي لهر پسڻ ۾، برابر ٿيا،**
**ڪي اُتي ئي اڙيا، ڪي لنگهي مقصد مڙيا.**

**سمجهاڻي:** جيئن درياء جو پاڻي ۽ لهر گڏ آهن تيئن ئي خالق به بندي سان گڏ آهي. صوفي ازم مطابق انسان نوراني سمنڊ جو هڪ ڦڙو آهي. جن اها حقيقت نه سمجهي اهي ڀٽڪي ويا ۽ جن اها حقيقت ڄاڻي ورتي سي ڪامياب ٿي ويا.

(15)

**ڪي جيري جنت ۾، ڪي مئي مس مڙنِ،**
**مثل ڪين ڪَرنِ،پسئو جلوو پريان جو.**

**سمجهاڻي:** جيڪي عارف دنيا ۾ عبادت گذار رهن ٿا سي جيئري ئي جنت ماڻين ٿا. پر عالم جيڪي سڄي عمر ڪتابن ۾ وڃائي مرڻ ڪانپوءِ مس وڃي جنت ماڻين ٿا. عارف جيئري ئي محبوب جو جلوو پسي وٺن ٿا ته پوءِ ٻئي ڪنهن کي ان ۾ شريڪ نه ٿا ڪن.

(16)

**ڇڏيو جن پنيور، ڇير تن کي ڇاڙڪي،**
**هم غم لٿن هوَر، وڃي ڪيچ قراريون.**

**سمجهاڻي:** شاعر هن بيت ۾ پنيور کي هن دنيا سان پيٽ ڏيندي چوي ٿو ته جن هن دنيا کي ترڪ ڪيو انهن مٿان سڀ ڏک لهي ويا ۽ وڃي ڪيچ (جنت) پهتا يا جن پاڻ کي فنا ڪيو سي خدا جي عالم ارواح جي سير جو مزو پيا ماڻين. جيئن سسئي پاڻ کي فنا ڪري پنيور کي ڇڏي جبل ج هاڳي ڪيچ مڪران اچي پهتي. تيئن انسان به پاڻ کي اگر خدا جي حوالي ڪري ته سڀ خوف ۽ اوسيئڙا ختم ٿي وڃن ٿا.

# حضرت سچل سرمست رحه

(1)

**أٿي ويا اوٺار، ڪٺـــي سات ســــويل جو؛**
**هاٺـــي اديـــون آئيا، ڏورڻ مون ڏونگار؛**
**ٻيا ٻي هوتَ هزار، منهنجو پيچُ پنهونءَ سان.**

**سمجهاڻي**: هن بيت ۾ سچل سرمست رحه سسئيءَ جي روپ ۾ فرمائي ٿو ته اهي اُٺن وارا منهنجا ڏير صبح سوير ئي منهنجي پنهونءَ کي مونکان پري ڪٺي ويا. جتي منهنجو ڪير به ناهي ۽ هاڻي مونکي پنهونءَ جي تلاش ۾ ڪيترائي جبل جاڳڻا پوندا. هونئن ته هوت هزارين آهن پر منهنجو رشتو صرف منهنجي پنهونءَ سان آهي.

(2)

**منهنجو پيچُ پنهونءَ سان ازل لاڪون آهه؛**
**هـــاڻ ويهڻ چـــاهه، پينر هن پنيور ۾.**

**سمجهاڻي**:هن بيت ۾ سچل سائين فرمائي ٿو ته سسئي پنهونءَ کان وڇڙڻ ڪانپوءِ پنهنجي ڏک جو اظهار ظاهر ڪندي چوي ٿي ته منهنجو واسطو شروع ڪان ونئي ئي پنهونءَ سان رهيو آهي ۽ هاڻ جيڪڏهن پنهون ئي پنيور ۾ نه رهيو ته ته پوءِ مان پنيور ۾ ويهي ڇا ڪنديس.

(3)

**ڪريان ڪوهه پنيور ۾، پنهونءَ پڇاڻاءُ،**
**سوز چڪايو ساءُ، ويهڻ مـــون وِهُ ٿيو.**

**سمجهاڻي**: هن بيت ۾ سسئي چوي ٿي ته پنهونءَ جي وڃڻ ڪانپوءِ پنيور ۾ ويهي ڇا ڪندس. ان جي وڃڻ ڪانپوءِ منهنجو واسطو ڏکن سان ٿي ويو آهي. ان ڪري هاڻي پنيور ۾ ويهڻ زهر ٿو لڳي.

(4)

**ڪريان ڪوهه پنيور ۾، پڇاڻان پرين؛**
**وارُ نه سي ويهن، جنين مٺي مامـــــرو.**

**سمجهاڻي**: هن بيت ۾ شاعر سسئي جي روپ ۾ فرمائي ٿو ته پنهونءَ جي وڃڻ ڪانپوءِ پنيور ۾ ويهي ڇا ڪندس. وڏيڪ چوي ٿي ته جن کي عشق جي چوٽ لڳي سي پرينءَ ڪانسواءِ هڪ گهڙي نه ٽڪا رهي سگهن.

(5)

**شال نه وسرين تون، لوڪ سيوئي وسري،**
**مطلبِ اهو مون، جو پاڻئون پري نه ڪرين.**

**سمجهاڻي**: هن بيت ۾ سسئي پنهونءَ کي چوي ٿي ته ڀلي مونکان سڄي دنيا وڇڙي وڃي پر اي پنهل! شل تون نه وسرين. منهنجو مطلب اهو آهي ته تون مون کي ڪڏهن به پاڻ کان جدا نه ڪر.

(6)

وَرَ مَ وساريج، هيءُ تان سندَيو، آهِ؛
وجي ڪيچ وٹن ۾، هي ستر ساريج؛
تيتر مَ ماريج، جيتر توکي نہ مڙان.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ سسئي پنهونءَ سان التجا ڪندي چوي ٿي تہ اي پنهون! مون کي تون نہ وسارجان چاڪاڻ تہ مان تنهنجي ئي آسري تي آهيان ۽ ڪيچ جي باغن ۾ وڃي تہ مون کي ياد ڪجانءِ. ان کان پوءِ سسئي پنهنجي رب سان مخاطب ٿيندي چوي ٿي تہ اي خدا! مونکي ايستائين نہ مارجانءِ جيسيتائين مان پنهونءَ سان نہ ملان.

(7)

ساري شهر ڀنڀور جي، چڙي لـــوڪ لذت،
توريءَ ڏئي ڪو نہ ڪو، ماڻهوءَ عام عزت،
ٿئي ساهُ صحتَ، جي ڀيهر ٻـــاروچا اچين.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ سسئي ڏک ظاهر ڪندي چوي ٿي تہ پنهونءَ جي ڀنڀور مان هلي وڃڻ کانپوءِ مون کي ڀنڀور جي ڪابہ شيءِ مزو نٿي ڏئي. ڀنڀور ۾ ڪو بہ ماڻهومونکي عزت جي نگاهہ سان نٿو ڏسي. اي پيارا پنهل! اگر تون ڀيهر اچين تہ جسم ۾ ساهہ پئجي وڃي.

(8)

ڪيو ڪميڻيءَ ڪڄُ، جو سُتي سويلي رهي؛
انهيءَ جي افسوس سين، ڪـيو محبت مڄُ؛
پُنهونءَ ڄامَ پـــرڄُ، نامـــيا نماڻيءَ سان.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ سسئي افسوس ڪندي چوي ٿي تہ مون کان غلطي ٿي وئي جو مان جلد ئي سمهي پيس. اها غلطي مون کي وڏيڪ تڙپائي ٿي. اي پنهنجا سردار پنهون! مون نماڻي جي انهيءَ غلطيءَ کي وساري مونسان راضي ٿي وڃ.

(9)

ٿيون هن هٿاءُ، ڪيئي مورائون منديـــــون؛
پنهـــــون ڏسي پاڻ ڏي، آســڻ منهنـــجي آءُ،
سانول توريءَ ساءُ، اچي ماڻهن ڪين ڀنڀور جي.

**سمجهاڻي:**هن بيت ۾ سسئي چوي ٿي تہ جيئن تہ منهنجي هٿان ڪيترين ئي غلطيون ٿيون. اي پنهون! اهي سڀ وساري منهنجي گهر (ماڳ) موٽي اچ. چو جو تو کان سواءِ مون کي ڀنڀور جا ماڻهو نٿا وڻن.

(10)

پنـــــهون پنـــهون ٿي ڪـــــــريان، آءَ پنهون پاڻ؛
اديون ٿيس اڄاڻ، جو ڪين نہ پروڙيـــم پاڻ ڪـــي،

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ سسئي چوي ٿي تہ مون اجايو پئي پنهونءَ کي ياد ڪيو. پنهون پنهون ڪري مان پاڻ ئي پنهون ٿي وئي آهيان ۽ غفلت سبب مان پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي نہ سگهيس.

(11)

جان پروڙيـــــــم پاڻ کي، تان آءُ پنهـــون آهيان؛
ڪنهين طرف ڪاهيان، جو طرف مڙئي، "تم" ٿيا.

**سمجهاڻي:** سسئي چوي ٿي تہ جڏهن پنهنجو پاڻ کي پروڙيم تہ ڄاتم تہ پنهون آئون پاڻ آهيان. انهيءَ ڪري پنهونءَ کي ڳولڻ ۽ آواز ڏيڻ اجايو آهي. دل اندران سندس آواز ٻڌي جدائي جا سڀ ڏک ۽ وهم دور ٿي وڃن ٿا ۽ جنهن بہ طرف ويس انهيءَ طرف تون ئي تون هئين.

(12)

پيهي پروڙيوم، تان پنهون پان ئي آهيان؛
پاڻ ئي منجهان پاڻ کي، هيءُ پڙ لاءُ پيوم؛
صحيح ڪن ڪيوم، تہ غير گمان اٿي ويا.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ سسئي چوي ٿي تہ جڏهن مون پنهنجو پاڻ کي پرکيم تہ معلوم ٿيو تہ آئون پاڻ پنهون آهيان. اهو منهنجي اندر مان آواز آيو ۽ جڏهن ان آواز کي دل جي ڪنن سان ٻڌم ۽ ان تي غور و فڪر ڪيم تہ تڏهن سڀ شڪ ۽ گمان ختم ٿي ويا ۽ مون پنههنجو پاڻ کي صحيح سڃاتو تہ مان ئي پنهون آهيان.

# سارنگ

(1)

مون ۾ آهين تون، تو ۾ آهيان مان؛
بجلي بادل سان، آهي جيئـــن سُپرم.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر سچل سرمست رحہ فرمائي ٿو تہ اي منهنجا سپرين (الله) تون مون ۾ آهين ۽ مان تو ۾ آهيان. اسان ٻئي هڪٻئي ۾ ايئن سمايل آهيون جيئن بادل سان گڏ بجلي هوندي آهي.

(2)

سارنگ سدا ساٿ، سرتيون سائڻ آئيون،
ڦـــيريو راڳـــن ناٿ، وِڄُنُ ويس ڪيا.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ سچل سائين برسات جي نظارن جي عڪاسي ڪندي فرمائي ٿو تہ اُڀ ۾ ڪارا ڪڪر ايري آيا آهن ۽ سرتيون خوشيءَ مان ويس وڳا پهري اهو منظر ڏسي رهيو آهن ۽ کنوڻيون چمڪاٽ ڪري رهيون آهن.

(3)

پورب سندي پار جا، ڪـــڪر پارونيار،
وڄـــــن ۽ وڄـــڻ سان، چڙهن ٿا چوڏار؛
اُڀي ڪـــي آبيندي، لٽئون سنڌڙيءَ سار؛
ساوا ٿيا سنگهار، موليٰ سندي مهر جا.

**سمجهاڻي**: اچ اوڀر طرف ڪارن ڪڪرن سان اونداهي ٿي وئي آهي. بجلي جي چمڪاٽ سان اهي ڪارا ڪڪر چئني طرفن کان گهاٽا ٿيندا پيا وڃن. سنڌ جي مٿئين حصي ۾ وسڻ ڪانپوءِ ٻين علائقن ۾ مينهن وسايو اٿن، برسات سبب الله پاڪ جي مهرباني ٿي آهي ۽ مارو ڏاڍا سرها ٿيا آهن.

(4)

**ڀِھ ڀِھ ڪندا آيا، ڀيھر ڀڪر وال،**
**ڪڪرن جي ڪڙڪاٽ کان، ويا ٿـهي مال؛**
**آهُن ۾ اچي وئي، چونگن سنڌي چال؛**
**منڊائتي منڊل ڪيا، جر اُتا جالَ؛**
**پلر سان پُسي پِيا، پنهوارن پلال؛**
**جهري پيون جهوپين، جهانگيڙن اُجهال،**
**نگو ڪج نہ نڌر ڪي، نماڻن ننگپالَ،**
**جن جا هھڙا حالَ،تن پروڙ پت رکيج تون!**

**سمجهاڻي**: هن بيت م سچل سائين فرمائي ٿو تہ مينهن پوڻ ڪانپوءِ هاڻي ٻڪڙاڙ ٻہ خوش ٿيندا ميدان ۾ ان اميد سان نڪري آيا آهن. ڪڪرن جي گجگوڙ کان سندن مال چرڪي ٿڙي پکڙي ويو آهي ۽ انهن جي ٽپن ڏيڻ سان لوهي زنجيرن ۽ ڇڙن جا آواز اچي رهيا آهن. منڊائتي مينهن ڏاڍا مزا ڪري ڇڏيا آهن ۽ مينهن تمام گهڻو ونو آهي، غريب ماڻهن جون جهوپڙيون جيڪي پلال سان ڍڪيل آهن، سي بہ پسي ويون، جهانگين جا اجها بہ ڊهي پيا آهن. اي لڄ رکندڙ! تون هنن بي سهارا ماڻهن جي عزت رک!

(5)

**مهر سندا مينهن، شاهہ وسائين سَلُ!**
**جهريل منهنجي جهوپڙي، بنا جهلي جهل؛**
**ڪاهل تي ڪهل ڪندين شال ڪريم تون!**

**سمجهاڻي**: سچل سرمست "سارنگ" جي هن بيت ۾ الله پاڪ جي دربار ۾ التجا ٿو ڪري تہ اهي رحمت (مهر) جا مينهن سدائين وسائيندو رهين. منهنجي هيءَ جهوپڙي (گهر) ڪنهن سهاري ڪانسواءِ فقط تنهنجي ئي سهاري تي بيٺل آهي. اي منهنجا رب! مون کي اميد آهي تہ مون ڪمزور تي تون پنهنجي مهربانيءَ سان رحم ڪندين.

(6)

**راتا ڪو ريهن سان، رڻ ڪيائين ريج؛**
**پٽن مٿان پلٽيون، هيرون منجهان هيج؛**
**برن ۾ بهار ڪئي، گلزاريءَ جي گيج؛**
**"سچل" سارنگ سيج، سونهين ساوڪ وچ ۾.**

**سمجهاڻي**: رات کان وٺي گجگوڙ واري برسات وسي رهي آهي. برسات سبب واريا سا علائقا پلر جي پاڻيءَ سان پرجي رهيا آهن ۽ سڪل زمين سائي ٿي وئي آهي. بر پٽن ۾ گلن جي گلزاري

لڳي وئي آهي. اي سچل! سارنگ جي اهڙي پر لطف موسم ۾ ڪٿ وڃهي ويهجي ته اها سيج تمام سهڻي لڳندي.

(7)

عــــــالم کي آگـــــاهه، سارنگ ڪندو آئـيو؛
گرڙ جيئن گوڙيون ڪري، ڪاهيون اچي ڪاهه؛
وايوءَ سان وارا ڪري، ٺاهيو اچي ٺـــــــاهه؛
وساياٸين وڏ ڦـــڙو، واٽن تــــــــي واهه واهه؛
گلزاريون ۽ گـــــــــاهه، پٽن تـــــي پڌرا ٿيا.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ سچل سرمست فرمائي ٿو ته، منداٸتو مينهن گرڙ پکي جيان دانهون ۽ رڙيون ڪندو، سڄي خلق کي آگاهه ڪندو آيو آهي. واءَ سان اهڙو نهيو پيو اچي جو جڻ انهن جي پاڻ ۾ پريت آهي. اڄڻ سان وڏ ڦڙو وسايو اٿس جنهن جي ڪري پنڌ پيچرن جي ٻنهي پاسن کان ميدانن تي گل ۽ گاهه ڦٽي، گلزاريون ٿي ويون آهن.

(8)

اڄ پڻ پورب پاڻ ڏي، ڪـــــکر ڪڪوريا؛
سارنگ سُرَ سُرائتا، ساجـــهري ســـوريا؛
سر منڊل ۽ سارنگيون، چنگ چڱا چـوريا؛
اُپ اُتي اوريا، طَبَل تاريون تيج ســــــــان.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ سچل سرمست فرمائي ٿو ته، اڄ وري ايرندي پاسي ڏانهن ڪڪرن پنهنجو رنگ بدلائڻ شروع ڪيو آهي. ائين پيو لڳي جڻ منداٸتي مينهن سجهندي ئي سريلا سر ڪيڻ شروع ڪيا آهن. ائين پيو محسوس ٿئي ته جڻ آسمان تي سُرَ منڊل، سارنگيون، چنگ، طبل ۽ تارون وڏي واڪي وڃي رهيون آهن.

(9)

وسي پيو وڏ ڦڙو، پِنِيُن پٽ پريــــــــــون؛
ڀٽاريون پٽن تان، وٿـــــاڻين وريـــــــون؛
ڪيرن جون ڪريون، چاڏيين ڏنئون چاهه مان.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ سچل سرمست فرمائي ٿو ته، منداٸتي مينهن وسڻ سان ڀٽون ۽ پريون، ڏکيون ۽ ڏڙا سيئي پسي پيا آهن. انهن پٽن تي اپري آيل گاهه پنو ڪائي، چوپايو مال موٽي وٿاڻن تي آيو آهي، جنهن ڪري ڀٽارين چاهه مان ڪير جون چاڏيو پري ڏنيون آهن.

(10)

والي وساٸيج دردمنديءَ جـــو ديس؛
پرين مون پرديس، اُني ايندم اوڏڙا!

**سمجهاڻي**: اي منهنجا مولا! مون غريب جي ديس ۾ پنهنجي رحمت جي برسات وساءِ ڇاڪاڻ ته منهنجا مائٽ خشڪ ساليءَ جي ڪري پرديس هليا ويا آهن سي وسڪاري جي ڪري واپس موٽي ايندا ۽ اچي مون سان ملندا.

(11)

**سارنگ ساري رات،رڙن مٿي ريـــــــج ڪيا؛**
**پکـــــين پـــــرڙا سوئيا، پـــرهه ڦٽيءَ پريات؛**
**پٽن تـــــــي پڌرا ٿـــــيا، گُل ڦُل پـــاتون پات؛**
**وائي سڀ ڪنهن وات، "سچل" سارنگ ساڳ جي.**

**سمجهاڻي**: مينهن سڄي رات وسيو آهي ۽ ميدان پاڻيءَ سان ڀرجي ويا آهن. صبح جو سوير جڏهن مينهن بند ٿيو ته پکي جيڪي برسات ۾ آلا ٿي ويا هئا سي ڪنب سڪائڻ لاءِ ٻاهر نڪري پيا. انهيءَ برسات سبب سڪل زمين به سائي ٿي وئي ۽ قسمين قسمين گل نڪري آيا. اي سچل! هر زبان تي اها ڳالهه آهي ته واه جو مولا ڪرم ڪري مينهن وسايو آهي.

(12)

**سارنگ صبح آئيو، گوڙون ڪري گاج؛**
**هاري هليا هاج، ڪڙمين هر ڪلهي ڪيا.**

**سمجهاڻي**: هن بيت ۾ سچل سرمست فرمائي ٿو ته صبح ساڻ منڊائتو مينهن ڀرجي آيو آهي ۽ گجگوڙ سان وسي رهيو آهي ۽ پنهنجي زمينن تي قدرتي ريج ڏسي، هاري پنهنجي ڪلهن تي هر رکي زمينن تي ڪم ڪرڻ لاءِ نڪري پيا آهن.

(13)

**هڪ وسڻ، ٻيو وڄڻ، ٿيون لهي پيو سيءُ؛**
**جهوري وڌئي جهوپيون، ڇن وڌائي ڇيءُ؛**
**رنن جو رڻ ۾ واءُ وسيـــــــــــــلو ٿيءُ،**
**حال جنين جو هيءُ، تن پرور رک پناهه ۾.**

**سمجهاڻي**: اڄ اهڙي ته موسم آهي هڪ طرف مينهن وسي رهيو آهي ۽ ڪنوڻن جا آواز اچي رهيا آهن ۽ ٿيون وري سيءُ ڪلي پيو آهي. برسات ڪکايون جهوپڙيون ڍاهي ڇڏيون آهن. اي الله! اسان مسڪينن جو واهر ۽ وسيلو ٿي. اسان جي حالت بي وسيءَ واري آهي، تون اسان کي پنهنجي پناهه ۾ رک.

(14)

**اڄ پڻ پور پار ڏي، ڪکرن ڪيا ڪوڙ؛**
**ضبح ويل سويل جو، سارنگ لاتي سوڙ؛**
**وڄن واڄا واهه ڪيا، مينگهه ٻڌا اڄ موڙ؛**
**لوڪان لاتي لوڙ، مولا پنهنجي مهر سان.**

**سمجهاڻي**: اڄ وري اوپر پار کان ڪڪرن ڪارا ويس ڪيا آهن. صبح جي وقت زوردار بارش شروع ٿي وئي آهي. ڪنوٽين جي گوڙ جڻ ته گهوٽ وانگر سهرا ٻڌا آهن. الله پاڪ پنهنجي ٻاجهه سان سڀ ڏک ۽ ڏولاوا لاهي ڇڏيا آهن.

(15)

**اُتران اوري ڪـئي چمڪڻي چمڪـــات،**
**اُتان ڪيائين اوچتي لــــس ٻيلي تي لاٽ؛**
**منڌل ٿيا مڪــــران تي، گوڙن جا گڙگاٽ؛**
**ڪـڪرن مٿان ڪيچ جي، ڦڙڪي ڪاڏا ڦاٽ؛**
**وري ورتــئون واٽ، "سچل" سائي سنڌ جي.**

**سمجهاڻي**: هن بيت ۾ سچل سرمست فرمائي ٿو ته، اتر طرف کان ويجهو چمڪندڙن ڪڪرن چمڪاٽ ڪيو ۽ اتان پوءِ اهي اوچتولسٻيلي تي آيا ۽ اتي مينهن وسائي، مڪران تي منڌل ڪيائون، وري ڪيچ تان ٿيندا سدا سائي سنڌ تي مينهن وسايائون.

(16)

**"سچل" سائي سنڌ جي، وري ورتائون واٽ؛**
**جهڙ ڦل جهــــلي آئي، جهڻڪو ڏئي جهات؛**
**وسي پيا وڏ ڦـــــــڙا، گهيڙ پُسائي گهات؛**
**لاٿي اُڄ اُساٽ، ســــــارنگ سنگهارن جي.**

**سمجهاڻي**: هن بيت ۾ سچل سرمست فرمائي ٿو ته وري ڪڪرن سنڌ مٿان اهڙو ته وسڪارو ڪيو جو وڏ ڦڙي سمورا پنڌ ۽ پيچرا پسائي ڇڏيا ۽ مارو ماڻهن جي اڃ اُساٽ لاهي ڇڏي.

(17)

**سارنگ آيو صبر ۾ ، بوندن ڪئي بس؛**
**رنگا رنگي رس، قـــزح ڪڍي نيل تي.**

**سمجهاڻي**: تيزيءَ ڪانپوءِ مينهن ماٺيڻو ٿيو آهي ۽ بوندا باري بند ٿي وئي آهي ۽ آسمان ۾ رنگ برنگي اندلٺ نروار ٿي آهي جنهن نيري اسمان تي پنهنجا رنگ ظاهر ڪيا ۽ انهيءَ نظاري ڏسڻ وارن کي موهي وڌو آهي.

# حمل فقير (1225ع_1296ع)

## سڪ

(1)

ساندي‍م سدائي، سڪ توهان جي ساهه ۾،
اندر ۾ اڌما ڏئي، سا ڪل نه ڪنهن ڪائي،
”حمل“ چئي هيءَ دل تو، گهورن سان گهائي،
جالئون اوهان لائي، سا ڪنهن دم وسري ڪينڪي

**سمجهاڻي:** هن شعر ۾ شاعر حمل فقير پنهنجي محبوب سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو ته اي محبوب! تنهنجي سڪ هميشه جي لاءِ منهنجي ساهه ۾ سمائجي وئي آهي. جيڪا اندران اڌما ڏئي نڪري ٿي ۽ ان جي ڪنهن کي به خبر ناهي. هتي حمل پنهنجو تخلص استعمال ڪندي چوي ٿو ته تنهنجي نظرن منهنجي نظرن کي زخمي ڪري ڇڏيو آهي ۽ جيڪا محبت مون ۾ تنهنجي لاءِ آهي ان کي آئون ڪڏهن به نٿو وساري سگهان ۽ اها محبت هميشه قائم رهندي.

(2)

سڪندي ٿيڙيم سال، تو سڪ نه لاٿي سپرين!
اَٺ ئي پهر اندر ۾آ تنهنجي سڪ سنيال،
اچين هوند ”حمل“ چئي ، ڪري پلايون پال،
ته مِلڪ مڏيون سڀ مال، سر سوڙو صدقو ڪيان.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ حمل چوي ٿو ته اي محبوب! تنهنجي سڪ ۾ مون کي سوين سال ٿي ويا آهن. پر اڃا تائين منهنجي اها سڪ نه لٿي آهي. ايتري قدر جو رات ڏينهن مون کي تنهنجي ئي سڪ آهي. حمل تخلص استعمال ڪندي چوي ٿو ته اگر تون هڪ ڀيرو مهربانيون ڪري مون ڏي اچين ته مان پنهنجي سڀ ملڪيت جان سميت تو تان قربان ڪري ڇڏيان.

(3)

سڪ مڙئي سور، سور به سرجيا سڪ مون،
صبر سڪ وڃائيو، ماٺ نه اچي مور،
دانهون درد فراق جون، ڏيهه ٻجهن ٿيون ڏُور،
”حمل“! هي ڪلور، ساجن سڻي ڪين ڪي!

**سمجهاڻي:** حمل پنهنجي محبوب ڏانهن اشارو ڪندي چوي ٿو ته تنهنجي سڪ سور بڻجي ويو آهي ۽ اهي سور به سڪ مان ئي پيدا ٿيا آهن. انهيءَ سڪ مونکان صبر کسي ورتو آهي ۽ مون کي هاٽي ماٺ ڪري ويهڻ نٿو اچي. تنهنجي جدائي جو دانهون پري پري تائين ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون. افسوس اهو آهي جو اهي دانهون سڄي لوڪ کي ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون پر هڪ تون ئي نٿو ٻڌين.

(4)

ساجن تنهنجي سڪ جي، آهه اندر ۾ اڻ تڻ،

قـــوڙائي فـــراق جـــا، تا چـــاڪ ڪرن چُڻ چُڻ،
هيڪر حـــال حمـــل جو، ســـاجن تـــان سڻ سڻ،
تنهنجون ڳالهيون ۽ ڳڻ ڳڻ، ڪنهن دم وسرن ڪـــين ڪي.

**سمجهاڻي:** شاعر چوي ٿو تہ تنهنجي سڪ منهنجي اندر ۾ ڪيترائي وسوسا پيدا ڪري ڇڏيا آهن ۽ تنهنجي جدائي وارا زخم مون کي ڪيترين ئي تڪليفون پهچائن ٿا. اي محبوب! حمل جو هڪ ڀيرو تہ حال ٻڌ چو تہ تنهنجون محبت ڀريون ڳالهيون ڪڏهن بہ وسري نٿيون سگهن.

(5)

ساجن تنهنجي سڪ، ڪيا اندر آڪـــيرا،
راتيان ڏينهان روح ۾، ڪيا وهمن واهيرا،
اچين هوند ”حمل“ چئي، ڏينهان ڏهہ ڀيـــرا،
تان جان جگر جيرا، توکي دوست دعا ڪرن.

**سمجهاڻي:** اي محبوب! تنهنجي سڪ منهنجي دل ۾ گهر ڪري وئي آهي ۽ رات ڏينهن منهنجي دل ۾ تنهنجا ئي وسوسا آهن. حمل جي خواهش آهي تہ مون ڏي ڏينهن ۾ ڏهہ ڀيرا اچ تہ منهنجو سر ساهہ، جان جگر توکي دعا ڪندا رهن.

(6)

سورن سَوَ هزار، لکڻ ليـــکو ناهہ ڪــــــــو،
وهمن وڏي وڻ ڪيـــا، ڏڪـــــن مڪـــــا ڏار،
دعا ڪريو تان دوست اچي، ”حمـــل“ چئي هيڪار،
تان ساجن تئون سو وار، صدقو ساهہ سِپي ڪريان.

**سمجهاڻي:** هن ۾ حمل چوي ٿو تہ سورن جو تعداد سون کان وڌي هزارن تائين وڃي پهتو آهي. ان جو ڪو بہ ليکو نٿو ڪري سگهجي. دلبر جي دور هئڻ جي ڪري وسوسا وڻ ٿي چڪا آهن ۽ انهن وڻن وري ڏکن جا ڏار ڪيي ڇڏيا آهن. حمل وڌيڪ چوي ٿو تہ اي دوستو! دعا ڪريو تہ منهنجو محبوب هڪ دفعو اچي تہ ان تان سو ڀيرا پنهنجو ساهہ قربان ڪريان.

(7)

ساجن سدائي، جيئرو هئيـــــن جـهـــان ۾،
مونکي تو منهنجا ڀرين، ڪا لئون ڳجهي لائـــي،
انـــدر آڳ عشق جي، تو دلـــــبـــــر ڏُکائي،
”حـــمـــل“ چئي هن حال جي، ڪل پوئي ڪائي،
تان جانـــي جدائي، هوند مونسان موٽي نہ ڪرين.

**سمجهاڻي:** حمل پنهنجي محبوب کي دعا ڪندي چوي ٿو تہ اي محبوب! سال تون هميشہ زنده هجين ۽ تون منهنجي اندر ۾ ڳجهہ ۾ جيڪا محبت پيدا ڪئي آهي ۽ هاڻي انهيءَ محبت جي تپش منهنجي اندر ۾ باهہ ٻاري ڇڏي آهي. اي محبوب! اگر توکي منهنجي حال جي خبر پئجي وڃي تہ تون ڪڏهن بہ مون کان جدا نہ ٿئين.

(8)

**ڪيئن ڪريان ڪاڏي وڃان، ڪنهن سان ڳرهيان ڳالهه،**
**سانڍڻ سڪ سڄڻ جي، مشـــــڪل آهـــــي محال،**
**انـــــدر ۾ اڌما ڏئي، ويسند ناهـــــي هـــــــــڪ وال،**
**"حــــــمـــــل" هيءُ حوال، ڪنهن پر پهچي پرينءَ کي.**

**سمجهاڻي:** منهنجا پرين! مان ڇا ڪريان ڪنهن سان پنهنجي اندر جو حال اوريان، هاڻي مونسان سڪ نٿي سانڍجي ۽ اها اڌما ڏئي ٻاهر نڪرڻ جي پئي ڪري. هڪ گهڙي به فرصت ناهي. اي حمل شل منهنجي هن حال جي خبر منهنجي دلبر وٽ پهچي.

(9)

**ڪاڻ ڪنين جي ڪـــــــاڻ، آئون ڪاڻون ڪيان ڪن جون،**
**نہ تہ ڪير ڪاڻ ڪـيــــــــراسين، ڪير ڪيي هوند ڪـــاڻ،**
**اسين پاڻ اتامرا، ڪـــــيون ڪـــنهـــــن جي ڪـــــاڻ،**
**پر "حمل" سر هي ساجن ڪاڻ، تا ڪاڻون ڪيون ڪـــن جون.**

**سمجهاڻي:** حمل چوي ٿو تہ محبوب جي ويجهو رهندڙن جي محتاجي ڪٽان ٿو. منٿون ڪريان ٿو ورنہ منهنجي ذاتي صفت اها ناهي تہ ڪنهن جي محتاجي ڪريان. اسان تہ پاڻ آڪڙ ڪندڙ ۽ وڏائي پسند آهيون. ڪنهن جي ڪاڻ ڇو ڪيون؟ حمل تخلص استعمال ڪندي چوي ٿو تہ پنهنجي پرينءَ جي محبت حاصل ڪرڻ لاءِ عام ماڻهن جا محتاج بڻجون ٿا.

# مرزا قليچ بيگ (1853ع _1929ع)

## غزل

(1)

**مشڪل ۾ پئو ته آسان، مشڪل به تي پوي ٿو،**
**پاڻـــيءَ اندر ٽپڻ سان دريـــــاءَ جو ڊپ لهي ٿو.**

**سمجهاڻي**: هن بيت ۾ مرزا قليچ بيگ فرمائي ٿو ته جيڪڏهن مشڪل کي مشڪل سمجهبو ته مشڪل لڳندو پر جيڪڏهن آسان سمجهبو ته آسان ٿي ويندو. جيستائين پاڻي کان ٻاهر رهبو ته ڊپ ٿيندو پر پاڻي ۾ لهڻ ڪانپوءِ ڊپ لهي ويندو.

(2)

**بدبوءِ ڪلن رڱڻ جي، گندن ڪمن ڪرڻ جي،**
**خوشبوءِ ٿي بدلجي، ماڻهو جڏهـــن هري ٿو.**

**سمجهاڻي**: هن بيت ۾ شاعر فرمائي ٿو ته جيئن ڪلن رڱڻ جو ڪم بدبودار آهي تيئن گندا ڪم به بدبودار ٿين ٿا. پر جيڪي ماڻهو انهن ڪمن تي هري وڃن ٿا تن لاءِ اها گندگي پڻ خوشبوءِ بڻجي وڃي ٿي.

(3)

**آفيم سنکيو ۽ ٻيا، جي زهـــــــــر قاتل آهن،**
**عادت سان ماڻهو تن جو، ڳنڊيو ڳهي وڃي ٿو.**

**سمجهاڻي**: هن بيت ۾ شاعر فرمائي ٿو ته ڪو ماڻهو آفيم، سنکيو يا ڪنهن ٻئي نشي ۾ مبتلا ٿئي ٿو ته اهي نشا زهر قاتل آهن پر عادت هئڻ سبب اهي نشا به ماڻهو ڳنڊيو ڪري ڪائي وڃن ٿا.

(4)

**ڊوڙن، نچن، رسيءَ تي، ليٽن، هٽن ٿا بازيون،**
**ٻئي جو متو ڦري ٿو ۽ هو متان ڪــــري ٿو.**

**سمجهاڻي**: هن بيت ۾ شاعر فرمائي ٿو ته جيڪي ماڻهو رسين تي نچن ۽ ليٽن ٿا سي انهيءَ ڪم ۾ مهارت رکن ٿا پر ٻيا ماڻهو انهن جي ڪرتبن کي ڏسن ٿا ته انهن جو متو ڦري ٿو.

(5)

**گهوڙا به گڏ ڊوڙائي، بيهي پٺن تي تن جي،**
**هڪلڻ لغام ڏاران، چهبڪ به هو هـــٽي ٿو.**

**سمجهاڻي**: هن بيت ۾ شاعر فرمائي ٿو ته بازيگر ٻن گهوڙن جي پٺين تي بيهي انهن کي ڊوڙائي ٿو ۽ انهن گهوڙن کي بغير لغام جي هلائي چهبڪ به هٽي ٿو.

(6)

**سيکو هنر يا حرفت آهي اول ۾ مشڪـــــل،**

**ورزش ڪان ڏکيو ڪم پيو، آخر ڏکيو ٿئي ٿو.**

**سمجهاڻي**: هن بيت ۾ شاعر فرمائي ٿو ته هر هنر يا ڪاريگري شروع ۾ ڏکيا ڪم لڳن ٿا پر ڪوشش ڪرڻ سان ورزش ڪان ڏکيا ڪم به سولا ٿي وڃن ٿا.

(7)

**دل ۽ دماغ جا ڪم، عضون ڪان گهٽ نه آهن،**

**هو ڪرامت ان ڪي، يـــا معجزو چـــوي ٿو.**

سمجهاڻي: دل ۽ دماغ جا ڪم جسم جي ٻين عضون ڪان گهٽ ناهن. ماڻهو ان کي ڪرامت يا معجزو چون ٿا حالانڪ انهن جو ڪم به انساني عضون ۾ شمار ٿئي ٿو.

(8)

**انسان روح آهي ۽ روح ٿيو خـــدائي،**

**قوت خدائي ان ڪي، جئن دل چوي ٿو.**

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر فرمائي ٿو ته حقيقت ۾ انسان روح سان آهي ۽ روح خدا جي ذات جي اصليت آهي. ان ۾ خدا جي طاقت سمايل آهي. اها طاقت جيئن چوي ٿي انسان تيئن ڪري ٿو.

(9)

**ڪي ناهي جو ان لئي، ممڪن هجي يا آسان،**

**نائب خليفو ان ڪي، پنهنجو خدا سڏي ٿـــو.**

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر فرمائي ٿو ته انسان لاءِ ڪو به ڪم ڏکيو نه آهي ڇو ته خدا انسان کي پنهنجو نائب (خليفو) سڏيو آهي.

(10)

**سجدو تڏهن ته ان ڪي، اصلئون ڪيو ملائڪ،**

**موتي به نيڻ حق سان، ماڻهو وجي ملـــي ٿو.**

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر فرمائي ٿو ته انسان جو مقام ڏسجي ته شروع ۾ ئي الله ملائڪن انهن کي سجدو ڪرايو وري به اوڏانهن ئي ڪيس موتي مالڪ حقيقي سان ملڻو آهي.

(11)

**پنهنجو شرف تون ذاتي، ڏس ڏيان سان، قليچا،**

**هل رستو سو هميشه، هت توکي جو نهي ٿـــو.**

سمجهاڻي:هن بيت ۾ شاعر فرمائي ٿو ته پنهنجو پاڻ کي چڱي طرح ڏس ۽ مرتبو سڃاڻ ۽ اهڙي چال هل جنهن سان تنهنجي عزت وڌي.

# شيخ عبدالله عبدالواسع "عبد" (1910ع_1983ع)

## قادر جي قدرت

(1)

**هي آسمان هي بلنديءَ تي نيلگون چـــادر،**
**ها ماهه ومهر جنهين تي مدارِ شام و سحر**

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر قادر جي قدرت جون نشانيون بيان ڪندي چوي ٿو ته هي آسمان جيڪو ڌرتيءَ مٿان ڇت بڻجو بيٺو آهي. ان جي بلنديءَ تي نيري رنگ جي چادر ڍڪيل آهي ۽ ان تي سج ۽ چنڊ جي روشني نمودار ٿئي ٿي. خود انهيءَ نظام سان صبح ۽ شام جي جو تعلق آهي.

(2)

**هي صبح جنهنجي ڏجي جُوي نور سان تشبيهه،**
**هي شام جنهنجي ڏجي زلف حور ســان تشبيهه.**

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو ته هي صبح جو نظام نور جي وهندڙ نديءَ جي مثل آهي ۽ شام جو وقت حور جي ڪارن وارن سان پيٽجي ٿو. اهي ٻئي نظارا الله پاڪ پنهنجي قدرت سان خلقيا آهن.

(3)

**شفقِ جي خون شهيـــدِ اداءِ شيرين جـــو،**
**هي ابر دونهن ڪنهين دل ڪيل ۽ غمگين جو.**

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر فرمائي ٿو ته سج جي لهڻ وقت جيڪا شفق جي ڳاڙهاڻ ظاهر ٿئي ٿي سا پرين جي شهادت جي خون جو رنگ آهي ۽ هي ڪارو ڪڪر ڪنهن ڏکويل دل جي دونهين جي تصوير آهي.

(4)

**هي برق جـــا تي تجليءِ حسن جي تنـــوير،**
**هي مينهن عاشق گريان جي حال جي تصوير.**

**سمجهاڻي:** هن شعر ۾ شاعر فرمائي ٿو ته آسمان ۾ جيڪا ڪنوڻ چمڪندي آهي اها به حسن جي تجلي جي روشني آهي ۽ مينهن وري عشق جي قتيل جي پنهنجي حال تي ڳوڙهن ڳاڙهڻ جي تصوير آهي.

(5)

**زمين هي، قدر ٿيو جنهن جو آسمان کان بلند،**
**جلي ٿو چرخ چهارم به جنهن تي مثل سپند..**

سمجهاڻي: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته آسمان توڙي جو بلند آهي پر زمين جو رتبو ان کان وڏيڪ آهي.ان شان کي ڏسي چوٽون آسمان به گاهه جيان سڙي رهيو آهي.

(6)

**هـــي سبزه زار زمين تي، زمر دين چادر،**
**هي آبشار، هي چانديءَ جو چشمۂ ڪوثر.**

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو ته هيءَ زمين جنهن تي ساوڪ اهي ۽ سائي چادر وڇايل آهي، ان ۾ جيڪا رونق آهي ۽ جبلن مان وهندڙ آبشارن جو پاڻي چاندي جيان صاف آهي اهو جيئن ته آبِ ڪوثر آهي.

(7)

**هي برف سان ڍڪيل چوٽيون ڪوهســـارن جون،**
**هي تن تي رانديون شعاعن جون، ماهه پارن جون.**

سمجهاڻي: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته هن ڌرتي تي برف سان پريل چوٽيون ۽ انهن تي پوندڙ سج جا ڪرڻا ڌرتيءَ جي وڏائي جا اهڃاڻ آهن.

(8)

**هوا هي ڏئي تي ٻهاري جا مرغزارن ۾،**
**هي روشني جا نظر تي اچي ستارن ۾**

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر فرمائي ٿو ته هي هوا جيڪا باغن مان گذري ٿي ۽ رات جو آسمان ۾ نظر ايندڙ ستارن جي روشني الله پاڪ جي قدرت جو هڪ دلڪش منظر آهن.

(9)

**نسيم صبح، هي مستي جو عاشقن کي پيام،**
**هواءِ شام، هي ڪنهن شوخ جو حسيـــن خرام.**

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر فرمائي ٿو ته صبح جي وقت لڳندڙ ٿڌڙي هير جڻ عاشقن کي مستيءَ جو پيغام ڏئي ٿي ۽ شام جي وقت جي هوا جڻ ڪنهن دلربا نازنين جي ناز و ادا آهي.

(10)

**هي نرم نرم صدا، شاعرِ غزل خوان جي،**
**هي مست ناز ادا، ساقيءَ بـــــهاران جي.**

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو ته غزل پڙهندڙ شاعر جو هي نرم ۽ دل ۾ پيهي ويندڙ آواز. ساقي جي مست ۽ ناز و ادا جي دلربا جيان آهي.

(11)

**سيئي هي قدرتِ قادر کي آشڪار ٿا ڪن،**
**اسان کي پنهنجي ڌرتيءَ ڏي وني ٿا هـــلن.**

**سمجهاڻي**: هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو ته اهي سمورا نظارا، ڏيک ۽ جلوا الله پاڪ جي قدرت کي ظاهر ڪن ٿا. اسان کي ان ۾ قدرت جا چٽا دليل نظر اچن ٿا. جنهن ڪري اسين پنهنجي رب کي راضي ڪرڻ ۾ اڳتي وڌون ٿا ۽ پنهنجي مالڪ ڏانهن رجوع ڪرين ٿا.

# شرط

(1)

**مسلمان! جيڪي ڪجهه تون چاهين، سو برابر ٿي پوي،**
**چيز بد تر به چوڻ تنهنجي سان بهـــتر ٿي پـــــوي.**

**سمجهاڻي**: هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو ته اي مسلمان! جيڪڏهن تنهنجو ڪامل ايمان آهي ته جيڪو ڪجهه تون چاهين سو ٿي سگهي ٿو ايتري قدر جو تنهنجي چوڻ سان خراب شيءِ به سٺي ٿي پوي ٿي.

(2)

**خاڪ کي مٺ ۾ رکين جي ته اها زر ٿي پوي،**
**سنگريزه جي کڻين هٿ ۾ ته گـــوهر ٿي پوي.**

**سمجهاڻي**: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته اي مسلمان! تون پنهنجي دين تي ثابت قدم رهين ته تنهنجي مٺ ۾ رکيل خاڪ به سوني ٿي پوندي ۽ اگر هٿ ۾ پٿريون کڻندين ته اهي ناياب موتي ٿي پوندا.

(3)

**لوهه اڻ گهڙئي تي ڦيرائين جي هٿ تون پنهنجا،**
**باليقين لوهه جو سو ٽڪرو به زيور ٿي پـــوي.**

**سمجهاڻي**: هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو ته اي مسلمان! تو ۾ عزم ۽ استقامت جي اهڙي ته قدرت آهي جيڪڏهن تون اڻ گهڙيل لوهه تي هٿ ڦيرائين ته اهو لوهه به زيور ٿي سگهي ٿو.

(4)

**تنهنجو الطاف جي غمخواري ڪري ساڻ اياز،**
**ته سو هر قسمتِ محمود و سڪندر ٿي پـوي.**

**سمجهاڻي**: هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو ته جيڪڏهن تون اياز جهڙي غلام جي مٿان پنهنجي شفقت جو هٿ رکين ته انجو نصيب بدلجي سگهي ٿو ۽ سندس بخت، محمود ۽ سڪندر جيان ٿي سگهي ٿو.

(5)

**ذره هيچ تي پرتوَ فگني جي تون ڪـــرين،**

**تہ سو ذرو بہ اُڏي شمس جو همسر ٿي پوي.**

**سمجھاڻي:** هن بيت ۾ شاعر فرمائي ٿو تہ اي مسلمان! تون پنهنجي عظمت ڪي ڏس تون جيڪڏهن ڪنهن ڪمتر ڪان شيءِ تي نظر ڪرين تہ اها شيءِ اڏامي وڃين سج جي برابر ٿيندي.

(6)

**جي وڃين نڪري تون ڪنهن جهنگ يا ويرانيءَ ۾،**

**تہ سو ويرانو عدن باغ جو هـــــڪ گهر ٿي پـــوي.**

**سمجھاڻي:** هن بيت ۾ شاعر فرمائي ٿو تہ اي مسلمان! جيڪڏهن تون جهنگ يا ويراني هليو وڃين تہ اهو ويرانو جنت جو باغ بڻجي وڃي. پر شرط اهو آهي تہ خلوص ۽ سچائي سان محنت ڪري.

(7)

**تيز طوفان ۾ جي روشن جي ڪرين تون ڪو چراغ،**

**تہ جهـــــــڪو ان جي اڳيان ماهِ مــــنوّر ٿي پـــوي.**

**سمجھاڻي:** هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو تہ اي مسلمان! تون اها هستي آهين جو جيڪڏهن تون طوفان ۾ ڏيئو ٻارين ان جي اڳيان چمڪندڙ چنڊ جي چانڊاڻ بہ جهڪي ٿي پوي.

(8)

**هي زميـــــــن چا ۽ انهيءَ تي رهڻ وارا چا،**

**تنهنجو تابع تہ قمر، شمس ۽ اختر ٿي پوي.**

**سمجھاڻي:** هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو تہ اي مسلمان! تنهنجي ايڏي تہ عظمت آهي جو فقط نہ زمين پر زمين تي رهندڙ مخلوق تنهنجي تابع ٿي سگهي ٿي. هي سج ، چنڊ ۽ تارا تنهنجا فرمانبردار ٿي سگهن ٿا.

(9)

**الغرض تنهنجو ارادو جيڪي چاهي سو ٿئي،**

**تنهنجا الفاظ چون جيڪي سو اڪثر ٿي پوي.**

**سمجھاڻي:** هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو تہ اي مسلمان! تون اها هستي آهين جو جنهن ڳالهہ جو ارادو ڪندين تہ اها ٿي پوندي ۽ جيڪي لفظ پنهنجي وات مان چوندين اهي ٿي پوندا.

(10)

**ها مگر شرط اهو آهہ تہ واپار ڪـــــــرين،**

**ديس پرديس گهمين، دفع هي ادبار ڪرين.**

**سمجھاڻي:** هن بيت ۾ شاعر فرمائي ٿي تہ اي مسلمان! تون پنهنجي تقدير بدلائي سگهين ٿوپر شرط اهو آهي تہ تون واپار ڪرين ۽ ڏيهہ ڏيهہ گهمي پنهنجي بدنصيبي ختم ڪر

# حڪيم نياز همايوني

## وطن جو ترانو

(1)

آباد رک خدايا! هـــــــي گلستان اسان جو،
اُجڙي نہ بادِ صرصر، ڪان بوستان اسان جو.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر حڪيم نياز همايوني الله پاڪ کي التجا ڪندي چوي ٿو تہ اي منهنجا مولا! اسان جي وطن کي آباد رک ۽ تيز هوائن کان اسان جي وطن کي محفوظ رک.

(2)

نازان رهن ٿا جنهن تي، شاهہ و غدا هميشہ،
آهي سو ملڪ بيشڪ، جنت سمان اسان جو.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو تہ هي وطن اهڙو آهي جنهن ۾ بادشاهہ ۽ فقير سيئي ناز ڪن ٿا. بيشڪ اسان جو هي وطن بهشت جهڙو آهي.

(3)

اوج و ڪمال اسان جو، دنيا ڏسي رهي آ،
آهي بلند سڀ کان، نام و نشان اسان جو.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو تہ اسين اها قوم آهيون جو اسان جي بلندي،ترقي ۽ ڪمال دنيا ڏسي رهي آهي. اسان جي سڃاڻپ ۽ نالو سڀني مٿانهون آهي.

(4)

مشڪل کي منهن ڏيڻ ۾، همت شڪن نہ آهيون،
اي آسمان! بلاشڪ، وٺ امتحـــــــــان اسان جو.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو تہ اي آسمان! تون چاهي اسان کان ڪيڏو بہ امتحان وٺ. اسان ۾ همت ۽ جذبو آهي. اسان مشڪل کان مشڪل حالتن کي منهن ڏيڻ ڄاڻون ٿا. اسين بي همت ناهيون.

(5)

جهولي هي سبز جهنڊو، جاهہ و حشم سان هر دم،
ڇانوَ ۾ ان جي پلجي، پير و جـــــوان اسان جو.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو تہ اسان جي پاڪ وطن جو پرچم سدائين شان و شوڪت سان ڦڙڪندو رهي ۽ ان جي سائي ۾ اسان جا بزرگ ۽ جوان سک جو ساهہ کڻن.

(6)

اڄڪلهہ "نياز" ان ۾، سڀ ڪجهہ ڏسون پسون ٿا،
آهي وطن اسان لئہ، گويا جهـــــــان اســـــان جو.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو ته اي نياز! اڄ ڪلهه اسين جيڪي ڪجهه آهيون اهو وطن جي ڪري آهيو. اسان جو وطن جڻ اسان لاءِ هڪ دنيا آهي جنهن ۾ اسان گهمون ڦرون ٿا. ڏسئون ۽ وائسون ٿا.

# فقير قادر بخش ”بيدل“

## (سسئي)

**هڪ ڏُکي، ٻيو ڏوکري، تيون تَتُسُ ڏينهن،**
**محبت سندو مينهن، ويچاري وسائـــــيو!**

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر قادر بخش بيدل سسئي جي حالت بيان ڪندي چوي ٿو ته هوءَ پنهونءَ جي ڳولا ۾ ڏونگري ڏوريندي رهي ٿي. ان وقت هوءَ محبوب جي وڇوڙي جي ماريل ۽ ڏکويل ته اڳ ئي هجي ٻيو وري پٿريلي زمين تي اچي ڏينهن تتس، تنهن ويچاريءَ کي هيڪاري پريشان ڪري ڇڏيو پر هن همت نه هاري ۽ پرينءَ جي وڇوڙي ۾ ڳوڙها ڳاڙيندي اڳتي وڌندي هلي.

## (نوري)

**نوريءَ نُور نِسهَرو، مُول نه مُهـــــــاڻي،**
**هِت هُت آهي انهيءَ سان، ڄامُ سمُــو ساڻي،**
**هُوءَ جا اڳهاڻي، تنهن مهاڻي مانُ لـــــڌو.**

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ڄام تماچي ۽ نوري جو عشقيه داستان بيان ڪندي چوي ٿو ته توڙي جو نوري اصل ۾ مهاڻي هئي پر هن ۾ اعليٰ اخلاقي گڻ هئا جو تماچي نظر ۾ نسورو نور هئي ان ڪري ڄام تماچي سان جت ڪٿ ساڻ هئي. ان مهاڻي پنهنجي سهڻي صورت ۽ سيرت سبب ايڏو ته مان لڌو جو ڄام سمي جي پُٽ جي راڻي بڻي.

## (سناسي)

**ڪُن ڪون اڳي ڪاٿهين، هو سناسيءَ جو سير،**
**نکو ڪرسي عرش هو، نکو زبر زيـــــر،**
**نکو پرينءَ پير، نڪا بوءِ بشر جـــــــي.**

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو ته جڏهن قادر مطلق اڃا ڪُن جي امر سان هي ڪائنات نه خلقي هئي تڏهن ڪنهن به شيءِ جي ڪا خبر نه هئي. نه ڪو عرش ڪرسي (آسمان) هئي نه هيناهين هئي ۽ نه مٿاهين هئي نه محبوب جو پتو هو نه وري ڪنهن بشر جي ڪا بوءِ هئي.

## (ماروي)

**مَليرئون مون ڏي مُڪـــــا، سرتين سنيها،**
**وساري ويهي رهينءَ قـــــول ڪيئي ڪيها،**
**پرين، پري ها، نہ تہ ويجها وســرن ڪين ڪي.**

**سمجهاڻي:** هن شعر ۾ شاعر مارئي جي زباني چوي ٿو تہ مون ڏي ملير مان منهنجي سرتين (ساهيڙين) جا نياپا آيا آهن. انهن مون ڏي ڏوراپا موڪليا آهن تہ عمر سومري جي ماڙين ۽ محلن ۾ رهي اسان کي وساري ڇڏيو آهي. تو جيڪي قول ڪيا هئا سي سڀ وساري ويهي رهين آهين. منهنجا پرين مون کان پري هئا نہ تہ جيڪر ويجها هجن ها تہ مون کان ڪونہ وسرن ها.

# ناول جو حصو

# جهان آراءِ

## جهان آرا جي فني اصولن جي روشني ۾ تنقيدي نوٽ
## يا
## جهان آرا ناول جي خوبين ۽ خاميـــن تي تنقيدي نوٽ

جهان آرا ناول، جيڪو پهريون ڀيرو 1931ع ۾ ڇپيو، محترم عبدالرزاق عبدالسلام جو لکيل آهي. هن ناول کي فني نڪتي نگاهه سان هڪ ڪامياب ناول چئي نٿو سگهجي، ڇاڪاڻ ته ناول نويس لاءِ جيڪي اصول ۽ پابنديون هونديون آهن، انهن جي روشنيءَ ۾ هي ناول نه پر هڪ قصو يا ڏند ڪٿا آهي. ناول جو مرڪزي خيال معاشري جي سڌاري يا اخلاق تي ٻڌل هوندو آهي، پر فاضل مصنف انهيءَ ڳالهه ڏانهن پورو توجه نه ڏنو آهي. اخلاقي سبق ته ڪنهن حد تائين چڱا ڏنا ويا آهن، پر ڪهاڻيءَ جو مرڪزي خيال فقيرن جي پوڄا ۽ انهن ۾ انڌو اعتقاد رکڻ بابت آهي. ايتري قدر، جو والدين جي ڏک ۽ سور، ناراضگي ۽ تڪليفن جو خيال نه ڪندي، درويش جي چوڻ تي حامد ۽ عابد والدين جي اجازت ڪانسواءِ ڪين وڇوڙيجو غم ڏيئي، پرديس هلايا وڃن ٿا ۽ اهڙو اطلاح والدين کي جلد نٿا موڪلين. ناول ۾ مصنف کي وقت، جاءِ، قوم ۽ مذهب جو خيال رکي، ناول جي ڪردارن جي تهذيب، تمدن، رهڻي ڪهڻي، لباس ٻولي وغيره به انهن نمونن جي پيش ڪرڻي پوندي آهي، پر هن ناول جي مصنف کان اهڙيون ڪيتريون ئي غلطيون ٿيون آهن. مثلاً: حامد "دالان" ۾ ويهي اخبار پڙهي رهيو آهي. هوڏانهن وري آڪاٽي جي وجود اخباري دور کان اڳ پيو نظر اچي.

ناول نويسي ۾ ڪردار نگاري هڪ اهم فن آهي، جنهن لاءِ ڪيترن ئي ڳالهين جو خيال رکڻو پوي ٿو. پر ناول نويس هتي ڪردارن سان سخت ناانصافي ڪئي آهي. جن ڪردارن کي پنهنجي خيال مطابق ساراهيو اٿس، وري انهن ئي ڪردارن کان اهڙا ڪم به ڪرايا اٿس جو پڙهندڙن جي دلين ۾ انهن لاءِ عزت نٿي رهي.

ناول لکڻ وقت ناول نويسي کي ناول جي سڀني ڪردارن مان ڪي مکيه ڪردار وڌيڪ اجاگر ڪرنا هوندا آهن، جن جي ڪردار سان ئي ناول جي ڪهاڻيءَ جي اوسر ٿيندي رهي ٿي، پر مصنف هن ناول ۾ ڪنهن به ڪردار کي مکيه ڪري ظاهر نه ڪيو آهي. ناول تي جهان آرا نالو رکي، هيڪاري مونجهاري ۾ وجهي ڇڏيو اٿس. مکيه ڪردار ته جهان آرا آهي پر جهان آرا جو ذڪر ناول جي اڌ بابن ڪانپوءِ ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن اهو ڪردار ناول مان ڪڍيو وڃي ته به ناول اڌورو نه لڳندو.

جهان آرا جي ڪردار مان مصنف عورتن کي وفادار ۽ مردن کي بيوفا ثابت ڪرڻ لاءِ دليل ۽ ثابتيون ڏئي پنهنجي خيال کي مضبوط بنائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي آهي. حقيقت اها آهي ته ناول نويس جهان آرا جي وفائي جي ڪا به ثابتي پيش نه ڪري سگهيو اهي، رڳو ايترو ته هن تي عشق جو ڀوت نون ورهين جي عمر ۾ سوار ٿيڻ ڪري اها بيمار تي پوي ٿي ۽ نيٺ مري پوي ٿي. انهيءَ مان عورت جي وفاداريءَ جي ڪابه ثابتي نٿي ملي ۽ نه وري جهان خان جي بيوفائي جو ڪو معقول ثبوت پيش ڪيو ويو آهي. انهيءَ مان ثآبت ٿئي ٿو ته ناول نويس، ڪردارن سان انصاف نه ڪري سگهيو آهي.

هڪ ناول نويس لاءِ اها ڳالهه به ضروري هوندي آهي ته منظر نگاري اهڙي ته سهڻي انداز ۾ ڪري، جيئن پڙهندڙن کي پاڻ کي انهيءَ جاءِ تي سمجهي، انهيءَ اصول کي مصنف ڪنهن حد تائين نڀايو آهي. محلاتن باغن، محفلن ۽ ڪچهرين جو ذڪر به دلڪش انداز ۾ ڪيو ويو آهي.

ناول ۾ ڪنهن ڪنهن جاءِ تي مثال طور مڪالمي ۾ ڪو نظم يا بيت ڪم آڻي سگهجي ٿو، پر اهو به مختصر طور تي، پر مصنف هت سڄا سارا غزل ڪم آڻي، ناول کي اجايو وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي . ان ڪان سواءِ هن ناول ۾ خاص خامي اها آهي ته هي نئين نسل کي اهو سبق ڏئي ٿو ته والدين جي حقن کي درگذر ڪندي دولت ۽ عهدن ماڻڻ لاءِ الله پاڪ جي ذات ڪان منهن موڙي فقيرن ۽ درويشن جي پويان لڳي، ته دنيا جو فائدو حاصل ٿيندو. مطلب ته نئين نسل کي فقير پرستي، خود غرضي ۽ لالچ جو سبق ڏنو ويو آهي.

ناول جي اصولن موجب، ناول جي ڪهاڻي مافوق الفطرت هئڻ گهرجي. پر هن ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ ڪيتريون ئي ڳالهيون فطرت ڪان بعيد آهن. مثآل طور: فقيرن جو غائب ٿيڻ وري نون ورهين جي ڇوڪريءَ کي عشق جي چوٽ لڳڻ جهڙيون ڳالهيون غير فطري آهن، ان ڪري هي ناول نه پر هڪ قصو آهي. انهن سڀني ڪمزورين باوجود ناول ۾ ڪيتريون ئي خوبيون به نظر اچن ٿيون. پلاٽ ۽ ڪهاڻي وڻندڙ آهي. ان ڪان سواءِ ناول جي سڀ ڪان وڏي خوبي اها به آهي ته هن ۾ منظر نگاري ۽ سيرت نگاري اهڙي ته وڻندڙ انداز ۾ ڪئي وئي آهي، جو پڙهندڙ ايئن محسوس ڪرڻ لڳي ٿو ته ڄڻ بيان ڪيل منظر هن جي اکين آڏو آهي.

مطلب ته هن ناول ۾ خاميون گهٽيون ۽ خوبيون گهڻ آهن، چاڪاڻ ته ناول جي فن پٽاندڙ گهڻ مواد ڏنو ويو آهي. ان ڪانسوءِ غير ضروري ۽ غير فطري ڳالهيون گهٽيون نظر اچن ٿيون، پر تنهن هوندي به هيءُ هڪ وڻندڙ ۽ دلچسپ ناول آهي. ٿي سگهي ٿو ته هي ناول پنهنجي دور ۾ هڪ اهم ناول ليکيو ويندو هجي.

# ڪردار

## جهان آرا

جهان آر، لطيف مالهيءَ جي اها بدنصيب ڌيءَ آهي، جنهن جي شخصيت ۽ ڪردار کي اپارڻ ۽ اجاگر ڪرڻ لاءِ هي ناول لکيو ويو آهي. هن ناول کي لکندي ناول نويس، جهان آرا جي سونهن ۽ سوڀيا جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته " جهان آرا، چمندي چاهر هئي. بس ايئن ڪٽي چئجي جهڙو چنڊ جو ٽڪڙو هئي. قدرت کيس حسن ته ڏنو هو پر مقدر ڪائنس رٺل هو. هن جي دل بادشاهه جي پٽ جهان خان کي چاهيو، پر اها ڳالهه سندس نصيب کي نه وڻي."

جهان آرا انهيءَ ساڳئي ڏينهن تي ڄمي ٿي، جنهن ڏينهن تي شهزادو جهان خان ڄمي پيدا ٿيو هو. جيئن ته جهان خان ۽ جهان آرا هم عمر هئا، تنهن ڪري بادشاهه جي حڪم تي لطيف مالهي پنهنجي ڌيءَ کي محلات ۾ شهزادي سان راند روند ڪرڻ لاءِ موڪليندو هو. اهڙي طرح جهان آرا ننڍپڻ جا ڪيترائي ورهيه جهان خان سان راند روند ڪندي توڙي مڪتب ۾ علم پرائيندي گڏجي گذاريا ۽ جيئن ئي ڪجهه سمجهدار ٿي ته هن جي دل ۾ جهان خان لاءِ محبت پيدا ٿي، پر سندس پيءُ نون ورهين جي عمر ۾ ئي کيس پردي ۾ ويهاري ڇڏيو. اها ڳالهه جيتوڻيڪ جهان آرا کي نه وڻي، پر حيا ۽ ادب جي دامن کي هٿان نه ڇڏيائين ۽ پنهنجي پيءُ جي هر حڪم کي مڃيندي صبر سان جدائي جا سور سهندي، پنهنجي اندر جو احوال ڪنهن سان به نه سليائين. وقت گذرندو ويو سندس دل گهريو دوست جهان خان کيس وساريندو ويو، پر جهان آرا پنهنجي معصوم محبت کي دل ۾ ساندييندي رهي. ايتري قدر جو محبت جي مچ سندس حال هيٺو ڪري ڇڏيو.

لطيف مالهي پنهنجي نياٽيءَ جو حال ڏسي، سندس گهڻا ئي علاج ڪرايا پر عشق جي باهه کي وسائڻ لاءِ سُتين ڦڪين ڪو به فرق نه ڪيو ۽ عشق جي اوڙاهه جا اولڙا وڌندا ويا. ويتر جو پنهنجي دل واري دوست جي شاديءَ جو ٻڌائين ته سندس اندر ۾ دردن جو دونهون دکڻ لڳو.۽ انهي درد جي دونهين کيس ٿوري ئي وقت ۾ کيس جلائي رک ڪري ڇڏيو ۽ آخري پساهه سان پنهنجي محبوب جو نالوزبان تي آندائين.

مطلب تہ، ناول نويس جهان آرا جي روپ ۾ هڪ بلند اخلاق سنڌي نينگريءَ جو ڪردار اسان جي آڏو رکيو آهي، جيڪا مائٽن جي عزت ۽ مان مٽان پنهنجي محبت قربان ڪندي ، سر صدقو ڪري ڇڏي ٿي، پر پنهنجي پيءُ کي ٻين جي آڏو ڪنڌ جهڪائڻ تي مجبور نٿي ڪري.

# جهان خان

جهان خان، ناول جو ٻيو مکيہ ڪردار آهي، جيڪو هڪ درويش جي دعا سان ڄميو ٿو ۽ ڪيس وڏي لاڏ ڪوڏ سان پاليو وڃي ٿو. حامد ۽ عابد سندس تربيت ۽ تعليم لاءِ پنهنجو پاڻ پتوڙين ٿا.

جيئن تہ جهان آرا ، شهزادي جي هم عمر هئي، انهيءَ ڪري بادشاهہ جي حڪم سان لطيف مالهي پنهنجي نياڻي کي جهان خان سان گڏ راند روند ڪرڻ لاءِ محلات ۾ موڪلي ٿو، جتي اهي ٻئي گڏ راند روند سان گڏ مڪتب ۾ تعليم بہ وڏي چاهہ سان حاصل ڪن ٿا. انهيءَ دوران منجهن پيار ۽ پريت وارو جذبو وڌندو رهيو. اها ڳالهہ لطيف مالهيءَ کي نہ وڻي ۽ هن غيرت وچان پنهنجي نياڻيءَ کي نون ورهين جي عمر ۾ پردي ۾ ويهاري ڇڏيو.

جهان آرا جي پردي ۾ قيد ۽ بند ٿيڻ تي جهان خان کي ڏاڍو ڏک ٿئي ٿو ۽ ڪيترن ئي ورهين جي محبت کي هڪ پل ۾ وسارڻ سندس وس کان ٻاهر هو، پر ٻالڪپڻي سبب بيوس ۽ مجبور هو. جيڪر سندس وس ۾ هجي ها تہ ايئن هر گز ٿيڻ نہ ڏئي ها، پر جيئن تہ انسان پنهنجي فطرت تي ٻڌل هوندو آهي، انهي پٽاندڙ وقت جي گذرڻ سان گڏوگڏ جهان خان بہ جهان آرا کي وساريندو ويو. ايتري قدر جو سندس دل جي دفتر تان جهان آراء جو نالو هميشہ لاءِ مٽجي وڃي ٿو ۽ هي پنهنجي شاهاڻي شان ۾ غرق ٿي، وقت جون گهڙيون گهاريندي جواني جي موجن ۾ مگن ٿي شادي ڪري، بادشاهي مشغولين ۾ مشغول ٿي ويو. انهيءَ پوري عرصي دوران جهان خان پنهنجي ننڍپڻ جي محبت کي ڪڏهن بہ نہ ساريو. ايتري قدر جو جڏهن جهان آرا پويان پساءَ کڻي رهي هئي، تڏهن بہ سندس سار سنڀال نہ لڌائين، پر انهيءَ جي برعڪس جهان آرا سندس محبت کي سيني ۾ سانديندي ساهہ ڏئي ڇڏي ٿي.  پر جهان خان پنهنجي شان ۽ شادمانين ۾ غرق رهي، هڪ بيوفا شهزادي جو پورو پورو ڪردار ادا ڪري ٿو. جهان آراءَ جي موت تي بہ سندس اکين مان ڏک جو ڳوڙهو نٿو ڳڙي. انهيءَ ريت مرد فطري سخت دلي  ۽ خود غرضيءَ جو مظاهرو ڪري ٿو.

مطلب تہ ناول نويس، جهان خان جي ڪردار کي ناول ۾ صحيح ۽ درست ظاهر ڪيو آهي، ڇاڪاڻ تہ فطري طرح مرد، عورت جي مقابلي ۾ وڌيڪ سخت دل ۽ خود غرض ٿئي ٿو.

# لطيف مالهي

لطيف مالهي، ناول جو اهڙو مکيه ڪردار آهي، جيڪو جهان آرا جو پيءُ ۽ بادشاهه سلامت جي باغ جو مالهي پڻ آهي. بادشاهه جو مالهي هوندي به، هو هڪ جهوپڙي ۾ رهي ٿو، شاهي خاندان جي خدمت ۾ رهندي به، پنهنجي اصليت ۽ حيثيت کي نٿو وساري، پاڻ غريب ضرور آهي پر غيرت ۽ مردانگيءَ جو ڪليل ثبوت آهي، جو سندس نياڻي جي بادشاهه جي پٽ جهان خان سان گڏ شاهي محلات ۾ رهڻ يا ان سان گڏ علم پرائڻ تي فخر ڪرڻ بدران سندس دل اڏاما ڪائيندي رهي ٿي.

لطيف مالهي جيئن ئي باغ ۾ گلن جي نگهباني ڪندو هو، تيئن پنهنجي عزت ۽ عيال جي سنڀال پڻ ڪندو هو. سندس اندر گلن جيان پاڪ ۽ صاف هوندو هو. سندس عقل، ڏاهپ ۽ سيني جي سچائيءَ کان بادشاهه توڙي عابد ۽ حامد ڏاڍو متاثر هوندا هئا.

لطيف مالهيءَ کي جڏهن پنهنجي نياڻي جهان آرا جي محبت جي خبر پوي ٿي ته هو خوش ٿيڻ بدران پنهنجي نياڻيءَ کي هميشه جي لاءِ پنهنجي غربت ۽ غيرت جي پردي ۾ ويڙهي ويهاري ڇڏي ٿو ۽ جڏهن جهان خان جي شادي ڪرڻ تي جهان آرا جي دل ٽُٽي پوي ٿي ته اهڙي حادثي تي پنهجي نياڻي جي سورن کي صبر سان سيني ۾ سانديندي ڳوڙهو نٿو ڳاري ۽ رب جي رضا تي راضي رهي ٿو.

ناول ۾ لطيف مالهي جي ڪرادر کي تمام گهڻو اجاگر ڪيو ويو آهي. هو هڪ غريب انسان آهي ۽ هڪ جهوپڙيءَ ۾ رهندي به پنهنجي غيرت ۽ عزت کي برقرار رکي ٿو. ساڳي وقت لطيف مالهيءَ جو هڪ اهڙو سچو ۽ سهڻو ڪردار آهي، جيڪو غريب هوندي به، پاڻ کي دنيا جي دردن کان آجو رکي ٿو۽ حلال روزي ڪمائي پنهنجي خوشحال زندگيءَ تي فخر ڪندو رهي ٿو.

مطلب ته، ناول نويس هن ڪردار کي آڏو رکي، اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته سچي خوشي ڪا دنيا جي دولت تي دارومدار نٿي رکي، پر حقيقي خوشي اصل محنت، همت، ايمانداري ۽ نيڪي، شرافت ۽ حلال جي ڪمائيءَ ۾ آهي.

# حامد

حامد، زاهد جو ننڍو پٽ ۽ عابد جو ننڍو ڀاءُ آهي ۽ هو ننڍپڻ کان ئي تمام ذهين ۽ سلڇڻو انسان هو. اجا ڏهن ورهين جو هو ته سندس عقيدتمندي هڪ درويش سان ٿئي ٿي ۽ پنهنجي تعليم حاصل ڪرڻ سان گڏو گڏ ڪيترائي سال درويش جي خدمت ڪندو رهي ٿو. جڏهن پندرهن ورهين جو ٿيو ته انهيءَ درويش جي چوڻ تي پڙهڻ ڇڏي سندس خدمت ۾ رهي ڪري، هن ڪيتروئي تاريخ توڙي علم و ادب ۽ منطق جو علم حاصل ڪيو ۽ آخر ڪار هڪ ڏينهن ان درويش جي چوڻ تي لڳي، مائٽن کي ٻڌائڻ ڪانسواءِ ئي درويش سان گڏجي رونق آباد هليو وڃي ٿو. انهيءَ شهر ۾ پهچڻ ڪانپوءِ اهو درويش هن کي اڪيلو ڇڏي اوچتو گم ٿي وڃي ٿو، اهڙي

حالت ۾ حامد ڏاڍو پريشان ٿئي ٿو، پر پوءِ همت ڪري اتان جي وزير اعظم سان ملي ٿو. وزير اعظم هن جي ذهانت کي ڏسندي پنهنجو منشي مقرر ڪري ٿو ۽ پوءِ بادشاهه جي مهربانين سان پهرين نائب وزير ۽ آخر ۾ وزير اعظم جي وفات کانپوءِ پاڻ وزير اعظم بڻجي ٿو ۽ پنهنجي ڏاهپ سان حڪومت جو ڪم ڪار اهڙي نه سهڻي نموني هلائي ٿو جو رعيت ۽ بادشاهه تمام گهڻو خوش ٿين ٿا، خاص ڪري بادشاهه سندس صلاحيتن کي ڏسي تمام گهڻو مهربان ٿئيس ٿو.

ڪجهه وقت کانپوءِ سندس ملاقات ساڳي ئي درويش سان ٿئي ٿي، جيڪو ڪيس رونق آباد وٺي آيوهو. حامد درويش سان ملي ڏاڍو خوش ٿئي ٿو، ۽ ڪيس بادشاهه سلامت ڏانهن وٺي وڃي ٿو، جتي درويش بادشاهه کي پٽ جي اولاد ٿيڻ لاءِ دعا ڪري ٿو. وري ڪجهه وقت کان پوءِ حامد جي ملاقات سندس وڏي ڀاءُ عابد سان ٿئي ٿي، جيڪو هن جي ڳولا ۾ هت پهچي ٿو ۽ پوءِ ٻئي ڀائر بادشاهه جي خدمت ۾ رهن ٿا. وري ڪجهه وقت کانپوءِ پنهنجي مائٽن کي پاڻ ڏانهن وٺي اچن ٿا.

ناول ۾ حامد جو ڪردار هڪ باصلاحيت، ذهين ۽ شريف انسان جو ڪردار آهي، جيڪو پنهنجي ذهانت ، ايمانداري ۽ محنت سان ترقي ڪندو بادشاهه جو وڏو وزير بڻجي ٿو. انهيءَ ڪردار مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته محنت، ذهانت ۽ ايمانداري اهڙا انساني عمل اهن، جن جي ڪري انسان پنهنجي منزل ماڻي سگهي ٿو.

# عابد

عابد، جهان ارا ناول جو مکيه ڪردار آهي، هي زاهد جو وڏو پٽ ۽ حامد جو وڏو ڀاءُ آهي. هي به هڪ ٻئي درويش جي صحبت ۾ اچي مائٽن کي ٻڌائڻ کانسواءِ پنهنجي ڀاءُ حامد جي ڳولا ۾ نڪري ٿو ۽ ڪيترن ئي ڳوٺن مان پڇندو ۽ رلندو، آخر ڪار رونق آباد پهچي ٿو. جتي سندس ننڍو ڀاءُ حامد، بادشاهه سلامت جي وزير خاص جي حيثيت سان رهي ٿو. عابد پنڌن جو ٿڪايل ڪجهه آرام ڪرڻ جي خيال سان حامد جي در تي ويهي رهي ٿو، جتي سندس ڀاءُ حامد ڪيس سڃاڻي وٺي ٿو، ۽ ڪيس ٻڌائي ٿو ته آئون تنهنجو ننڍو ڀاءُ آهيان. انهيءَ اوچتي ميلاپ ۽ ملاقات تي ٻئي ڀائر ڏاڍا خوش ٿين ٿا. ۽ پوءِ حامد هن کي بادشاهه سلامت سان ملاقات لاءِ دربار ۾ وٺي وڃي ٿو. انهيءَ ڏينهن تي بادشاهه سلامت کي پٽ ڄمڻ جي خوشيءَ ۾ سڄي شهر کي سينگاريو وڃي ٿو. عابد ۽ حامد انهيءَ خوشيءَ ۾ شريڪ ٿي بادشاهه کي پٽ جون مبارڪون ڏين ٿا. جنهن تي بادشاهه ڪين پوشاڪون عطا ڪري ٿو ۽ عابد سان پڻ ملي خوشيءَ جو اظهار ڪري ٿو ۽ ساڳي وقت عابد جي اخلاق ۽ دانائي کان به ڏاڍو متاثر ٿئي ٿو.

عابد بااخلاق ۽ محبت پريو انسان هئڻ سبب ٿوري وقت ۾ سڀني کي ڏاڍو متاثر ڪري ٿو. هي ايتري قدر سک پريو سچو انسان آهي جو لطيف جهڙي غريب مالهي سان به ڏاڍي همدردي ڪري ٿو. جڏهن لطيف مالهيءَ کي ڌي ڄمي ٿي ته ان جو نالو جهان آرا پڻ عابد ئي رکي ٿو.

عابد ڪيترائي ڏينهن حامد وٽ رهڻ کانپوءِ پنهنجي مائٽن کي خط لکي ٿو، جنهن ۾ حامد جي ملڻ ۽ سندس رتبي متعلق سڀني ڳالهين جو پورو احوال ڄاڻائي ٿو . انهيءَ وقت ڪيس ساڳي ئي

درويش جو خيال اچي ٿو جنهن سان گڏجي هي پنهنجي گهران نڪري ٿو ۽ آخرڪار درويش ڪي ڳولي بادشاهه جي خدمت ۾ وٺي اچي ٿو، جتي بادشاه ان درويش کي سڃاڻي ٿو، ته هي منهنجو وڇڙيل ڀاءُ آهي، جيڪو فقيري اختيار ڪري گهڻو وقت اڳ هتان هليو ويو هو، جنهن ڪانپوءِ بادشاهه جي چوڻ تي ٻئي ڀائر وڃي پنهنجي مائٽن ڪي پاڻ وٽ وٺي اچن ٿا ۽ آرام ۽ سڪون جي زندگي بصر ڪن ٿا.

مطلب ته ناول نويس، عابد جي ڪردار کي ٻه چڱو اڀاريو آهي ۽ سندس علم ۽ عقل، محبت ۽ مروت، خلوص ۽ اخلاق جي واکاڻ ڪئي آهي. حقيقت ۾ اهي خوبيون انسان کي انسانيت جو درجو عطا ڪن ٿيون.

# گرامرجوحصو

## 1 . اسم:

اسم عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنیٰ آهي "نالو". ڪنهن ماڻهوءَ، شيءِ، جاءِ، ڪم، حالت ۽ خاصيت جي نالي کي اسم چئبو آهي.

**مثال:**

اڪبر، ڪرسي، اسڪول، لڪت، اميري، هوشياري وغيره وغيره

## 2. ضمير:

ضمير معنیٰ "عيوضي". اهڙا لفظ جيڪي اسم جي بدران ڪم اچن تن کي ضمير چئبو آهي.

**مثال:**

مان، تون، توهان، اوهان، هِن، هُن وغيره.

## 3. صفت:

صفت معنیٰ ساراهه. اهڙا لفظ جيڪي اسم جو گڻ ، او گُڻ، انداز، مقدار يا رنگ ٻڌائن تن کي صفت چئبو آهي.

**مثال:**

سٺو، هوشيار، ڄڏو، چالاڪ، ننڍو، وڏو، اٺ، نُوُ، ڪجهه، گهٽ، وڌ، ٿورو، گهڻو وغيره.

## 4. فعل:

فعل معنیٰ "ڪم". اهڙا لفظ جيڪي اسم جو، ضمير جو ڪم يا عمل ظاهر ڪن ته ان کي فعل چئبو آهي.

**مثال:**

آيو، ويو، لکيو، پڙهيو، ڪيو، ماريو وغيره.

## 5. ظرف:

ظرف معنيٰ "ٿانءُ". اهڙا لفظ جيڪي اسم جي صفت، فعل يا ٻئي ظرف سان شامل ٿي ان جي ريت قدر، انداز، هاڪار ۽ ناڪار ۽ وقت ظاهر ڪن تن کي ظرف چئبو آهي.

**مثال:**

آهستي، ڪالهه، جيڏانهن، تيڏانهن، اڄ، سياڻي،تيز، هائو، نه هيٺ، مٿي وغيره.

## 6. حرف جر:

جر معنيٰ "ڪشش يا ڇڪ". اهڙا لفظ جيڪي جملي ۾ اسم يا ضمير جي پٺيان ڪم اچن. ان جو تعلق جملي جي پوئين اسم يا ضمير سان ڏيکاريندا آهن

**مثال:** جو، جا، جون، سان، جي، کي، ۾ وغيره.

## 7. حرف جملو:

اهڙا لفظ جيڪي ٻن لفظن، ٻن جملن يا جملي جي ٻن حصن کي پاڻ ۾ ملائن ته انهن کي حرف جملو چئبو آهي.

**مثال:** مگر، ته، البته، اگر، پر، ٻه، پڻ، يا، اگرچه وغيره.

## 8. حرف ندا:

ندا جي معنيٰ "سڏ يا دانهن". اهڙا لفظ جن مان ڏک، خوشي، دل جا اڌما، حيرت،عجب،ڏکاءِ، احساسات ۽ جذبات جو اظهار ڪري سگهجي ته ان کي حرف ندا چئبو آهي.

**مثال:**

او، ڙي، افسوس، واهه واهه، گهوڙا ڙي وغيره.

شال، مار

# اسم جا قسم

اسم جا ٻه قسم آهن.

1 . اسم ذات 2. اسم صفات

## 1 . اسم ذات:

اهڙيون شيون جن کي محسوس ڪري سگهجي پر انهن جو جسماني وجود نه هجي ته اهڙين شين جي نالن کي اسم ذات چئبو آهي.

**مثال:** الله پاڪ، خوشبو، اميري، غريبي، قسمت وغيره.

## 2. اسم صفات:

اهڙيون شيون جن جو وجود هجي ۽ جسماني طور نظر ٻه اچن ته ان کي اسم صفات چئبو آهي.
**مثال:** ڪرسي، چاڪ، ڪاپي، ماڻهو، وڻ وغيره.

# اسم صفات جا قسم

اسم صفات جا ٻه قسم آهن.

**(1لف) . اسم عام:** هڪ قسم جي لاتعداد شين کي اسم عام چئبو آهي
**مثال:** اسڪول، سپاهي، شاگرد وغيره

**(ب) اسم خاص:** اهڙو خاص نالو جيڪو ڪنهن شيءِ، جاندار، يا جاءِ کي سڃاڻڻ لاءِ لکيو وڃي. ان کي اسم خاص چئبو آهي.
**مثال:** تاج محل، لال مسجد، دي سٽي گرامر اسڪول وغيره.
**نوٽ:** اسم عام جي ننڍڙي صورت کي **اسم تصغير** چوندا آهن.
**مثال:** ڪُتُ مان ڪتڙي
ڪتاب مان ڪتابڙي
صندوق مان صندوقڙي وغيره

# ضمير جا قسم

1 . **ضمير خالص:** اهڙا ضمير جيڪي صرف انسان ذات لاءِ ڪم ايندا آهن.
**مثال:** مان، تون ، هو، هن، اُهي وغيره

# ضمير خالص جا قسم

**(الف) . ضمير متڪلم:** اهڙا ضمير جيڪي ڳالهائيندڙ پنهنجي لاءِ استعمال ڪري.
**مثال:** آءٌ، مان، اسان وغيره.

**(ب) ضمير حاضر:** اهڙا ضمير جيڪي ڪو مخاطب پنهنجي مخاطب لاءِ استعمال ڪري.
**مثال:** توهان، تون وغيره.

**(ج) ضمير غائب:** اهڙا ضمير جيڪي ڳالهائيندڙ ان لاءِ استعمال ڪري جيڪو گفتگو ۾ شامل نه هجي.
**مثال:** هو، اهي، انهن وغيره.

-

2. **ضمير اشارو**: اهڙا ضمير جيڪي ڪنهن شيءِ ڏانهن اشارو ڪن تن کي ضمير اشارو چئبو آهي.

**مثال:** هيءَ، هوءَ، اهو، اهي، هن وغيره.

3. **ضمير استفهام**: استفهام معنیٰ آهي سوال ڪرڻ يا پڇا ڪرڻ. اهڙا لفظ جيڪي سوال پڇڻ لاءِ ڪم اچن تن کي ضمير استفهام چئبو آهي.

**مثال**: ڇا، ڇو، ڪڏهن، ڪنهن وغيره.

4. **ضمير مشترڪ**: مشترڪ معنیٰ ”شريڪ ٿيڻ“. اهڙا ضمير جيڪي اسمن ۽ ضمير خالص سان خالصاً ۽ ٻين ضميرن سان عمومًا گڏ استعمال ٿين ته انهن کي ضمير مشترڪ چئبو آهي.

**مثال**: پاڻ، خود، پاڻ ئي پاڻ وغيره

5. **ضمير مبهم**: اهڙا ضمير جن جي باري ۾ خبر نه پئجي سگهي ته ڪهڙي اسم جي بدران ڪم آيل آهن ته اهڙن ضميرن کي ضمير مبهم چئبو آهي.

**مثال**: ڪو، ڪا، ڪي وغيره

6. **ضمير موصول**: موصول معنیٰ ”وصول ڪندڙ، ڳنڍيندڙ“. اهڙا ضمير جيڪي اسم جي بدران ڪم اچي هڪ جملي ۾ اسم جو تعلق يا جملي جي حصي جو تعلق ٻئي جملي يا ٻئي حصي سان حاضر ڪن.

**مثال**: جيڪو، جيڪي، جنهن وغيره.

7. **ضمير جواب موصول**: اهڙا ضمير جيڪي ضمير موصول جي جواب ۾ ڪم اچن ۽ پنهنجو تعلق جملي جي پهرين حصي سان ظاهر ڪن تن کي ضمير جواب موصول چئبو آهي.

**مثال**: سو، سا، سي، تنهن، تن وغيره.

# فعل جا قسم

1 . **فعل معاون**: معاون : مددگار

اهڙا مددي فعل جيڪي هر قسم جي فعل جي مدد ڪن ۽ ان جي غير موجودگيءَ ۾ جملا پنهنجي خصوصيت وڃائي ويهن.

**مثال**: مون وٽ ڪجھ ڪتاب آهن.

آهن، آهي، هوندا، هونديون، ٿيندو وغيره

-

### 2. فعل لازم:

اهڙا فعل جيڪي اهڙا ڪم ۽ خصوصيتون ڏيکارين جن جو لاڳاپو فاعل سان هوندو آهي ۽ هن ۾ مفعول نه هوندو آهي.

**مثال:** مان ڪيڏان ٿي. هوا لڳي ٿي.

### 3. فعل معتدي:

هي اهڙا فعل آهن جيڪي ڏيکارين ٿا ته فاعل ڪم ڪن ٿا ۽ ان ڪم جو اثر ڪنهن ٻئي تي ٿئي ٿو. (هن ۾ فاعل مفعول ۽ فعل چٽا ۽ واضع هوندا آهن)

**مثال:** مان راند ڪيڏان ٿي.

## فعل متعدي جا قسم

**(الف) متعدي معروف:** اهڙا فعل جن ۾ فاعل ۽ مفعول واضع هوندا آهن.

**مثال:** حنا ڪهاڻي لکي ٿي.

**(ب) فعل متعدي مجهول:** هن فعل ۾ فاعل لڪيل نه هوندو آهي ۽ مفعول فاعل جي جاءِ وٺندو آهي.

**مثال:** انب پٽيا وڃن ٿا.

**(ج) متعدي معروف باالواسط:** فعل جي هن قسم ۾ فاعل پاڻ ڪم نه ڪندو آهي پر ٻئي کان ڪرائيندو آهي.

**مثال:** ارباب گهر نهرائي ٿو.

### 4. فعل اڪرترڪ:

اهڙا فعل جن ۾ فاعل بلڪل نه هوندا آهن ۽ گهڻو ڪري حقيقي ۽ قدرتي يا فطرتي فعل هوندا آهن.

مثال: ساهه ڪٽجي ٿو. خوشبوء اچي ٿي.

ماني ڪارائبي. سياڻي ملبو.

# ظرف جا قسم

**1 . ظرف زمان:**

اھڙا ظرف جيڪي وقت جي معنيٰ ڏيکارين

مثال: اڄ، سڀاڻي، سال بسال، ڪالھ وغيره

**.2 ظرف مڪان:**

اھڙا ظرف جن مان اسم جي جاءِ جي خبر پوي.

مثال: ھيٺ، مٿي، اڳيان پويان، ٻاھر، اندر وغيره.

**.3 ظرف تميز:**

اھڙا ظرف جيڪي ريت، قدر، طريقو، ھاڪار ۽ ناڪار ظاھر ڪن.

مثال: مسَ مسَ، جيئن تيئن، ھرو ڀرو، ھائو، نہ نہ وغيره.

# صفت جا درجا

**1 . صفت خالص:**

اھڙيون صفتون جيڪي صرف "مطلق اسم" جو گڻ، اوَ گڻ، انداز يا مقدار وغيره ٻڌائين.

( ھن ۾ ڪنھن ٻئي اسم سان ڀيٽ نہ ڏيکاريل ھوندي آھي).

مثال: ھير ھوشيار ڇوڪري آھي. ٽي وي خراب آھي.

**.2 صفت تفصيل:**

ھيءَ صفت ھڪ اسم يا ضمير جي ٻئي اسم يا ضمير سان ڀيٽ ڪرڻ وقت ڪم ايندي آھي.

مثال: دلنواز، راشد کان وڌيڪ ڏگھو آھي.

**.3 صفت مبالغو:**

ھڪ اسم جي ڀيٽ ساڳي جنس جي گھڻين شين سان ڪئي وڃي تہ ان کي صفت مبالغو چئبو آھي.

مثال: بشريٰ سيني ڇوڪرين کان ھوشيار آھي.